# بُلبلِ سنتؔ



مؤلف:
شیخ محمد ابراھیم 'خلیل'

امرتا

# بُلبلِ سنڌ

[ رئيس شمس الدين بُلبل جي صد سالہ ورسيءَ
جي موقعي تي خاص اجراءَ]

SHAMSUDDIN BULBUL FOUNDATION


## شيخ محمد ابراهيم "خليل"



امرتا

پبليڪيشنس، حيدرآباد

2015ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Amerta's Book No. 26

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻلبلِ سنڌ (رئيس شمس الدين ٻلبل جي صد ساله ورسيءَ جي موقعي تي خاص اجراء)
ليکڪ: شيخ محمد ابراهيم "خليل"
سهيڙ: ضيا الدين شمس الدين "بلبل"
مالي معاونت: بيگم رفعت مشرف ابڙو
ڇاپو پهريون: سال 2015ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
ڇپيندڙ: امرتا پبليڪيشن حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: ڍول فقير فائونڊيشن – سنڌ
انٽيل ڪميونيڪيشن، 9– ربي چيمبر،
ڪورٽ روڊ حيدر چوڪ، حيدرآباد
قيمت: 500.00 روپيا

Bulbul-e-Sindh
WRITER: Shaikh Mohammad Ibrahim "Khalil"
Compiled: Ziauddin Shamasuddin "Bulbil"
Financed by: Begum Rafhat Musharif Abro
Composed by: Habib Qadir Qureshi
Printed by: Amerta Publication Hyderabad
Published by: Dhol Faqir Foundation, Sindh
Intel Communication, 9- Rabi Chamber,
Court Road, Hyder Chowk, Hyderabad
First Edition © Amerta 2015
Price: Rs.500.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ


| | | |
|---|---|---|
| ❖ اداري پاران | — فقير محمد ڏول | 5 |
| ❖ پنهنجي پاران | — بيگم مشرف ابڙو | 7 |
| ❖ بلبلِ سنڌ جو نئون ايڊيشن | — شمس ابنِ ضيا ابن بُلبل | 9 |
| ❖ عرضِ حال | — خليل حيدرآبادي | 14 |
| ❖ ديباچه | — محمد بخش واصف حيدرآبادي | 17 |
| ❖ بلبل مرحوم سنڌي مفڪر جي حيثيت ۾ | | 21 |
| ❖ نالو ۽ خاندان | | 33 |
| ❖ بلبل جو سنِ پيدائش ۽ وفات ۽ هن جي تعليم | | 36 |
| ❖ بلبل جي قابليت ۽ قومي خدمتون | | 37 |
| ❖ بلبل جي صحافتي حيثيت | | 58 |
| ❖ بلبل جو اخلاق، مذهب ۽ عادت | | 67 |
| ❖ بلبل جا تصنيفي ڪارناما | | 69 |
| ❖ بلبل جي شاعري | | 76 |
| ❖ انگريزيءَ ڏي رُغبت ڏيارڻ | | 79 |
| ❖ مذهبي پيشوا انگريزيءَ جي برخلاف | | 84 |
| ❖ انگريزي پڙهڻ جي ترغيب | | 86 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مسلمانن جو انگريزي تهذيب کي ڇهڻ جو نقشو 89
- بلبل جي شعرن ۾ اصلاحي پهلو 91
- بلبل جي شاعريءَ جا قسم 101
- بلبل جو عاشقانه ڪلام 104
- بلبل جي ڪلام ۾ تصوف 114
- بلبل جي ڪلام ۾ تضمين جو فن 118
- بلبل قصيده گو جي حيثيت ۾ 123
- بلبل جي شاعرانه خصوصيت 145
- بلبل نثر نويس جي حيثيت ۾ 153
- ضميمو (صاحبِ مضمون جو نوٽ) 173
- شمس العلماء ملڪ الشعراءِ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل 174


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

سنڌ سڄي اهڙين شخصيتن سان ڀري پئي آهي، جن پنهنجي ڪم ۽ دم سان سنڌ جو ڳاٽ اوچتو ڪيو ۽ سنڌ کي سينگاري ڇڏيو پر اهڙين شخصيتن ۾ وري شمس الدين بلبل اهڙي شخصيت آهي، جنهن پنهنجي علم، قلم ۽ عمل سان سنڌ لاءِ وڏو ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي نئين سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي تاريخ رقم ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏيائين. ٻلبل سائين هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو. هُن پنهنجي زماني ۾، جڏهن سنڌ ترقيءَ جي حوالي سان پنتي پيل هُئي ۽ سياسي حوالي سان بہ ڪا گهڻي سُوجهہ ٻُوجهہ رکندڙ شخصيتن جي گهڻائي بہ ڪونہ هُئي، تڏهن هُن نہ رڳو پنهنجي تر ۾، ماڻهن منجهہ علمي ادبي ۽ سياسي شعور جي آگاهي لاءِ عملي طرح جدوجهد ڪئي پر هُن هڪڙي اڳواڻ طور ڪم ڪندي رهنمائيءَ وارا فرض بہ پنهنجي سِر کنيا ۽ اهم تحريڪن جي سنڌ ۾ پنهنجي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي بصيرت سان نگراني بہ ڪئي تہ رهنمائي پڻ ڪئي.

هُن پنهنجي گهر ۾ هڪڙي ڪُتبخاني جو بنياد پڻ رکيو جنهن منجهہ ڪتابن جو ذخيرو اُن زماني جي حوالي سان تہ تمام گهڻو هو پر هن زماني منجهہ بہ اڄڪلهہ جي ڪتبخانن کان اُهو ذخيرو جي وڌ ناهي تہ گهٽ بہ يقينن ڪونهي.

بلبل سائينءَ پنهنجي حياتيءَ منجهہ سادگيءَ کي سيني سان لائي رکيو ۽ هُن غريب ۽ اٻوجهہ ماڻهن جي فلاح ۽ بهبود خاطر بہ اڻ ورج خدمت ڪئي، شاهہ سائينءَ جو هي شعر سندن شخصيت جي تمام سهڻي اُپٽار ڪري ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان جان هُئي جيئري، تان تان ورچي نہ ويٺي،
وڃي پوڻ پيئي، سارينڊيءَ کي سڄڻين.

سنڌ کي بُلبل سائينءَ جهڙين بي مثل ۽ اُملهہ شخصيتن جي اڄ بہ اوس ضرورت آهي، جيڪي سنڌ جي موجوده سياسي سماجي ۽ علمي ادبي حالتن کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي بصيرت سان ۽ دوراند يشيءَ سان سنڌ جي سرواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪري سگهن.

اسان "امرتا" پبلڪيشن حيدرآباد پاران سنڌن هن ڪتاب "بلبلِ سنڌ" جي نئين سر اشاعت کي پاڻ لاءِ اعزاز سمجهون ٿا ۽ اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان کي بہ اسان جي هيءَ ڪاوش ضرور پسند ايندي. اوهان جي راءِ جوا وسيئڙو رهندو.

نيازمند
فقير محمد ڍول
7 جولاءِ 2015ع
حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنھنجي پاران

مون کي فخر آهي تہ مان هڪ عظيم الشان شخصيت رئيس شمس الدين بلبل جي پوٽي آهيان. جنهن مان ۾ مريادا سان هن حياتي گذاري اهو هڪڙو احساس ئي منهنجي جياپي لاءِ ڪافي آهي. ڏاڏو شمس الدين بلبل، انسانيت جي خدمت لاءِ ۽ حياتيءَ جي اهم مقصدن ۽ حدفن لاءِ سچ پچ بہ بلبل جيان ٻوليندو هيو. هن باڪمال شخص، پنهنجي دؤر ۾ وطن جي خدمت جو جيڪو درد دل ۾ سمايو، اهو اڄ ڏينهن تائين بہ جاودان آهي ۽ سندس اولاد هئڻ جي حيثيت ۾، پنهنجي دؤر جي نياڻين جا اهنج سهنج محسوس ڪندي جيڪي ڪجھ مان ڪري رهي آهيان اهو بہ سچ پچ تہ ان جاودان درد جو تسلسل آهي.

اڄ تائين جيڪي بہ ماڻهو 'رئيس شمس الدين بلبل' سينٽر جي حوالي سان مليا انهن اهو سوال ضرور ڪيو آهي تہ توهان آخر هي سينٽر ڇو کوليو آهي؟ هن ۾ توهان کي نہ آرام آهي نہ ڪا مالي مدد ملي ٿي... مان انهن کي موٽ ۾ بہ ڳالهيون چوندي آهيان تہ منهنجو هڪ خواب هو جيڪو مون ڪاليج واري دؤر ۾ ڏٺو هو ان جي تعبير آهي، اهو سينٽر خدا جي طرفان تحفو آهي منهنجي جدوجهد جو.

منهنجي بابا جو نالو پنهنجي ڏاڏي جي نالي تي رکيل آهي. اسڪولي تعليم تہ مان حيدرآباد ۾ پڙهيس، پر جڏهن ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ لاڙڪاڻي ويس تہ اتي هر طرف اهو ٻڌم تہ بلبل توهان جو ڪير آهي جو بابا جو نالو ڏاڏا سائين تي آهي، پر اتي ڏاڏا جي حوالي سان مون کي ڪافي پيار ۽ عزت ملندي هئي بابا کان پڇڻ تي هن ڪافي ساريون ڳالهيون ٻڌايون. جن مان مون کي صرف ان ڳالھ متاثر ڪيو تہ اهي ماڻهو بنا ڪنهن لالچ ۽ مطلب جي صرف ۽ صرف انسانيت لاءِ ڪم ڪندا هئا.

ان عزت جي موٽ ۾ مون بہ دل جي گهرائين سان چاهيو تہ مان بہ ان جو نانءُ اوچو ڪيان، شايد ان ڪري مون اهو خواب ڏٺو جنهن جي تعبير هي سينٽر آهي ۽ اڄ واقعي ان سينٽر ۾ اهو سڀ ڪم ٿي رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي بنا ڪنهن لالچ ۽ مطلب ۽ بنا ڪنهن ٻئي جي سهڪار جي.

هتي مان پنهنجي گهر واري محترم مشرف الدين ابڙو جو ذڪر ضرور ڪرڻ چاهيان ٿي، جيڪو هڪ مثالي مڙس آهي. هُن کي مان سلام پيش ڪندم جو هن جي مدد کان سواءِ مان ڪجهه به نه ڪري سگهان ها. مالي مدد کان علاوه مارل سپورٽ تائين مون سان هميشه گڏ رهيو آهي. سندس جيتري به تعريف ڪيان گهٽ آهي.

تنهن کان پوءِ مان پنهنجي بابا سائين جي شخصيت کي پڻ سلام پيش ڪندم جنهن هر جڳهه تي منهنجو ساٿ ڏنو ان شرط تي ته 'پنهنجي ور کان پڇ اگر راضي آهي ته اسان راضي آهيون.'

منهنجي لاءِ منهنجو بابا سائين ۽ منهنجو گهروارو ٻئي تمام وڏو سهارو آهن. رب پاڪ جي سهاري کان پوءِ جيڪڏهن انهن جو ساٿ نه هجي ها ته مان ڪجهه به نه ڪري سگهان ها. مان دل جي حضور سان انهن ٻنهي جي شڪرگذار آهيان.

سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ ۾ 'شمس الدين بلبل فائونڊيشن' پاران قائم ڪيل اسان جي اداري جي حوالي سان هڪ اهم ڳالهه ته هن اداري ۾ اسڪالرشپ تي غريب ٻارن پڙهڻ شروع ڪيو آهي. جن مان گهڻن جا ماءُ پيءُ پورهيت آهن انهن ٻارن کي پڙهائيءَ جو شوق به آهي ۽ اسين انهن ٻارن جي پوري مدد ڪندا آهيون.

هن اداري ۾ هڪ مڪمل پيڪيج ايڊميشن کان ٽيوشن ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ تائين ڏنو ويجي ٿو. تنهن کانسواءِ شادي ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ، بيواهن کي راشن پهچائڻ ۽ يتيم ٻارن کي پڙهائڻ جو خرچ پڻ برداشت ڪيو ويجي ٿو. ڏٽيءَ در دعاگو آهيان ته شل اهو اسان جو پورهيو سندس حضور ۾ قبول پوي. آمين

مسز مشرف الدين ابڙو
سي. اِي. او
شمس الدين بلبل فائونڊيشن
آي ـ68 سنڌ يونيورسٽي،
ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي
فيز ـ ون، ڄامشورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلبلِ سنڌ جو نئون ايڊيشن

بلبلِ سنڌ جي نئين ايڊيشن جي هن وقت نهايت سخت ضرورت آهي. جناب ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" صاحب جي لکيل ڪتاب "بلبلِ سنڌ" کي شايع ٿئي اٽڪل 65 ورهيه گذري چڪا آهن. جنهن ڪري هي ڪتاب ناپيد نه تڏهن به ناياب ضرور ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع نه ٿيو ته هي ڪتاب ناپيد ٿي ويندو ۽ محترم شيخ صاحب جي سموري محنت به رائيگان ٿي ويندي ۽ حضرت بلبل متعلق لکيل سنڌس معلوماتي مواد به ضايع ٿي ويندو. ان ڪري بلبلِ سنڌ جو نئون ايڊيشن شايع ڪرائڻ موجوده وقت جي اهم ضرورت آهي.

محترم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب کي حضرت بلبل جي ننڍپڻ توڙي سندس آخري دؤر جي مڪمل معلومات ڪن مجبورين سبب ميسر ٿي نه سگهي. ان ڪري جيترو مواد کيس ملي سگهيو ان تي اڪتفا ڪري بلبل جي سوانح "بلبلِ سنڌ" ڇاپرائي ڇڏيائون مگر هن ڪتاب جي شروعاتي صفحن تي اهڙي شڪايت به لکي ڇڏي اٿن:

> ٻڌم حڪايتِ بلبل ته درميان مان ٻڌم
> نه ابتدا جي خبر ۽ نه انتها معلوم.

راقم التحرير جو خيال هو ته حضرت بلبل جي سوانح متعلق جيڪو هُن جامع ڪتاب لکيو آهي مگر اجا شايع نه ٿيو آهي ان جا چند ضروري باب جهڙوڪ (1) بلبل جي ولادت, نالو ۽ ابتدائي تعليم (2) بلبل جو خاندان ۽ ذات (3) بلبل جون شام جون مصروفيتون (4) بلبل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۽ سيرت وغيره هن ڪتاب (بلبل سنڌ جي نئين ڇاپي) ۾ شامل ڪري ان جي موجوده ڪميءَ کي دور ڪري ڪتاب کي بهتر ۽ مڪمل ڪجي محترم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جي شڪايت کي ڏور ڪرڻ جي حوالي سان ڪجهه ضروري مضمون ضميمه ۾ شامل ڪري اصل ڪتاب کي مڪمل ۽ جامع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جا قارئين ڪرام کي پسند ايندي.

هونءَ به حضرت بلبل متعلق راقم الحروف جا تمام گهڻا مضامين ڪراچيءَ جي روزانه اخبارن جهڙوڪ جنگ، نوائي وقت ۽ جسارت جي اسپيشل ايڊيشنس ۽ مڊ ويڪ ميگزين ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سنڌي اخبارن توڙي اردو ۽ سنڌي جي سماهي ۽ ماهانه ميگزينس جهڙوڪ 'رهبر ڊائجسٽ'، 'مهراڻ'، 'نئين زندگي'، 'سنڌ' ۽ 'اردو زبان' وغيره ۾ مڪمل احوال ڏنو ويو آهي.

منهنجي وڏي نياڻي رفعت سلطانه جنهن جي شادي منهنجي ننڍي همشيره جي فرزند محترم مشرف الدين سان ٿيل آهي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي سوسائٽي واري علائقي ۾ رهي ٿي. وٽس به بنگلا هڪ ٻئي سان ملحق آهن. جن مان وڏي بنگلي ۾ پاڻ پنهنجي شوهر ۽ دختر سان رهي ٿي ۽ ٻئي ننڍي بنگلي ۾ "رئيس شمس الدين بلبل فائونڊيشن" جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو اٿائين جنهن ۾ ڇوڪرين کي قرآن شريف جي تعليم سان گڏ مذهبي ڄاڻ به فراهم ڪئي وڃي ٿي. ان کان علاوه ڇوڪرين کي سلائي، ڪڙهائي، برٽ پرڻ جو ڪم ۽ رڌ پچاءَ جو ڪم به سيکاريو وڃي ٿو. هن مقصد لاءِ اداري وٽ گهربل سموريون مشينون موجود آهن. سلائي ۽ برٽ سکندڙ ڇوڪريون جڏهن ڪم ۾ ماهر ٿي وڃن ٿيون ته پوءِ سندن تيار ڪيل ڪپڙا مارڪيٽ ۾ فروخت ڪري انهن جي قيمت جي سموري رقم انهن ڇوڪرين کي ڏني وڃي ٿي ۽ ڪپڙي وغيره جي قيمت به کانئن وصول نه ٿي ڪئي وڃي. ڪين ڪپڙو ۽ سلائي ۾ ڪم ايندڙ مٽيريل اداري طرفان ملي ٿو. هن اداري جو مقصد پئسا ڪمائڻ قطعي نه آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن فلاحي اداري مالي مدد مهيا ڪئي ته هن اداري کي وڌيڪ فعال ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورتمند ۽ بي واهه عورتن جي هر طرح جي مدد ڪئي ويندي جيئن هو عزت ڀري زندگي گذاري سگهن. انهن ڪمن ذريعي منافع حاصل ڪرڻ هن اداري جي منشور ۾ ممنوع قرار ڏنل آهي. سکيا ڏيندڙ عملي کي في الحال پگهار به ادارو پنهنجي ذاتي وسائل مان ادا ڪري ٿو.

هنن گهريلو قسم جي ڪمن کان علاوه ڇوڪرين کي ڪمپيوٽر جي سکيا پڻ ڏني ويندي آهي. هن ڪم لاءِ اداري وٽ ڪمپيوٽر به موجود آهن. مطلب ته عورتن ۾ خود اعتمادي، خود داري ۽ عزت نفس پيدا ڪري کين سليقه مند بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو حوصلو حاصل ڪري سگهن.

جيڪي ڇوڪريون هن اداري ۾ رهڻ چاهين ٿيون ته انهن کي اهڙي اجازت آهي نه صرف کين اجازت آهي بلڪ کين رهائش سان گڏ ڪجهه راشن به فراهم ڪيو وڃي ٿو. پاڻ پچائين ۽ پاڻ کائين. هن اداري اندر اهڙيون سهولتون موجود آهن. هي ادارو مڪمل طرح فلاحي، رفاحي ۽ خيراتي ادارو آهي. هنن سهولتن جي عيوض ڪنهن کان به ڪا رقم وصول نه ڪئي ويندي آهي. في الحال هي ادارو ڪنهن به ٻئي اداري جي مالي سهڪار کان سواءِ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي اصول تي هلي رهيو آهي.

جيئن ته هي ادارو ڄامشورو ۾ قائم آهي ۽ هن علائقي ۾ ڪافي مختلف قسم جي سکيا ڏيندڙ اداره جهڙوڪ نرسنگ جو شعبه يا دوائن ۽ ٻين گهريلو شين ٺاهڻ جي سکيا ڏيندڙ شعبه موجود آهن يا سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون جيڪي عورتن جي ماحول ۾ رهڻ چاهينديون آهن، اهڙين چند ڇوڪرين جي رهائش جو انتظام به هن اداري اندر موجود آهي. اهڙيون ڇوڪريون جيڪڏهن اداري طرفان کاڌو حاصل ڪرڻ چاهينديون يا پنهنجي ڪپڙن جي ڌلائي ۽ استري به اداري کان ڪرائينديون ته اهڙي سهولت به کين فراهم ڪئي وڃي ٿي. هن قسم جي ڇوڪرين کان ادارو فيس وصول ڪري ٿو ۽ اها رقم هن اداري جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿئي ٿي ۽ اداري تي خرچ ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪو ادارو مالي مدد ڪندو ته اهڙو پروگرام هن اداري طرفان رٿيل آهي ته هن اداري ڀرسان ڪو وڏو بنگلو ڪرائي تي حاصل ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم مشرف الدين او. جي. ڊي سي (آئل ۽ گئس ڪارپوريشن) ۾ چيف انجنيئر جي عهدي تي فائز آهي. سندس فيملي ٽن افراد – پاڻ، سندس گهرواري ۽ هڪ نياڻيءَ تي مشتمل آهي. سادي زندگي گذاريندڙ هي ڪٽنب مڪمل طرح شرعي زندگي گذاريندڙ آهي. هوٽل، بيڪري يا ڪنهن دوڪان جي ٺهيل ڪابه شيءِ نه واپرائيندا آهن. مرغي ورغي مان تيار ڪيل ڪا به شيءِ نه کائيندا آهن. کاڌي تيار ڪرڻ لاءِ به دوڪان جي گِيهه ۽ آئل بدران پنهنجي گهر جي سرنهن جي تيل يا مکڻ ۽ گيهه سان کاڌو تيار ڪندا آهن. مڇي، دال ۽ سايون ڀاڄيون سندس خوراڪ آهي. ڪنهن به ڪمپنيءَ جو تيار ڪيل کير يا جوس به استعمال نه ڪندا آهن ڇو ته اهڙين شين ۾ حرام جي ملاوٽ ڪئي ويجي ٿي.

گذريل سال هن ڪٽنب کي الله تعاليٰ سال جي شروعات ۾ عمري جو ۽ سال جي آخر ۾ حج بيت الله جي زيارت جو شرف عطا ڪيو. هي مختصر ڪٽنب پنهنجي حق حلال جي رزق تي راضي ۽ خوش آهي ۽ مال ۽ دولت کي ڊوڙ سمجهندڙ آهي. اهڙي سادي زندگي گذارڻ واري ڪٽنب لاءِ محترم مشرف الدين جي پگهار ضرورت کان زياده آهي، جيڪا هن خير جي ڪم ۾ ڪتب اچي ٿي.

مٿين وضاحت صرف انهيءَ لاءِ ڪئي وئي آهي ته جيئن ماڻهو ائين نه سمجهن ته "شمس الدين بلبل فائونڊيشن" ڪنهن مالي منفعت لاءِ قائم ڪيل آهي. هن اداري جا هلائيندڙ هن اداري کي پنهنجي هڙان وڙان ڏين ٿا ۽ نه هن اداري کان ڪو فائدو حاصل ڪن ٿا.

ڪجهه اخبارن ۽ رسالن هن اداري جي ساراهه ڪئي آهي ۽ ان جي ڪوريج ڪئي آهي مگر اڃا ڪو امدادي ادارو سامهون نه آيو آهي.

**شمس ابن ضيا ابن بلبل**

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عرضِ حال

داستان عهد گل رابشنو از مرغ چمن
زاغها آشفتہ کي گفتند اين افسانہ را

ڪنهن بہ علم واري هستيءَ جي زندگيءَ جي حالتن بابت لکڻ جو اهو مطلب آهي تہ اُن جي نالي، نسل، خانداني حالتن، پيدائش، ننڍپڻ، جواني، ٻڍاپڻ، موت، تعليم ۽ تربيت ۽ زندگيءَ جي شغلن ۽ ڪارنامن، تصنيف ۽ تاليف وغيره وغيره جو سمورو تفصيل ڏجي تاڪِ پڙهڻ وارن کي ان جي شخصيت جي ڪماحقہ خبر پئجي سگهي. پر هتي حالت هي آهي تہ ـــ

بدم حڪايتِ بلبل تہ درميان مان بدم
نہ ابتدا جي خبر ۽ نہ انتها معلوم

بلبل جي زندگيءَ بابت مون کي جيڪو احوال هٿ اچي سگهيو آهي سو هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ناظرين ڪرام جي اڳيان رکيو اٿم. باقي هڪ ڳالهہ آهي تہ بلبل جهڙو ماڻهو اسان جي ڏسندي هن جهان فاني کي خير باد چئي ويجي تنهن جي تذڪري لکڻ ۾ نہ ڪنهن اديب دلچسپي ورتي آهي ۽ نہ ڪنهن شاعر پوري ڪوشش ڪئي آهي. هونئن تہ ڪوڙي تعريف يا اجائي تنقيد ڪري اجڪلهہ دفتر جا دفتر ڪارا ڪرڻ ۾ ڪي ماڻهو گهٽتائين ڪين ٿا، پر خالص علمي ۽ ادبي سياسي ۽ تمدني خدمت ڪرڻ وارن لاءِ انهن جون زبانون گنگيون ۽ قلم شڪستہ ٿيو پون ۽ ايترو بہ ٿي نٿو سگهي جو ڪن هستين بابت چار جملا صحت سان لکي سگهن.

هن مقالي لکڻ ۾ مون رئيس ضيا الدين جي صدارتي خطبي کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هن دادو ۾ سڏايل ڇهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيو هو وري پنهنجي نظر مان ڪڍيو آهي. ان ڪانسواءِ 'علمي دنيا'، 'الوحيد آزاد نمبر' ۽ ڪن ٻين اخبارن ۾ ننڍين ننڍين تذڪرن کي پڙهيو اٿم. استاذي مرحوم جناب مولوي حڪيم فتح محمد صاحب 'حڪيم' مدظله بلبل بابت جيڪي گفتا وقت بوقت پنهنجي زبان مبارڪ مان ڪڍندو هو تن جو پرلاءُ اڃا تائين منهنجن ڪنن مان نہ ويو آهي. ان ڪانسواءِ هن هيچمدان بلبل جي صحافتي دنيا جي زماني ۾ جيڪي ڪي ان وقت جي اخبارن ۾ ڏٺو يا پڙهيو هو تنهن جو هلڪو خاڪو اڃا تائين دماغ جي يادداشت ۾ موجود آهي. انهن سڀني مان ڪم ورتو اٿم ۽ پڇاڙيءَ ۾ بلبل جون جيتريون تصنيفون، تقريرون ۽ ڪيس لکيل خط جيڪي بہ هٿ اچي سگهيا آهن تن سڀني کي اڳيان رکي انهن مان ڪم ورتو اٿم. نہ تہ بنا ڪنهن مسالي جي اهڙا ادبي مقالا لکڻ 'جُوءِ شِير' آڻڻ جي برابر آهي.

هن مقالي ۾ سوانح حيات سان گڏ سنڌ جي حالي ۽ اڪبر يعني بلبل مرحوم جي صحافتي ۽ ادبي حيثيت ۽ نظم و نثر جي قابليت بابت اهل سنڌ کي روشناس ڪرائڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪئي ويئي آهي. غالب جي چوڻ موجب مشاهدهءِ حق جي گفتگو باده ۽ ساغر چوڻ ڪانسواءِ نٿي نهي، ساڳئي طرح جيڪڏهن هن مقالي ۾ شوخ طبع بلبل جي ظرافتي شاعريءَ جي لذيذ حڪايت نہ ڪجي ها تہ هي مقالو اُجايل رهجي وڃي ها. ائين بہ نثر نظم کان ڌار شئي نہ آهي جو انهن جو هڪ ٻئي جي سامهون نالو وٺڻ گناهہ سمجهيو وڃي، بلڪ منهنجو ادبي ايمان هي آهي تہ جهڙي طرح خزان بهار جي گود ۾ ستل رهي ٿي، ساڳئي طرح نظم نثر جي پير ۾ لڪل رهي ٿو نہ هن جي آغوش مان هن کي جدا ڪري سگهجي ٿو نہ هن جي هنج مان هن کي.

آئون رئيس ضيا الدين صاحب ضيا جو نهايت شڪر گذار آهيان جنهن جي نظر انتخاب مون ناچيز تي پئي ۽ جنهن بلبل سنڌ تي ڪجهہ لکڻ جو بار منهنجن نحيف ڪلهن تي وڌو نہ تہ سنڌ ۾ گهڻائي اهل قلم آهن جي هن ڪم کي وڏيڪ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي سگهن ها. پيو ته آئون سندس گهڻو احسانمند آهيان جو بلبل جا سيئي قلمي ڪتاب ۽ ڇپيل ڪتاب جي هاڻي ناياب ٿي چڪا آهن مرحمت فرمائي منهنجي ڪم کي آسان ڪري وڌو نه ته مثال ۽ حوالا ڏيڻ ۾ مون کي گهڻي درد سري ڪرڻي پوي ها. تيون ته رئيس ضيا صاحب ڪتاب ڇاپائڻ جو سجو خرچ پاڻ تي برداشت ڪرڻ ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌي علم ادب ۾ اضافي ڪرڻ جو ڪيس اوترو ئي اونو اهي جيترو بين سنڌي اديبن کي آهي. سندس اها ڪوشش قابل تحسين ۽ ستائش آهي. فقط

خليل حيدرآبادي

پهرين جولاءِ 1951ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم

# ديباچہ

عيب وارا تہ چمن روز ٽا ڪثرت سان مگر
بعد مدت جي ٿئي ٿو ڪو هنر وَر پيدا

اربابِ سُخن تي روشن هجي تہ سرزمينِ سنڌ جي هڪ مشهور اديب، شاعرِ عجيب ۽ اهلِ زبان مرحوم شمس الدين بلبل جنهن جي اڳيان بلبل هزار داستان بہ گُنگي ۽ طُوطيءِ خوش گفتار کي عجز جو اقرار، ان جي زندگيءَ بابت جيڪو ڪتابِ لاجواب بلڪِ مستطاب محترمي و مڪرمي تاج الشعراءَ جناب ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب خليل تاليف فرمايو آهي ان جي ديباچہ لکڻ بابت مرحوم بلبل جي فرزند ارجمند رئيس ضيا الدين صاحب ضيا مون ناچيز کي ارشاد فرمايو. منهنجي لياقت جي حالت اهڙي ناهي جو طاقت ساري هن ميدان ۾ پير پايان ۽ قلم جو ڪونتل ڪُڏايان مگر ڇا ڪجي جو ڏاها چئي ويا آهن تہ 'الامر فوق الادب' لهذا هن مقولہ جي پيروي ڪندي باوجود قليل البضاعت هئڻ جي بہ چار سٽون ديپاچہ جون لکي ناظرينِ ڪرام جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان.

گر قبولِ اُفتد، زهي عِز و شرف.

ضيا صاحب مون ناچيز کي پنهنجي والدِ بزرگوار ۽ شاعرِ نامدار جي همعصر هئڻ جو شرف تہ بخشيو آهي پر حقيقت ۾ اهڙي فاضل اديب ۽ لائق و لبيب جو آئون غريب همعصر تي نٿو سگهان، نہ عمر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليل صاحب جو هي قول بلڪل صحيح آهي تہ بلبل کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿي. باقي رهيو فنِ صحافت ان جي حڪايت بہ ڪهڙي ڪجي. پنهنجي وقت جي اخبار نويسن ۾ بلبل پنهنجي نوع جو پاڻ مالڪ هو. حضرت خليل جيڪي مقالا ڏنا آهن انهن ۾ هن بي مثال اخبار نويس جو شان بلڪل بلند ۽ بالا آهي. رب تعاليٰ ان کي اها وڏي ذات ڏني هئي جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي-

'اين سعادت، بزورِ بازو نيست
تا نہ بخشد خداءِ بخشنده'.

بلبل جي فارسيءَ بابت ايترو چوندس تہ فارسي قصيدن ۾ اهڙو نہ هو جهڙو 'خاقاني' يا 'انوري' ٿي گذريا آهن اِهو هن ڪري جو بلبل فارسي جو اهل زبان نہ هو ۽ اهي اهل زبان هئا. تنهن هوندي بہ بلبل فارسي قصيدن ۾ جيڪا گوهر افشاني ڪئي آهي سا هڪ سنڌي شاعر لاءِ بيشڪ قابلِ داد آهي.

هن ديباچہ ۾ مرحوم بلبل بابت جيڪا مون خامہ فرسائي بي ريائي سان ڪئي آهي ان ۾ ذرو بہ ڪج ادائيءَ کان ڪم نہ ورتو اٿم.

مان پنهنجي محب ۽ مشفق ڊاڪٽر خليل صاحب جو نهايت شڪر گذار آهيان جنهن بلبل جي هيءَ بلند پايہ سوانح عمري لکي سنڌ جي هڪ مشهور قابلِ قدر شاعر سان سنڌ جي موجوده مسلمانن کي عموماً ۽ دؤر جديد جي شاعرن کي خصوصاً روشناس ڪرايو آهي. ڊاڪٽر صاحب بلبل جي شعر و شاعريءَ تي جيڪو لاثاني تبصرو ڪيو آهي ۽ ان جي هر هڪ پهلوءَ تي نظر ڊوڙائي آهي. ان ۾ اهو اشارو آهي تہ جيئن بلبل پنهنجي وقت ۾ مسلمان قوم جي اخباري دنيا خواه شاعري عالم ۾ جيڪا خدمت ڪئي آهي. ان جي نقش قدم تي هلي اسين مسلمان بہ پنهنجي پياري قوم جي حتي المقدور ضرور خدمت ڪريون. هن وقت تائين اهڙي قسم جو تبصرو ڪنهن بہ سنڌي شاعر تي نہ ڪيو ويو آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ ٻيا لکندڙ انهي مان سبق پرائي اهڙو ئي طريقو اختيار ڪندا جهڙو ڊاڪٽر صاحب ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ڪري دنياءِ ادب حضرت خليل صاحب جي مرهون منت آهي جنهن بلبل مرحوم تي عظيم الشان ڪتاب لکي سنڌي ادب ۾ هڪ لاثاني اضافو ڪيو آهي.

منهنجي سنڌ جي علم دوست اصحاب کي استدعا آهي تہ هو هن ڪتاب کي جلد از جلد خريد ڪري پنهنجي هڪ گرانقدر اديب ۽ شاعر جي حياتيءَ کان واقف ٿي خليل صاحب جي همت و محنت جي نہ فقط قدر شناسي بلڪ حوصلہ افزائي ڪن، جيئن هو صاحب اهڙي قسم جا تبصرا لکندو رهي.

شال رب ذوالجلال کيس توفيق عطا فرمائي. آمين

پيچاڙيءَ جو ضيا صاحب کي مبارڪ ٿو ڏيان جنهن فرزنديءَ جو حق ادا ڪري پنهنجي والدِ بزرگوار ۽ اديبِ نامدار جي حياتيءَ جو احوال 'بلبلِ سنڌ' جي نالي سان ڇاپايو. خدا شل اهڙا فرزند ڪنهن پيءُ جا پيدا ڪري.

محمد بخش واصف حيدرآبادي
26 جولاءِ 1951ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلبل مرحوم سنڌي مفڪر جي حيثيت ۾

(آز قلم حضرت مخدوم الشُعراء حاجي ميان محمود خادم لاڙڪاڻوي)

سنڌ جي سرسيد آقائي حسن علي خان آفندي مجيدي جو سچو ساٿي، سنڌ جي گلزارِ صحافت جو عندليب، سنڌ جي ادبي بوستان جو هزار داستان، سنڌ جي سياسي گلستان جو خوشنما گل، رئيس شمس الدين خان بلبل شهر ميهڙ ضلع دادوءَ جو ويٺل هو جو سنه 1857ع ڌاري پيدا ٿيو ۽ سنه 1919ع ۾ انتقال ڪيائين. اڄوڪي صحبت ۾ بلبل مرحوم کي هڪ سنڌي مفڪر جي حيثيت ۾ پيش ڪرڻو آهي.

مفڪر جي معنيٰ جي هر ڪنهن کي خبر آهي پر هڪ اعليٰ مفڪر جو معيار ڇا هئڻ گهرجي، تنهن بابت ڪجهه چوڻ گهران ٿو:

هڪڙا مفڪر اُهي آهن جي حڪمت ۽ فلسفي جا دقيق ۽ عميق مسئلا ۽ نت نوان نظريا پيش ڪن ٿا جهڙي طرح 'بوعلي سينا'، 'امام غزالي' ۽ 'ڪانٽ' وغيره . ٻيا اهي جن جذبات ۽ مشاهدات جا نادر شهپارا فن جي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيا مگر اها ڪوشش يا ڪاوش ڪا نه ڪيائون ته عوام تي ڪو خاص اثر پوي يا ماڻهوان کي سمجهن. هنن جو فڪر خالص فن خاطر هوندو آهي.

پر ٽيون گروه انهن مفڪرن جو آهي جي فن کي غرض يا غايت يا انتها نه ٿا ڄاڻن پر ان کي انساني اصلاح يا حياتي جا سنوار سنائي ۽ اوچائي خاطر ڪتب آڻن ٿا. هن قسم جا استادِ فن گويا عملي ۽ اصلاحي پهلو رکندڙ ٿيندا آهن.

شاعرن جو سرتاج صوفين جو صوفي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمته ۽ شيڪسپيئر هن قسم جي مفڪرن جا عمدا مثال آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح بلبل مرحوم بہ هن معيار ۽ نوع جي مفڪرن مان هيو. سندس ڳڻ امتيازي هي آهي تہ هن جي فن جو اثر ان وقت جي سوسائٽي تي نهايت عمدو پيو ۽ عوام جي اخلاق جي اصلاح ۾ نهايت ڪامياب ٿيو. انهيءَ ڪري هن پاڻ کي ملڪ جو مفڪر ۽ شاعر ثابت ڪيو ۽ قوم ۾ نهايت خوشگوار انقلاب آڻڻ جو مرتڪب بڻيو.

منهنجي خيال موجب هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن. هڪ تہ هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي، ٻيو تہ هن سوسائٽيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري نيڪ اثر وڌو هجي ۽ حقيقت جي ترجماني ڪري ٻين جي شڪن شبهن کي دور ڪيو هجي ۽ ٽيون تہ هن ۾ پيشين گوئي جو مادو هجي ۽ قوم خواه وقت جو پورو پورو فيض شناس ثابت ٿيو هجي.

حضرات! هنن ٽنهي پرکائن ۾ بلبل بالڪل پورو اُتري ٿو. ان جي ثابتي بلبل مرحوم جي تحرير ۽ تقرير، 'آفتاب' جا فائيل ۽ ڇاپيل ڪتاب، نظم خواه نثر جا، سياسي سرگرميون ۽ شاعرانہ شگوفا ۽ سندس دور جا اُهي دوست موجود آهن جن سندس جدت آفريني ۽ اعليٰ ادبي ۽ قومي خدمات کي خوب ڏٺو ۽ مڃيو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهہ صاحب ايم. ايل. اي ڪيس سنڌ جو 'سعدي' ۽ 'اڪبر الله آبادي' ڪوٺي ٿو. مرحوم حافظ عبدالله صاحب بسمل ٽڪڙائي جو پاڻ هڪ بلند پايہ جو اديب ۽ شاعر آهي تنهن بلبل مرحوم جي اوليات متعلق ڪجهہ ويچار هن ريت قلم بند ڪيا آهن.

هُو پهريون آهي جنهن ظرافتي نظم لکيو.

هُو پهريون آهي جنهن ظرافت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي.

هُو پهريون آهي جنهن ظريفانہ ڪلام جي زور تي سنڌي مسلمانن کي انگريزي علم ڏي راغب ڪيو.

هُو پهريون آهي جنهن ظرافت جي رستي انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاه ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو پهريون آهي جنهن ظرافت جي رستي حڪومت جي ظالم آفيسرن ۽ علماءِ ڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب قوم ۽ اخلاق جي رياڪارانہ ڪارروائين تي تنقيد ڪئي.

هُو پهريون آهي جنهن يورپ جي مخرب اخلاق فيشن جي تقليد جي برائين جي اصلاح بابت انگريزي خوانده نوجوانن تي طنز ڪري کين ملڪي ۽ اسلامي تهذيب ڏي متوجہ ڪيو.

هُو پهريون آهي جنهن ظرافت جي پرده ۾ ڪريماني تضمين لکي پنهنجا اسلامي اصلاحي خيالات ظاهر ڪيا.

هُو پهريون آهي جنهن ڪريما سعدي جي طرز تي رحيما مثنوي مذاقيہ ۽ اصلاحي رنگ ۾ نظم ڪئي.

هُو پهريون آهي جنهن موجوده نثر نويسيءَ جو رنگ اختيار ڪيو جو خاص طرح اخباري دنيا لاءِ بالڪل ڪارائتو ثابت ٿيو. بلبل مرحوم کان اڳ سنڌي نثر نويسيءَ جو نمونو فارسي جي تتبع تي مقفيٰ ۽ مسجع عبارت وارو رائج هو. اهو نمونو صرف فارسي زبان ۾ ڪامل دستگاه رکڻ وارا لکي سگهندا هئا باقي نو آموز يا ٿورو پڙهيل ٻہ سٽون لکي ٻہ ڪو نہ ٿي سگهيا. ملڪ کي بلبل مرحوم جو اهو عظيم الشان احسان ڪڏهن بہ نہ وسرندو جنهن نہ رڳو اهو نمونو ايجاد ڪيو بلڪ ان کي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ قلمي طاقت سان نهايت بلند رتبي تي پهچاياائين. جنهن ڪري سنڌي نثر لکڻ هر ڪنهن لاءِ آسان ٿي پيو. اسان جي انهي دعوي جي ثبوت لاءِ اسان وٽ ڪافي کان وڌيڪ شاهد معتبر موجود آهن. شڪي مزاج دوستن کي اخبار 'معاونِ سنڌ' ڪراچي ۽ اخبار 'آفتاب سنڌ' سکر جا سال 1890ع ۾ جاري ٿي تن ٻنهي اخبارن جا ابتدائي پرچا مطالعہ ڪرڻ گهرجن!!

هن پوئين راءِ ۾ بسمل مرحوم سان حضرت مخلص مرحوم بہ شامل آهي جو بلبل مرحوم جي وفاتِ حسرت آيات تي پنهنجي رسالہ 'ڪشڪول' ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو ۽ پهريون شخص هو جنهن ظرافت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل مرحوم جي ادبي خدمتن جي ذڪرِ خير ۾ سندس هم عصر دوستن مان چند جا مختصر رايه تائيد طور ڏيڻ کان پوءِ آئون هاڻي سندن سياست تي ٿورو ڪجهه ڳالهائيندس.

آئون ظاهر ڪري چڪو آهيان ته بلبل مرحوم رڳو اديب يا شاعر ڪونه هو پر هو سياسي ميدان جو به هڪ سرگرم ڪارڪن، عمدو ليڊر، مفڪر مدبر، عوام جو دلدادو مجلسن جو مور ۽ جادو بيان مقرر پڻ هو.

(1) هن مرحوم حسن علي آفنديءَ سان گڏ 'پونا ڪميشن' ۾ وڃي نهايت جفاڪشي سان انگ اکر ڪيڏي تحريڪ هلائي 'دکن اڳريڪلچر لسٽ ايڪٽ' کي سنڌ سان لاڳو ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.

(2) خاندانن جي ملڪيتن بچائڻ لاءِ قائد اعظم حضرت جناح رحمته الله عليه جي پيش ڪيل مسوده جو فائدو وٺي سنڌ لاءِ وقف 'علي الاولاد' جهڙو مفيد قانون پاس ڪرايائين ۽ پنهنجي ملڪيت وقف ڪري عمدو مثال قائم ڪيائين ۽ قانون وقف کان عوام کي واقف ڪرائڻ لاءِ ڪتاب "حرز البنياد" ڇاپرائي پڌرو ڪيائين.

(3) سال 1907ع ۾ جڏهن 'آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس' ڪراچيءَ ۾ ٿي تڏهن سنڌي مسلمانن جي تعليم لاءِ هڪ ٺهراءُ پيش ڪري پاس ڪرايائين ۽ فارسي کي نصاب تعليم ۾ داخل ڪرڻ جي رٿ جنهن جي تائيد خود وقار الملڪ صاحب ڪئي هئي بحال ڪرايائين. ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال 1908ع مطبوع عليگڙهه جي صفحه 32 تي درج آهي.

(4) مسلمانن ۾ تعليم کي رائج ڪرائڻ جي خيال کان ڪيترا مضمون ۽ ڪتاب لکيائين. ڪتاب "مسلمان ۽ تعليم" ڇاپرائي مفت تقسيم ڪيائين. ان تحرڪ جو بنياد پنهنجي ڳوٺ ۾ انگريزي تعليم لاءِ مدرسه برپا ڪرڻ سان وڌائين. هي مدرسه پوءِ وڏيڪ هاءِ اسڪول جي صورت ۾ آيو.

(5) بلبل مرحوم پهريون شخص هو جنهن ترڪيءَ جي جنگ يا 'جنگ بلقان' جي دوران ۾ 'هلال احمر' جي تحريڪ کي سنڌ جي سر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اوطاق تي ضرور اچي حاضري ڏيندو هو. ساڳي طرح جناب عبدالمجيد صاحب صديقي بہ اظهارِ عقيدت ڪندو رهندو هو ۽ بلبل مرحوم بابت 'ذهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ميهڙ' جي موقعي تي هيٺيون غزل پيش ڪيو هئائين:-

چراغِ علم شمس الدين بلبل
سراجِ حلم شمس الدين بلبل

سخندان خوب شمس الدين بلبل
زبان مرغوب شمس الدين بلبل

اديبِ سنڌ شمس الدين بلبل
نقيبِ سنڌ شمس الدين بلبل

رفيقِ قوم شمس الدين بلبل
شفيقِ قوم شمس الدين بلبل

رئيسِ مهر شمس الدين بلبل
فصيحِ شهر شمس الدين بلبل

ڪمالِ شعر شمس الدين بلبل
جمالِ شعر شمس الدين بلبل

چنين معروف آن ممدوح من بُود
اميرِ مجلسِ شعر و سُخن بُود

محبِ ملڪ و قوم دين و ملت
سراپا، پيڪرِ لطف و شرافت

زروح شاعري لبريز جامش
نگاهش دوربين پختہ ڪلامش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظرافت، بذلہ سنجي، خوش ڪلامي
در اصنافِ سخن في الجملہ نامي

بسالِ سيزده صدسي و هفتم
1337ھ
بہ بست و هفت ذي الحجہ المڪرم
27 ذي الحجہ

بفردوسِ بَرين آسوده جانش
هميشہ رحمتِ حق بر روانش

بگو بند عاشقِ صادق نميرد
اگر ميرد حياتِ نو بگيرد

بمانده يادگار از گلشنش گل
ضياءالدين شمس الدين بلبل

زصديقي دعا اين بااثر باد
مدام او زنده و پائنده تر باد

مرحوم کي پنهنجي دوست حسن علي خان آفنديءَ سان ڪا اهڙي الفت هئي جو هن واري ساڳي مرض 'چنبل' جي چنبن ۾ چاڙهجي تاريخ 13 سيپٽمبر 1919 سنہ عيسوي مطابق 27 ذي الحجہ 1337ھ تي هن پُر خزان باغ دنيا مان منتقل ٿي سدا بهار فردوسِ بَرين ۾ وڃي جاءِ گزين ٿيو. پويان لفظ جي سندس وات مان نڪتا سي شايد پاڪستان جي پهرئين پيشين گوئي جا هئا تہ "ڪافرن جو بچڪو ڏار ڪر ۽ مسلمانن جو بچڪو ڏار ڪر" بلبل مرحوم جي بياض تي ڏنو ويو تہ پويون لکيل شعر حضرت سرور ڪائنات جي مدح سرا ۾ چيل هئو. دراصل مذهب پرستي سندس مڪمل شخصيت جو هڪ مضبوط پهلو هئي، جنهن ڪري هو عالمن، حافظن، فاضلن ۽ فقيرن جو هڪ طرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست هوندو هو تہ ٻئي طرف عملدارن، آفيسرن، وزيرن، اميرن ۽ عوام الناس جو دلداده ﭘ هئو.

مون کي بلبل مرحوم جي پيشن گوئي جي ذاتي هيءَ پروڙ پئي آهي تہ جڏهن آئون پاڻ انهيءَ الجهن ۾ اچي ڦاٿو هئس تہ ڪهڙو شغل مستقل طور اختيار ڪجي تڏهن بلبل مرحوم ڏانهن فيصلي لاءِ رجوع ڪيم ۽ هن صاحب فرمايو تہ علمي ادبي مشاغل طرف توجہ ڪيو. چنانچہ ان وقت کان آئون همہ تن ان ڪم ۾ لڳو رهان ٿو ۽ جيڪا خدمت بجا آڻي سگهيو آهيان سا اوهان کي نيڪ روشن آهي.

## نوٽ

هن مقالہ جو اختصار ريڊيو پاڪستان ڪراچي کان تاريخ 10 اپريل 1951 تي بوقت 7 بجي شام نشر ٿي چڪو آهي.

* *



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابڙو نہ آهي، جيئن مشهور ٿي ويو آهي. خبر ئي نٿي پوي تہ ڇو ابڙو مشهور ٿيو؟ ناڙي جي طرف برابر ابڙن جي قوم گهڻي آهي جن جو سردار حڪيم نالي هوندو هو. شايد ناڙي طرف ڪجهہ عرصہ رهڻ سبب آبڙ جي آل خاندان ٿي پيئي هجي يا اهڙو مغالطو پيدا ٿي پيو هجي. ٻي ثابتي جا مون کي هٿ آئي آهي تہ بلبل پاڻ کي شينو سڏائيندو هو سو هڪ خط هو جو تعليم کاتي جي هڪ آفيسر ڪيس سندس خط جي جواب ۾ لکيو هو جنهن ۾ سندس پتو شمس الدين بلبل شينو انگريزي ۾ لکيل هو. استاذي مرحوم حڪيم فتح محمد صاحب جي خود نوشتہ سوانح عمر ۾ هڪ هنڌ لکيل پڙهيم تہ جڏهن پاڻ ميهڙ شهر ۾ نارنگيون خريد ڪرڻ لاءِ ويا هئا تڏهن ٻپهر جي سخت گرميءَ ۾ جنهن مسجد ۾ استراحت فرمائي هوائون سا شينن جي مسجد سڏبي هئي جتي مرحوم بلبل سان پهرين ملاقات ٿي هئي. هيءَ اُهائي مسجد آهي جتي مرحوم بلبل اڪثر پيش اماميءَ جا فرض بہ بجا آڻيندو هو. هيءَ مسجد بلڪل رئيس بلبل جي بنگلي جي ڏاکڻي پاسي اڄا تائين موجود آهي. ان وقت ان مسجد کي شينن جي مسجد بہ رئيس بلبل جي قوم جي نالي ٿي سڏيندا هئا نہ تہ مولوي فتح محمد صاحب ائين ڪڏهن نہ لکي ها. ان واقع مان بہ ثابت ٿو ٿئي تہ بلبل مرحوم ذات جو شينو هو.

ڪن اردو شاعرن ۾ هي خصوصيت هوندي آهي تہ هو پنهنجي تخلص مان معنوي خوبي پيدا ڪندا آهن جهڙوڪ حڪيم مومن خان پنهنجي تخلص مومن مان يا نوح ناروي لفظ نوح مان ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت بلبل بہ پنهنجي تخلص مان معنيٰ آفريني ڪئي آهي. جيڪڏهن بلبل جي غزلن جي مختلف مقطعن کي غور سان جاچبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن جا بجا گل ۽ بلبل جو ذڪر آندو آهي ۽ ائين پيو معلوم ٿئي تہ جڻ لفظي رعايت کان ڪم ورتو اٿس. پر اصل ۾ ڳالهہ ڪجهہ ٻي ٿي معلوم ٿئي يعني ان ۾ هڪ حقيقي راز رکيل آهي جو هي آهي تہ مرحوم بلبل پهرين شادي عشق ۽ محبت جي ڪئي هئي. اسان جڏهن سندس فرزند رئيس ضيا الدين ضيا کان ان بابت لکي پڇيو تہ هن اسان جي ڳالهہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصديق ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو ديوان بلبل ۾ گل ڏانهن هر هر خطاب ٿيل آهي. اهو تخلص بہ شايد انهي ڪري ئي رکيو هوائين ٻي طرح سندس طبيعت جي رنگيني ۽ وسعت سبب بہ موزون آهي. ديوان بلبل بہ انهيءَ عشق جو ئي نتيجو ٿو ڏسجي.

## بلبل جو سنِ پيدائش ۽ وفات ۽ هن جي تعليم

ميهڙ جي خوش نصيب شهر ۾ هي محترم هستي سن 1857ع ۾ پيدا ٿي ۽ 62 ورهين جي ڄمار ۾ ٻلهاڙي يعني 'ڪاربنڪل' جي مرض ۾ گرفتار ٿي. سن 1919ع ۾ هي علم ۽ ادب جو شمس آسمانِ سنڌ کان هميشہ لاءِ غروب ٿي ويو. سندس مقبرو ميهڙ جي شهر ۾ سندس ئي مسجد جي ڀر ۾ ٺاهيو ويو جا شيڻن جي مسجد سڏبي آهي ۽ جا سندس بنگلي جي ويجهو آهي.

بلبل جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو تنهن جي ڪا خبر نٿي پوي ان تي سراسر پردو پيل ٿو ڏسجي. قريني سان فقط ايترو معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ايام طفلي پنهنجي والد بزرگوار جي سايہ عاطفت ۾ ميهڙ جي شهر منجهہ ئي گذاريا اٿس جتي کيس مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. باقي ايترو پتو پوي ٿو تہ شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي پيدا ٿيو هوس.

جوانيءَ بابت رڳو ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي تہ مڪتب مان سنڌي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ انگريز انجنيئر جي مهربانيءَ سان انجنيريءَ کاتي ۾ داروغي جي عهدي تي مقرر ٿيو مگر سندس آزاد طبيعت کيس اُتي وڌيڪ ٽڪڻ نہ ڏنو. جلدي ڪراچي روانو ٿي ويو.

جنهن زماني جو اسين ذڪر لکي رهيا آهيون ان وقت ميهڙ هڪ بلڪل ننڍڙو ڳوٺ هو. ان ۾ موجوده زماني وانگر نہ تعليمي درسگاهون هيون نہ ڪاليج ۽ نہ يونيورسٽيون. تنهن ڪري بلبل ابتدائي عمر ۾ قومي رواج موجب رڳو مڪتبي سنڌي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪئي. قدرت هن کي اهڙي ذهني قوت عطا ڪئي هئي جو اها مروج ۽ معمولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم سنڌس ڪامياب مستقبل جو پيش خيمہ ثابت ٿي. جڏهن سال 1872ع ۾ اسڪول کان فارغ ٿي ٻاهر نڪتو تڏهن سنڌس شاعرانہ قوت پاڻيهي ظاهر ٿيڻ لڳي ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق، طبيعت جي موزونيت ۽ شعر گوئيءَ جو مادو اصل کان وٺي منجهس موجود هو. نتيجي ۾ ٿي وڏن وڏن شاعرن سان شعر چوڻ جا مقابلا ڪندو هو. سنڌس طبيعت جي رواني ۽ شعر جي بي ساختگيءَ کي ڏسي انهن سمجهي ورتو تہ هي اسڪول جو شاگرد اڳتي هلي هڪ زبردست شاعر ۽ قابل سخندان ثابت ٿيندو ۽ واقعي ٿيو بہ ائين. اڄ بلبل مرحوم جي ڪلام کي ڏسي ميٺو پوي ٿو تہ بيشڪ ان وقت جي قابلن جو چوڻ سچ هو.

## بلبل جي قابليت ۽ قومي خدمتون

ان ۾ شڪ ناهي تہ بلبل جي تعليم اسڪولي سنڌيءَ ۽ فارسيءَ کان مٿي نہ هئي، جو سنت ٿي وڏيڪ مطالعہ ڪري پنهنجي معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪري ورتائين. ان جي وڏي ۾ وڏي ثابتي هي آهي تہ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو گڏ ڪري ورتو ۽ انهن ڪتابن کي ترتيب ڏيئي هڪ عمدو ڪتب خانو ناهي ڇڏيائين. جنهن ۾ هر قسم جا ڪتاب جدا جدا فنن تي مختلف ٻولين ۾ جهڙوڪ عربي، فارسي، اردو، سنڌي وغيره موجود هئا. هن کي انهيءَ ڪتبخانہ تي ناز هوندو هو ۽ اڪثر فخر سان چوندو هو تہ پنهنجن پوين لاءِ هڪ وڏو خزانو ڪتابن جي صورت ۾ ڇڏي ٿو وڃان هو آخري عمر تائين ڏاڍو ڪم ايندو ۽ مون کي هميشہ دعا ڪندا رهندا. واقعي جن جا اهڙا بزرگ ٿي گذريا هجن اهي انسان خوش قسمت چئبا.

ڪنهن بہ قابل شخص جي قابليت ڪڏهن لڪل نٿي رهي. نڪا هن جي محنت ڪڏهن اجائي وڃي ٿي. بلبل جي قابليت ۽ محنت جو بہ ساڳيو ئي حال هو. ڀهريان ڀهريان جڏهن سن 1872ع ۾ انجنيري کاتي ۾ داروغو مقرر ٿيو تڏهن هن جي قابليت ڏسي آفيسرن کي حيرت وٺي وئي. انهيءَ زماني جي انگريز آفيسرن مان اڃا منصف مزاجي ڪا نہ وئي هئي، هڪ انگريز انجنير بلبل جي تحريري قابليت، سليقہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعاري ۽ ادبيانه ذوق ۽ شوق ڏسي هن جي وڏي عزت ڪئي۽ مان ڏنو ۽ هن جي حوصله افزائي ڪرڻ جي خاطر شاهنامه فردوسي جو هڪ نسخو جو سونهري حرفن ۾ لکيل هو تحفه طور پيش ڪيائين. اهو شاهنامو هاڻي دهليءَ جي عجائب خانه ۾ رکيل آهي جو ان وقت جي ڪليڪٽر جناب حامد علي صاحب اُتي ڏياري موڪليو هو.

بقول غالب مرحوم ته ”کچھ اور چاهیئے وسعت مری بیاں کے لئے“ بلبل جهڙي نامور اهلِ قلم ۽ آزاد منش جي قابليت جا جوهر ظاهر ٿيڻ لاءِ ان جو بامِ ترقيءَ تي پهچڻ لاءِ ميهڙ جهڙو ننڍڙو ڳوٺڙو پلا ڪئي پورو پئجي ٿي سگهيو؟ تنهن ڪري هرچه باداباد، وطن مان نڪرڻ تي مجبور ٿيو ۽ 1889ع ۾ ڪراچيءَ ڏانهن روانو ٿيو. جتي حسنِ اتفاق سان خان بهادر حسن علي آفنديءَ سان ملاقات ٿيس. خان بهادر حسن علي آفنديءَ جي حيثيت سنڌ ۾ ان وقت اها ساڳي هئي جا سرسيد احمد خان جي ’يُو پيءَ‘ ۾ هئي. مسلمانن جي تعليم گهٽو پنتي پيل ڏسي آفندي صاحب ڪراچي ۾ سنڌ مدرسته الاسلام جو بنياد وڌو ۽ جڏهن بلبل سان واقفيت ٿيس تڏهن هن جي مردم شناس ۽ دوربين اکين مستقبل جي قابل ۽ لائق شخص کي پروڙي ورتو ۽ هن کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين. ان وقت ۾ هن ڪراچيءَ ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن مسلمانن جي بهبوديءَ ۽ ترقي لاءِ ناهي هئي، جنهن جي سرپرستي هيٺ هڪ هفته وار اخبار ’معاون‘ نالي جاري ڪئي ويئي. ان اخبار جي ادارت بلبل جي سپرد ڪئي ويئي، جنهن ذريعي هن سنڌ مدرسة الاسلام، سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ۽ حسن علي آفنديءَ جي سياسي ۽ علمي تحريڪ جي تمام عمدي خدمت ڪئي. معاون اخبار جو قلمدانِ ادارت سنڀاليندي ئي بلبل پنهنجي زوردار قلم مان اهڙا اهڙا ظريفانه ۽ فلسفه سان ڀريل مضمون ڪڍيا جو ادب جي دنيا وات ۾ آڱريون وجهي دنگ رهجي ويئي، سنڌ جا ڪي اهل قلم بلبل کي سنڌ جو ’حالي‘ سڏين ٿا ڇاڪاڻ ته هن مولانا حاليءَ وانگر نثر ۽ نظم جي ذريعي سنڌ جي سرسيد احمد خان يعني حسن علي آفنديءَ جي مدد ڪئي. حسن علي آفنديءَ جي صحبت ۾ رهي بلبل جي طبيعت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ خاص قسم جو مذاق پيدا ٿي پيو هو جنهن تي هلي هن اڳتي جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو.

بلبل جي مضمون نگاريءَ ۽ معامله بنديءَ جوئي اهو نتيجو هو جو مسلمانن جون دليون هن ڏانهن ڇڪجي وينديون هيون. اهو هن جو ئي زور قلم هو جنهن مسلمانن کي صحيح واٽ تي هلڻ ۽ پنهنجي بهبودي ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ تي آماده ڪيو. اهڙيون ڪيتريون ئي خدمتون هيون جي بلبل قوم لاءِ وقت بوقت ڪندو آيو آهي. هن جي اهڙين خدمتن جو اعتراف خود ڪيترن عملدارن به ڪيو آهي. مسٽر لارينس سنڌ جي ڪمشنر پنهنجي خط مورخه 14 اپريل 1919ع ۾ لکيو آهي ته "اوهان جي خط ۾ سڌارن بابت مشورن جو نهايت احسانمند آهيان جي اوهان مسلمان قوم جي بهبوديءَ لاءِ موڪليا آهن. اوهان جا رايا ۽ هدايتون هميشه پسند خاطر رهنديون چاڪاڻ ته مون کي گهڻي عرصي کان وٺي اوهان جي قابليت ۽ سرڪار سان ۽ پنهنجي وطن سان وفاداريءَ جي خبر آهي."

بلبل جون اهڙيون ڪيتريون قومي خدمتون آهن جي هرگز وسرڻ جون نه آهن. خان بهادر حسن علي خان آفنديءَ جو هُو هميشه دست بازو ٿي رهيو ۽ آفندي به هن جي قابليت جو ايترو قائل ۽ دلداده هو جو جيڪي به وڏا ڪم ڪيائين تن ۾ هن کي پاڻ سان شامل رکندو آيو ۽ چوندو هو ته "مون کي عجب ٿو لڳي ته اهڙو انسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟"

دڪن اگريڪلچرل رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ڪرائڻ ۾ بلبل، حسن علي آفنديءَ جي ساڄي ٻانهن هو چاڪاڻ ته سڄي سنڌ جي آبادگارن ۽ زميندارن قرضن جي انگن اکرن گڏ ڪرڻ جو ڪم بلبل تي رکيل هو جنهن سڄي سنڌ جي زميندارن جو احوال ثابتين سوڌو گڏ ڪري آفنديءَ کي ڏنو ۽ شاهديءَ جو مواد هن لاءِ ڪٺو ڪيو. ڪميشن 'پُونا' شهر ۾ ويٺي هئي جتي بلبل کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ شاهدي ڏيڻ وقت بلبل سنڌس پرسان ويٺل هو ته متان ڪنهن وقت ڪجهه پڇڻ جي ضرورت پوي. مرحوم حسن علي هن ڪم ۾ ڪامياب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيوءِ دکن رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ٿيون جنهن جو فائدو اڄ ڏينهن تائين سنڌ جا آبادگار وٺي رهيا آهن ۽ جنهن جي اهميت هر مسلمان وڪيل چڱي طرح محسوس ڪندو هوندو.

مرحوم سردار محمد يعقوب سي. آءِ. اي. سابق وزيراعظم رياست خيرپور ميرس 1906ع ۾ بلبل جي قابليت جو اعتراف ڪندي انهن لفظن ۾ لکيو آهي

"هرگز هرگز اسان جو اهو ارادو نه آهي ته فقط ظاهري لباس ۾ اوهان جي تعريف ڪجي مگر سچ پچ ته اوهان جي اخبار جا مضمون اهڙي سنجيدگي ۽ ڪلام جي خوبصورتيءَ سان سينگاريل هوندا آهن جن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. وڏي خوشيءَ سان هي ڳالهه قبول ٿا ڪريون ته سنڌي زبان بيشڪ وٽندڙ نموني ۾ لکي سگهجي ٿي جنهن جي ثابتي خود اوهان جون تحريرون آهن. هي ڪا رڳو منهنجي راءِ نه آهي پر منهنجو ڀاءُ محمد يوسف مون کان به وڌيڪ اوهان جي مضمون نويسيءَ جو قائل ٿو ڏسجي بلڪ ثنا خوان آهي."

مرحوم نور الدين صديقي ميمبر سنڌ سروس ڪميشن جي والد بزرگوار مخدوم محمد انور پاٽائي جو سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ خاندان جو هڪ فرد هو تنهن جي هڪ مضمون جو مختصر اقتباس اخبار 'آفتاب' ۾ تاريخ 25 اپريل 1908ع ۾ ڇپيو هو هيٺ ڏجي ٿو.

"جيئن نالبري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن، پنهنجن ناولن ۾ فلسفه ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي پنهنجي قوم ۾ جا فڪشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو تيئن بلبل جي ظرافتي مثالن ۽ تصنيفن جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو سو قوم کي سڌارڻ ۾ اسان جي ڊگهين تقريرن، تحرين ۽ مضمونن ڪڏهن نه ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي کي جاچي انهي جي مذاق مطابق نه لکندا تيستائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نه ڪنديون. مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهي ٿو ته اهو بلبل آهي" مخدوم صاحب جو اهو چوڻ ڪيتري قدر نه صحيح آهي سو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي بلبل جي شاعريءَ تي جيڪو بحث ڪنداسين تنهن ۾ ڏسجو.

لاڙڪاڻي جو اڳوڻو ڪليڪٽر جناب حامد علي صاحب جو حيدرآباد سنڌ ۾ لئنڊ رڪارڊ ۽ ائگريڪلچر جو سپرنٽنڊنٽ ٿي رهيو هو سو پنهنجي خط مورخه 31 مارچ 1911ع ۾ ائين لکي ٿو ته "سچ پچ ته اها خدا تعاليٰ جي وڏي بخشش ڇئبي جو سنڌ جهڙي ريگستان ۾ اوهان جهڙا بيا هڪ ٻه بلبل، هُو جيڪڏهن ڏياري موڪلي ته هوند هي ويرانو رشڪِ عدن بڻجي پوي."

مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جنهنجو تخلص پهرين 'صغير' هو ۽ پوءِ 'حڪيم'. پنهنجي خود نوشته سوانح حيات ۾ ائين رقمطراز آهي ته "اهو محترم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم رئيس شمس الدين بلبل هو جنهن جي شعر جو شُهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. مرحوم بلبل جي دلچسپ تصنيفات سنڌ ۾ پنهنجو سڪو ڄمائي چڪي هئي. مرحوم بلبل پُر گو ۽ بديهه گو ظريف ۽ صاحبِ ذوقِ سليم هو. هو هر دل عزيز ۽ خوش خلق ٻه هڪڙو ئي هو. سنڌ جي مشهور اخبار 'معاون'، 'آفتاب' ۽ 'الحق' جو سالها سال ايڊيٽر ٿي رهيو. خاص طرح سندس قلم جون گل ڪاريون آفتاب جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلڪش ۽ دلچسپ هوندو هو. مرحوم کي مسلمانن جي پست حاليءَ جو سخت احساس هو. هو سياستِ ملڪيءَ ۾ به چڱو ڀهرو وٺندو هو. هو علم دوست ۽ علم وارن جو بيحد قدردان هو. خداوند غفور رحيم جنت نصيب ڪريس عجيب انسان هو."

محترم حافظ عبدالله صاحب بسمل نڪرائيءَ جو چوڻ ملاحظ فرمايو ته "موجوده سليس نثر نويسيءَ جو رنگِ اول مرحوم بلبل اختيار ڪيو جو خاص اخباري دنيا لاءِ بلڪل ڪارائتو ثابت ٿيو. مرحوم بلبل کان اڳ سنڌي نثر نويسيءَ جو نمونو فارسيءَ جي تتبع تي 'مقفيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مسجع، عبارت وارو رائج هو. اهو نمونو صرف فارسي زبان ۾ ڪامل دستگاه رکڻ وارا لکي سگهندا هئا. باقي نوآموز يا ٿورو پڙهيل به ستون به لکي ڪو نه ٿي سگهيا ـ ملڪ کي بلبل جو اهو عظيم الشان احسان ڪڏهن به نه وسرندو. جنهن نه رڳو اهو نمونو ايجاد ڪيو بلڪ ان کي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ قلمي طاقت سان نهايت بلند رتبي تي پهچاياءِين جنهن ڪري سنڌي نثر لکڻ هر ڪنهن لاءِ نهايت آسان ٿي پيو. شڪي مزاج دوستن کي اخبار 'معاون سنڌ' ڪراچي ۽ اخبار 'آفتاب سنڌ' سکر جا پرچا مطالعه ڪرڻ گهرجن."

مِيان نور محمد نظاماڻي متخلص به نورل، اخبار 'الحق' 3 نومبر 1906ع ۾ رقمطراز آهي "تنهن ڏينهن بوقتِ نصف النهار اخبارِ نامدار جي ديدارِ فرحتِ آثار کان پوءِ روح جو طوطي، حجاب جي پڃري مان آزادي حاصل ڪري، يڪدم سخن جي مرغزار ڏي اڏاڻو ۽ وداد جي شمشاد تي ويهي پنهنجي دوست دلارام، خوشخرام، بلبل نام جي احترام ۾ نغمه زن ٿيو. اميد نه هي ڪج گفتار پنهنجي اخبار گوهرِ بار جي ڪالم نگار عالم تي بي حجاب اڪتاب فرمائيندا متان استطاب سمجهي، ڪنهن عتاب جي خطاب سان مفت تاب فرمايو. اگرچه شعر ۽ سخن جي ملڪ جا سلطان پنهنجي وصف جي داستان سڻڻ جا خواهان نه رهندا آهن چو ته نه انهن کي ڪنهنجي ساراهه جي پروا ۽ نه ڪنهن بدطينت جي غيبت ڏي نگاه. مگر هي اصلي قدرت الهي آهي جو سيڪو قدردان ۽ اهل ايمان ازخود سندن ثنا خوان ۽ سپاهي آهي. البت حاسدن ۽ دشمنن کان سو جهان خالي ڪونهي مگر اهي نادان اخوان الشيطان، عدوالايمان ائين ثنا چاهن ته

اگر صد سال گيتي باد گيرد،
چراغ مقبلان هرگز نه ميرد.

هي غلامِ ڪج ڪلام، محبت جي دام جو شڪار بڻجي بلا اختيار هي چند اشعار عالم آشڪار ڪرڻ ٿو گهري اغلب ته مقبوليت جو شرط بخشي ممنون فرمائيندا. (نظم اڳتي هلي ڏسو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم ساڪن حيدرآباد سنڌ جو رطب اللسان آهي ته:

شاعر ملڪِ سنڌ، شمس الدين
ڪ از و بود عالمِ شگفت
بلبل بود اوڪ بامنقار
در معنيءِ عجيب تر، مي سفت
بود او شمس بر سپهر سخن
ڪرد آخر غروب وروتي نهفت

سيد حاجي غلام محمد شاهه 'گدا' ساڪن حيدرآباد سنڌ ٿو لکي.

ابر نيسان آب پاشي ڪرد در صحنِ چمن
هر طرف بادِ صبا شد درد هن جاروب گير

آمده فصلِ بهار ست اينڪ مي بينم جلوس
از گياه سبز گويا فرش شدا خضرِ حرير

آب چون سيماب از ڪاريزه در طرف چمن
پاءِ بوسِ هر شجر گرديد باشوقِ ڪثير

نغمہ سنجان چمن هر يڪ ترنم تازه ڪرد
ليڪ بلبل برد سبقت از همہ اندر صغير

مرحوم مولانا شفيع محمد صاحب 'مسجدي' ساڪن سوڍاري شريف ضلع دادو بلبل بابت اٿين ٿا چون-

بلبلِ باغ سخن شيرين ڪلام
بادِ بر روح تو رحمت والسلام

شعر تنهنجي ۾ حلاوت حافظي
گر چه مرزا، لطف ٿيا عالي مقام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو سعدي تئين تون بيگمان
طفلِ مڪتب تو اڳيان صاحب ڪلام

فنِ انشا ۾ تئين تون بي نظير
تون تئين ايڊيٽرن جو پڻ امام

آفتاب آمد دليلِ آفتاب
رفتِ از سحبان تو بلا چندگام

تنهنجي قدمن کي سياست جو سماءُ
ڪوڏئي دهرائي ڪو تنهن جو پيام

پير رفيع الدين سرهندي 'مجددي' نقشبندي بلبل جي ديوان طبع ٿيڻ تي هيٺيون قطعه لکيو.

سحرِ بباغ خوشي مطرب خجسته شعار
غنا نمود بمردنگ ونِ دف وسه بار

چمن چمن شد گل ابيات بس شگفته و سبز
صداءِ لحن بر آمد ز عندليب هزار

هزار فاخته و طوطي و تدرو آنجا
چه سروگل چه شقائق شدند در گفتار

هناءِ جشن نمودند هر يکي ز سرور
زعيش شادي و فرحت هزار تازه بهار

دران چمن شده چون جشن روز نوروزي
رسيد بامن از عندليب اين اخبار

ڪه شد ز بلبلِ خوش گوئي خوشنوا خوشخوءِ
عجيب نسخهءِ زيبا بطرزِ خوش اطوار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ندیده چشم چنین لسخہ برمزِ عجیب
بزیر گنبذ مینائي طارم دوار

هزار فرحت و شادي بدوستان بر سید
خلید دردل حاسد زین هزاران خاد

بگفت سرو بہ بستان رفیع مسکین را
کہ سال طبع بدان طوطي پري رخسار
1308

غلام مرتضيٰ شاھ مرتضائي رضوي ٺٽوي پنهنجي هڪ قطعہ ۾ جو هن ديوان بلبل طبع ٿيڻ وقت لکيو هو بلبل جي تعريف ائين ٿو ڪري

عجب ديوان بلبل داستانو
طراوت ده گل و گلزار ڪياء

ڏسڻ جهڙو رهيو سڀ قابلن وٽ
منجهس الفاظ عمدا ڏس وڏاء

اڳيان سڀ قابلن قابل پسندن
وڏا دادِ سخن هن ۾ ڏناء

پڙهي جيڪو پڃائي سو ٿئي خوش
ظرافت جون منجهس رمزون رکياء

تي ڳوليو مرتضائي سال تاريخ
اچي پورو ٿيو جنهن ۾ چياء

ڏيکاريو ان کي هاتف عقل اظهر
1306
طبع جي دل وٺي سن ٿي چياء



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد مير ميان محمد شاهہ صاحب حسيني لکنوي ساڪن آمري قطعہ ڀرائين ٿو لکي.

چودر اخبار ديدم اشتهارِ
بہ گل جويان برآمد بس بهارِ

زاستعداد علم اهلِ اسلام
بچشمِ غير زين گل گشت خارِ

بشرط شعشعۂ اين شمس دين واه
شده در سنده روشن روزگارِ

بہ بُستانِ بلاغت هم براعت
چو بلبل کس نياند آ بيارِ

ترنم هم ترانش قابلِ ديد
نمود از نونو آئين خوش نگارِ

بہ نکتہ نکتہ چينا نقطۂ داد
ببرده گوئي سبقت در ديارِ

شگفتہ غنچۂ دل بي غل و غش
چنين گفتا بگلش گلعذارِ

کريما نيچرل ديوان بلبل
بگيرد انتبطاع و انتشارِ

در و لطف لطائف خوش ظرائف
شده موجود با نقش و نگارِ

مبارک صد مبارک باد و تبريک
بگوير شاعرآن خوش شعارِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو سال طبع ديوانش بجستم
بگوشم مصفائي گفت بارِ

بگو مرغوب دلها باسرِ گل
نہ جز ديوانِ بلبل آشڪارِ

جناب ماستر جمع خان لاکياري شاگردِ رشيد حضرت بلبل مرحوم

## ياد بلبل (مرحوم) (زير مغفرت)

1337

(از غريب)

هئو سر سخندان، مرحوم بلبل،
ادب جي دل و جان، مرحوم بلبل.

هو اعليٰ ادب جي فلڪ تي فلڪ سان،
رهيو شمس تابان، مرحوم بلبل

هو همداستان ۾ فصاحت جو فائض،
بلاغت جو عنوان، مرحوم بلبل.

هواءِ ادب ۾ هو پرواز ان جو
هو شاهينِ باشان، مرحوم بلبل.

محاذِ قلم ۾ هو جرنيل قابل،
۽ هو مردِ ميدان مرحوم بلبل.

هو علمِ معانيءَ جو استادِ ڪامل،
هو سعدي ۽ سحبان، مرحوم بلبل.

هئو فيلسوفِ زمانہ ۽ شاعر،
اديبِ همہ دان، مرحوم بلبل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جي هو نالي تي هردم فدا هُو
محمد تان قربان، مرحوم بلبل.

هئي ان جي فطرت ئي فهم و فراست،
شرافت جو هو شان، مرحوم بلبل.

جلالت، جلادت، جسارت ۽ جيد،
هو خائن سندو خان، مرحوم بلبل.

هئو ديني غيرت جو سر، باحميت،
۽ هو جانِ ايمان، مرحوم بلبل.

ڪشش ان جي الفت جي بجلي اثر هئي،
هئو جانِ جانان، مرحوم بلبل.

ڪڏهن ڪين ڪنهن رسم جو ٿيو مُقيد،
هو آزاد انسان، مرحوم بلبل.

هو هر فرد مسلم جي لئي گل گلابي،
۽ ڪافر جي لئي ڪان، مرحوم بلبل.

مزو ناهي محفل ۾ اڄ مون کي ان ريءَ،
ويو هاءِ ارمان!!، مرحوم بلبل.

هوا جي مخالف بنا حق مٿان تنهن،
مچائي ها طوفان، مرحوم بلبل.

حريفن جا مون تي جي حملا ڏسي ها،
ته ٿئي ها نگهبان، مرحوم بلبل.

رئيسِ بهشت آهي، خدمت ۾ پنهنجي،
آيا حور و غلمان، مرحوم بلبل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي هن تي وسندڙ سدا ابرِ رحمت.
وٽي شانِ شايان، مرحوم بلبل.

پڇيو سال رحلت جو هاتف ڪنان مون،
چيئين! ڇا داستان، مرحوم بلبل؟

"هو مغفور" ۽ با سرِ دل وري چئُ
1337هه 4
"حقُ اعليٰ تر انسان، مرحوم بلبل."

سرِ دل ويو! عيسوي سال تي ويو
4 1337
"هو جنت ۾ ذيشان، مرحوم بلبل"
1919

غريبا هي شمسي نظام آهي اعليٰ،
رکي پڙضيا تن کي شل رب تعاليٰ
(غريب)

## مياڻ نور محمد نظاماڻي تخلص نورل
### ايڊيٽر مرغ فلڪ

سخن جي ملڪ جو سردار بلبل
بهار الحق سندو سينگار بلبل

عجائب هئي اڳي الحق و ليڪن
نہ هئا هي ناز خوش اطوار بلبل

سخن جا سرو نرگس لالہ چنڊين
وليڪن غيرتِ گلزار بلبل

گهڻا طائوس و طوطي، مرغ و قمري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺلن پيا پر عجب رفتار بلبل

بہ شھرِ شعر ڪن شربت فروشي
گھڻا تاجر مگر عطار بلبل

دُر و ياقوت و مرجان، لعل هيرا
گھڻا پر معدنِ اشعار بلبل

سخندانِ سندا درياءَ چندين
مگر هي بحر آ زخار بلبل

علم جي آسمان ۾ ڪيئي ستارا
قطب پروين مگر مهوار بلبل

منور جيئن ڪ شمس الدين اسمش
بلاشڪ تيئن پر از انوار بلبل

ڏسي هن شمس جو هي تابِ شبير
لڪا منجهہ ڪند از ديدار بلبل

جنهين ڪانگن اڳي ڪان ڪان ڪئي ٿي
وڃن وڏجي زبان ڪيا خوار بلبل

پيچايا خواب ۾ پاپڙ جنهين ٻي
ڪيا سي دال خور بيدار بلبل

عدوئن جي دلين جيري جگر کي
ڪيو بسمل هڻي سو فار بلبل

ظفر ڏي ذوالجلالا تن تي دائم
اسان جي دل گھريءَ دلدار بلبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدايا حاسدن ۽ دشمنن کان
رکج هر وقت در زنهار بلبل

هِتي توڙي هُتي رک يا الٰهي
ٻہ عالي قدر ۽ مقدار بلبل

خوشامد جي نہ ورتي راه نورل
مگر شيدائي بر گفتار بلبل

**فخر الشعراء جناب محمد بخش صاحب 'واصف' ساڪن حيدرآباد سنڌ تو چوي**

واصفا بلبل و عاجز و ٻيو گدا قاسم و گل
ويا سخن جي سي ٻڌڻ وارا ٻڌائڻ وارا

هن خاڪسار بہ بلبل جي تعريف ۾ هڪ مسدس، ميهڙ واري ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هو جو هيٺ ڏجي ٿو.

ڪير ميهڙ ۾ اچا سڏجي ٿو سلطانِ سخن
ڪنهن ڪيو سبز ۽ شداب گلستانِ سخن
شعر ۾ ڪير هو جڻ بحر خروشانِ سخن
ڪنهن پريو گور و ياقوت سان دامانِ سخن
ڪنهن جي انداز سخن ملڪ کي تسخير ڪيو
ڪنهن جي اشعار، ظرافت ۾ بہ تفسير ڪيو

واه بلبل جي نئين طرز ۽ انداز نئون
حسن ۽ عشق ۾ هو سوز نئون ساز نئون
طنز تفريح ظرافت سندو آواز نئون
سُر بہ ڇيڙيو تہ اچي زمزم پرواز نئون
نغما سنجان سخن ان جا ثناگر آهن
طرزِ بلبل جا ثنا خوان سخنور آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪي بلبل جي نه هٿ آئي ڪڏهن طرزِ مذاق
ان جي شعرن جو تتبع ڪيو توڙي آفاق
ملڪ و ملت ڪي ڏسي اهڙي ته هن راهِ وفاق
جو پيچي ڏور ٿيا قوم کان خود بغض و شقاق
سنڌ اهڙو نه ڪيو هو ڪو سخنور پيدا
نه بلاغت ۽ فصاحت ۾ به همسر پيدا

شعر گوئي جو ڪيو شان معنيٰ بلبل
آهه اسرار سخن جو ته شناسا بلبل
رنگ اهڙو ته ڪيو نظم ۾ پيدا بلبل
ذوق وارن ڪي ڪيو پاڻ تي شيدا بلبل
عقل حيران ٿيو زور طبيعت ڪي ڏسي
نظم ۽ نثر ۾ پڻ جوش ۽ جدت ڪي ڏسي

دلفريبي جو ظرافت ۾ رکي ٿو سامان
جنهن جي تنقيد تي نقاد ٿئي ٿو حيران
دلڪشي نثر جي جڻ آهه ٽڙيل ڪو بُستان
نظم جي آب تان پڻ گوهرِ رخشان قربان
شعر جي هر سخنِ مصنف ۾ ماهرِ بلبل
فارسيءَ جو هو ته سنڌيءَ جو به شاعرِ بلبل

خوب مشهور ٿيو ملڪ ۾ هو ڏور و قريب
نڪته سنجيءَ جي وٽس رمز هئي سڀ کان عجيب
طرز پنهنجي جو ته بلبل به هو مخصوص اديب
ڪين هي طرز اچا سنڌ ۾ ٿي ڪنهن ڪي نصيب
گرچه الله جي قدرت کان پري ناهه خليل
پر ڏسون ٿا ته ڏکيو آهه ملڻ انجو مثيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل جي شهرت نہ رڳو سنڌ ملڪ ۾ هئي بلڪ ان پرڳڻي کان ٻاهر بہ سندس ڪمالات جا داد ڏيڻ وارا پيدا ٿي پيا هئا. سندس سنڌي مضمونن جا ترجمان ۽ اقتباس سنڌ کان ٻاهر اردو اخبارن ۾ بہ شايع ٿيڻ لڳا. جهڙوڪ گرميءَ بابت سندس مضمون نهايت گهڻو پسند ڪيو ويو ۽ اخبار 'انتخاب لاجواب' لاهور ۾ شايع ٿيو. اهڙي طرح سندس بيا مضمون بہ لاهور جي اخبار 'پنجئہ فولاد' ۾ وقت بوقت ڇپندا رهيا جنهن جو ايڊيٽر مشهور اهلِ قلم ۽ شاعر 'ذوق' هو. اهو ئي پهريون غير سنڌي ايڊيٽر هو جنهن بلبل جي تصوير سوانح عمريءَ سان گڏ پنهنجي اخبار مورخہ 7 مئي 1906ع ۾ ڇپائي. اردو دان طبقي کي بلبل جي علمي ۽ ادبي ڪمالات کان روشناس ڪرايو جتان مسٽر گنپتراءِ مئنيجر پنهنجو مضمون تيار ڪيو هو.

هن بيان مان هڪ ڳالهہ چڱي طرح واضح ٿي ٿئي تہ بلبل کي پنهنجي ٻوليءَ تي پورو ضابطو ۽ دسترس حاصل هو جنهن ڳالهہ وڏن وڏن انشا پردازن کي هن جي طرف متوجہ ڪيو ۽ اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ بلبل ان وقت زبان جي لحاظ کان مستند ۽ بي عيب هو بلڪ زبان جي لحاظ کان بلبل پنهنجي اخبار کي ڪڏهن بہ پست ٿيڻ نہ ڏنو. سچ پچ تہ اخبار ئي ٻوليءَ جي نگهبان سمجهي ويجي ٿي. پر افسوس آهي تہ موجوده سنڌي اخبارن جي حالت ان کان برعڪس نظر اچي ٿي. موجوده دور ۾ اخبارن جي ٻولي ڌڙڻ جي بدران وڌيڪ بگڙندي وڃي ۽ ڪو معيار سامهون نہ هئڻ جي سبب جنهن کي جيئن اچي ٿو ٻولي بگاڙيندو وتي. مشڪل سان ڪو نظر تو اچي جنهن کي ٻولي سڌارڻ جو خيال هجي.

پنجاب جا بہ وڏا مشهور عالم، مولانا مولوي محمد ابراهيم صاحب سيالڪوٽي ۽ مولانا نبي بخش صاحب. بلبل جا مضمون ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان پڙهندا هئا. جڏهن تبليغ جي سلسلي ۾ 1906ع ۾ انهن جو سنڌ ۾ اچڻ ٿيو تڏهن آفتاب جو اهو پرچو سندن نظرن مان گذريو جو نئين سال جي خوشيءَ ۾ نڪتو هو. جنهن جي پهرين صفحہ تي فارسيءَ جو اهو قصيدو لکيل هو جنهن جي هر مصرع ۾ سال تاريخ ٿي نڪتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي
اجها هي زر اجهي زيور اجهي هي گهر اجهي بستر

هن مرحبائي غزل جي ابتدا هن ريت آهي

يلي آيا يلي اي سرگروه قوم دين پرور
مجاهد في سبيل الله فائز في هلال احمر

اون اجي خاص خدمت آ خدا جي راه ۾ ورنه
ڪتي بستان ڪتي ويران ڪتي بنگلا ڪتي هي بر

ساريءَ سنڌ ۾ جيڪي به قومي جلسا يا ميٽنگون ٿينديون هيون ته قوم جا اڪابر توڙي عام ماڻهو بلبل جو هئڻ ضروري سمجهندا هئا.

مون سان جناب ڏتل شاهه جج ڳالهه ڪئي ته هڪ ڀيرو نوشهروفيروز ۾ چاءِ جي دعوت هئي ۽ بلبل هڪ تيز رفتار ٽانگي تي سکر کان اچڻو هو. دير ٿي وئي هئي تڏهن به جناب الهندي شاهه صاحب بلبل جي پهچڻ لاءِ ماڻهن کي ترسائي ڇڏيو هو. هُو نيٺ اچي پهتو.

لاڙڪاڻي جي مدرسته الاسلام جي جلسي ۾ هڪ ڀيرو هن اهڙو ته مرصع مسدس پڙهيو جو ان وقت جو ڪليڪٽر مسٽر ڪربر صاحب، جو فارسيءَ جو چڱو ڄاڻو هو سو بُت بڻجي، پڇاڙي تائين بلبل کي حيرت ۾ ٽڪيندو رهيو. ڪجهه سالن کان پوءِ جڏهن ساڳيو آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي آيو ته ڪيس بلبل جي اچا يادگيري ڀيني هئي ۽ جڏهن ڪمشنر کي ان جو تعارف ڪرايائين ته چيائين ته "هي شخص اعليٰ درجي جو اديب ۽ شاعر آهي ۽ بلبل سنڌ جي نالي سان مشهور آهي". ٻئي ڪنهن موقعي تي ساڳئي مدرسي ۾ بلبل هڪ اهڙو نظم پڙهيو جو هڪ جيد عالم 'ابوالفرج پانيپتي' اهو نظم نقل ڪري ورتو ۽ پنهنجي ڪتاب 'حالات سفرِ سنڌ' ۾ ان جو ذڪر به لکيائين ۽ بلبل جي قابليت ۽ قوم پرستيءَ جي به ڏاڍي ساراهه ڪيائين. مطلب ته اهڙي ڪا مجلس نه هئي جنهن لاءِ بلبل مرحوم کان مشورو طلب نه ڪيو ويندو هو. علمي، ادبي ۽ شاعرانه مجلسن کانسواءِ سياسي، تعليمي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي ڳالهين ۾ به بلبل سان صلاح مصلحت ڪئي ويندي هئي ۽ هو وڏي فراخ دليءَ سان انهن ۾ حصو وٺندو هو ۽ پنهنجي قوم، ملڪ ۽ زبان جي خدمت ڪندو هو.

شيخ صادق علي وزير خيرپور ميرس پنهنجي خط مورخہ 10 جولاءِ 1910ع ۾ لکي ٿو "مذهبي ڪتابن جي ميٽنگ جي ڪارروائيءَ مان، جنهن جو نقل اوهان کي موڪليو ويو آهي، اوهان کي معلوم ٿيو هوندو ته اوهان مقرر ڪيل سب ڪميٽيءَ جا ميمبر چونڊيا ويا آهيو. جيتوڻيڪ 16 آگسٽ انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيل آهي تنهن هوندي به آئون عرض ڪندس ته نوازش فرمائي مرزا قليچ بيگ صاحب کي جو ان ڪميٽيءَ جو چيئرمين آهي، اطلاع ڏيندا ته مقرر تاريخ تي انهيءَ ڪميٽيءَ ۾ حاضر رهي سگهندا يا نه."

8 سيپٽمبر 1910ع ۾ شيخ صادق علي صاحب ڪيس ٻيو خط لکيو "اوهان جو خط پهتو. آئون اوهان جو شڪر گذار آهيان جو هڪ مذهبي ڪم ۾ اوهان ڀرپور مدد ڏني. جيئن اوهان هڪ خالص اسلامي ڪم ڪيو آهي، اميد آهي ته پيغمبر جي حديث جي چوڻي موجب ان جو صلہ خدا جي سرڪار مان ڏهه ڀيرا وڌيڪ ملندو. متصدي کي لکيو ويو آهي جو اوهان جو خرچ ۽ ڀاڙو ڏياري موڪليندو."

ڪراچي ۾ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس سن 1907ع ۾ ٿيڻي هئي. مسٽر دهلوي بئرسٽر ڪانفرنس جي طرفان سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت بابت بلبل کان رايا پڇيا- بلبل هڪ وڏي مدلل رپورٽ ڪانفرنس ڏانهن ڏياري موڪلي جا پوءِ ڪانفرنس ۾ بلبل کي ئي پڙهڻي پيئي. هن عاليشان ڪانفرنس ۾ جيڪي به سنڌ بابت ٺهراءَ پاس ٿيا سي سڀ ان رپورٽ مان ورتل هئا. سنڌ ۾ فارسي تعليم رائج ڪرڻ بابت ٺهراءُ، بلبل اهڙي فصاحت سان پيش ڪيو جو خود نواب وقار الملڪ بهادر ان وقت اٿي ان جي تائيد ڪئي ۽ خواجہ غلام الثقلين پاڻي پتي ۽ ٻين مسلمان ليڊرن به ان جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي. ان ڪانفرنس جي سموري رپورٽ 1908ع مطبوعہ علي ڳڙھ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپيل آهي- ان رپورٽ جو سڄو مسودو بلبل جي ڪتاب "مسلمان ۽ تعليم" ۾ آهي جو سال 1914ع ۾ شايع ٿيو.

1904ع ۾ ميهڙ جي شهر ۾ هڪ انجمن 'اتفاقِ اسلام' جي نالي سان برپا ڪيائين جنهن جي سايه هيٺ 1906ع ۾ هڪ تعليمي درسگاهه جو بنياد وڌائين. جنهن جو نالو مدرسته الاسلام رکيو ويو. هن مدرسي کي جاري رکڻ ۾ بلبل پاڻ کي ڏاڍو پتوڙيو. شيخ صادق علي ۽ ٻين مسلمان عملدارن جي تعاون سان چڱي رقم جمع ڪري ورتائين. دوستن کان ۽ دربار خيرپور ميرس ۽ لوڪلبورڊ کان به خوب عطيه حاصل ڪيائين.

بلبل هميشه انهيءَ خيال جو هو ته مسلمان ٻار پلي انگريزي سکن. اهو اسڪول جنهن ۾ انگريزي ڇهن درجن تائين پاڙهڻ ۾ ايندي هئي سندس حياتيءَ جو هڪ وڏو يادگار آهي. هندو توڙي مسلمان سڀ سندس انهي ڪارنامي جا اڄ ڏينهن تائين احسانمند آهن. 1919ع تائين گهڻي جفاڪشيءَ سان اهو اسڪول هلايائين ۽ مدرسي جي عمارت ۽ بورڊنگ هائوس لاءِ زمين هٿ ڪري نقشا وغيره به تيار ڪرايائين مگر بي بقا زندگيءَ جتاءِ نه ڪيو ۽ اها حسرت پڄاڙيءَ تائين پاڻ سان گڏ کڻي ويو. سندس وفات کان پوءِ اهو اسڪول هندن هلايو جو اڄ هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتل آهي.

ان زماني ۾ بلبل جي قابليت جو هر هڪ ماڻهو قائل هو تنهن ڪري حاڪمن ۽ آفيسرن وٽ هن جي ڏاڍي عزت هوندي هئي. پهريائين پهريائين هو ميهڙ سينٽري ڪاميٽي، اسڪول ڪاميٽي ڊسپينسري ڪاميٽي تي مقرر ٿيو. خيرپور ميرس جي حاڪمن کان قصيدن لکڻ تي خوب انعام ۽ اڪرام حاصل ڪيائين. ٻن بندوقن ۽ ترار رکڻ لاءِ پروانا مليل هيس. سيد پير علي مدد شاهه راڻي پور واري جي شان ۾ قصيدي لکڻ تي هڪ زردار لونگيءَ سان گڏ اُها ترار به ملي هيس جنهن جو ڪيس پروانو مليل هو. 1909ع ۾ تعلقي لوڪل بورڊ جو سرڪاري ميمبر ۽ تعلقي جي پبلڪ ورڪس ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ٿيو.

ڪمشنر جي درباري هئڻ کان سواءِ 1917ع ۾ ميهڙ جي آنرري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينچ مئجسٽريٽن جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. جنهن لاءِ 12 نومبر 1917ع ۾ جناب 'ڊولس صاحب' ڪيس مبارڪباد جو خط فارسيءَ زبان ۾ پنهنجي هٿ سان لکيو.

"مراسلئہ شما رسيد و مرا ممنون گر دانيد. اميد دارم کہ مزاج شما در عين صحت و سلامت باشد. ثانيا معروض مي شود کہ آن نوٽ يڪ صد روپيہ از براءِ لوردي فند آمده است. از سبب اين سخاوت و زرفشاني شڪر زياده مي گزارم. رسيد آن پول ملفوف مي شود. ديگر از آنڪہ مجسٽريٽ شده ايدمن تهنيت مي فرستم والسلام."

"اوهان جو خط پهتو ۽ مون کي ممنون ڪيو. اميد ٿو ڪريان تہ اوهان جو مزاج بلڪل تندرست ۽ سلامت هوندو. ٻيو عرض ٿو ڪريان تہ انهيءَ سخاوت ۽ زرفشانيءَ جو گهڻو شڪر گذار آهيان جو لوڙ فنڊ لاءِ هڪ سئو رپين جو نوٽ پهتو. انهن پيسن جي رسيد لفافي ۾ موڪليان ٿو. ٻيو تہ مئجسٽريٽ ٿيا آهيو تنهن جي اوهان کي تهنيت ٿو موڪليان. زياده والسلام."

## بلبل جي صحافتي حيثيت

اخبار نويسي يا فن صحافت دلچسپ تہ گهڻو ئي آهي پر شاعريءَ جي فن وانگر ڏکيو بہ اهڙو ئي آهي. دلچسپ هجڻ جي سبب ان جون دشواريون اڪثر نظر انداز ڪيون وڃن ٿيون. اخبار نويسيءَ کي ماڻهن شهرت ۽ عزت حاصل ڪرڻ جو سڀ کان وڌيڪ، سڀ کان آسان ۽ سڀ کان ڪم خرچ ذريعو سمجهيو آهي پر ڪين ان جو اندازو ڪونهي تہ اخبار نويسيءَ جي فن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قابليت ۽ صلاحيت جي سخت ضرورت آهي. انهن ڳالهين سان گڏ موقعو ۽ وجهہ بہ هٿ اچڻ جي ڏاڍي ضرورت آهي تاڪہ انهن جو مظاهرو ڪري فائدو پرائجي. پر اسان جي ملڪ ۾ صلاحيت ۽ قابليت کان وڌيڪ فرقہ پرستيءَ تي موقعي جو دارومدار آهي. خدا جي قدرت سان بلبل وٽ قابليت ۽ صلاحيت جي ڪمي ڪا نہ هئي بلڪ اهي شيون اڳيئي وٽس موجود هيون. مگر موقعو بہ ڪيس فرقہ پرستيءَ جي صورت ۾ مليو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو جو ان وقت هندو تمام گهڻو تعليم يافته هئا ۽ هر هڪ محڪمي ۾ انهن جو تعداد مسلمانن جي تناسب کان گهڻو وڌيڪ هو. ان ڪانسواءِ هندو وري هوم رول جا خواهان هئا جا ڳالهه مسلمان قوم جي لاءِ نقصان ڪار هئي. بلبل موقعو شناس ته اڳيئي هو تنهن ڪري اهڙي موقعي کي هٿ مان وڃڻ نه ڏنائين. مسلمانن کي انگريزي حاصل ڪرڻ جي ترڪيب ۽ انهن جي حقن وٺي ڏيڻ ۾ بلبل نهايت زور شور سان اخبارن ۾ وڙهيو. هن ڳالهه ۾ هن جي قابليت ۽ صلاحيت گهڻي قدر ڪارآمد ثابت ٿي.

ممڪن آهي ته ڪو ائين سمجهي ته بلبل حصولِ معاش لاءِ اخبار نويسيءَ جو پيشو اختيار ڪيو هو. جيئن اڄڪلهه اسان جا ڪيترا سنڌي پائر جن جي ڪا علمي لياقت ڪانهي، ڪري رهيا آهن مگر ائين نه هو ڇاڪاڻ ته جي ائين هجي ها ته سنڌس وڏو پاءُ رئيس پير بخش خان جي وفات کان پوءِ اهو ڪم ڇڏي پنهنجون زمينون سنڀالڻ لاءِ موٽي ميهڙ ڪين اچي ها.

هي اهو وقت هو جڏهن اخباري دنيا ۾ بلبل جي شهرت بامِ عروج تي پهچي چڪي هئي ۽ هن جو دٻدٻو ۽ سڪو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڄاڻنجي ويو هو بلڪ اهو چوڻ نامناسب نه ٿيندو ته اخبار نويسي بلبل جي لاءِ زندگيءَ جو هڪ اهم مشغلو بڻجي چڪي هئي. بلبل جڏهن ميهڙ موٽي آيو ته ڪيس تاريخ 22 آگسٽ 1893ع ۾ هڪ خط ۾ خان بهادر حسن علي آفنديءَ ائين لکيو ته "ايترو عرض ڪرڻ ٿو گهران ته اسان جي پرچي کي اوهان ليک موڪلڻ صفا بند ڪري ڇڏيا آهن. جنهن جي ترقيءَ جو مدار اوهان جي مضمونن جي قابليت تي هو. جيڪڏهن اوهين خود مختيار رهڻ ٿا گهرو ته پوءِ اسين پرچي کي مدرسي مان انجمن ڏي منتقل ڪري ڇڏيون. اوهان جهڙي تجربيڪار ماڻهوءَ جو اسان سان شامل رهڻ بلڪل ضروري آهي. گهڻي اچرج جي ڳالهه آهي ته هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اوهان جهڙي لياقت وارو انسان ڪيئن پيدا ٿيو آهي جنهن انهن قابليتن کي اهي موقعا نه ملي سگهندا جهڙا ڪراچيءَ ۾، جو سنڌ جو هڪ وڏو ۽ مشهور شهر آهي. جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي اچي اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻ پسند نٿا ڪريو تہ پوءِ اُتان ئي پيا ڪم ڪريو. اوهان کي پڳهار پيئي ملندي پر مهرباني ڪري اسان سان پنهنجا تعلقات نہ ٽوڙيو. مون کي اميد آهي تہ ان جو جواب جلد موڪليندا.“

مٿئين خط ۾ جنهن پرچي بابت آفندي صاحب ذڪر ڪري رهيو آهي سا ’معاون‘ اخبار آهي جنهن جو ايڊيٽر منيڊ ڪان وٺي بلبل مقرر ڪيو ويو هو. معاون اخبار ۾ بلبل سنڌ مدرسة الاسلام جي ترقيءَ لاءِ پنهنجي اشهب قلم کي خوب جولانيون ڏنيون. سنڌ مدرسة الاسلام جو ماهوار رسالو جامع العلوم مولوي محمد عثمان نورنگ زاده معلم الفقہ جي ادارت هيٺ نڪرندو هو مگر اهو رسالو ڪن سببن ڪري مقبول نہ ٿيو. مسٽر وائينس، مدرسہ جي پرنسپال صاحب جڏهن ان جون واڳون بلبل جي هٿ ۾ ڏنيون تڏهن هن اهڙي مسيحا نفسي ڪئي جو رسالو ترقي پذير ٿيو. مسٽر وائينس خود بہ رسالي ۾ بلبل جي مضمونن کي ڏاڍو ساراهيو آهي.

عالي جناب سيد علي اڪبر شاهہ صاحب موجوده ايم ايل اي ۽ پارليمينٽري سيڪريٽري، صدر سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ رجسٽرار جامعہ عربيہ حيدرآباد سنڌ، رسالي ’علمي دنيا‘ ماهہ اپريل 1930ع ۾ بلبل جي صحافتي قابليت بابت هن ريت رقمطراز آهي، ”معاون اخبار جي ايڊيٽريءَ جي چارج وٺندي ئي بلبل پنهنجي پُرزور ۽ رنگين مضامين سان ان کي اهڙو تہ زور وٺايو جو ساريءَ سنڌ ۾ غلغلو پئجي ويو. جيڪي ماڻهو سندس سنڌيءَ جي رنگينيءَ کان غير مانوس هئا سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا. هن اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان صنعتون ۽ استعاره ڪم ۾ آندا جنهن جي مطالع سان خود اهل قلم بہ دنگ رهجي ويندا هئا. سنڌي اخبان ۾ هن پنهنجي رنگينيءَ ۽ ظرافت نگاريءَ سان جيڪا جدت پيدا ڪئي سا ان ۾ اڳ نہ هئي گويا ان فن ۾ ڪيس سنڌي انشا جو مؤجد چئي سگهجي ٿو.“

بلبل جي مضمونن ۽ مقالات جي مقبوليت جو اهو عالم هو جو جن اخبارن ۾ اهي ڇپجي ايندا هئا سي اخبارون هٿون هٿ وڪامجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينديون هيون. بلبل انهن ٿورن خوش قسمت ماڻهن مان هو جنهن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيل ڪارنامن جو داد مليو.

ناظرين کي بلبل جي علمي استعداد جي واقفيت ته اڳيئي آهي پر ان ۾ شڪ ناهي ته هو نهايت ذهين هو ۽ اها هن جي خداداد قابليت ڇئبي جو هن صحافتي تحرير جي انداز کي چڱي طرح ذهن نشين ڪيو ۽ پروڙي ورتو ته اخبار جو اندازِ بيان هڪ خاص نوعيت رکي ٿو جو ڪتابي اندازِ تحرير ۽ ادبي تحرير يا تقرير کان بلڪل جدا نموني جو ٿئي ٿو جنهن کي ڪافي مشق ۽ تجربي کانسواءِ حاصل ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. بلبل ان وقت جي پڙهيل طبقي جي فطرت جو پورو فيض شناس ٿي چڪو هو. هن کي خبر هئي ته مسلمان اڳيئي تعليم ۾ پٺتي پيل آهن. باقي جيڪو ٿورو تعليم حاصل ڪيل طبقو آهي سو اخبار کان سواءِ ٻي ڪنهن به ڳالهه جو مطالعه نٿو ڪري تنهن ڪري هن ڏٺو ته اهڙن ماڻهن جي ذهني ترقي ۽ انهن جي معلومات ۽ خاص ڪري زبان جي صحت جو اوزار جيڪڏهن ڪا شئي ٿي سگهي ٿي ته اها رڳو اخبار آهي. تنهن ڪري اخبار جو اندازِ تحرير اهڙو هئڻ گهرجي جنهن مان اهو مطلب تمام چڱي طرح حاصل ٿي سگهي. اهو ئي هڪ وڏو سبب هو جو هن اخبار ۾ لکڻ جو اهڙو نادر طريقو اختيار ڪيو جو ملڪ ۾ هاريءَ کان حاڪمَ تائين، اڻ پڙهيلَ کان عالمَ تائين ۽ پٽيوالي کان آفيسر تائين، سڀ سندس طرزِ تحرير ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ۽ حظ حاصل ڪرڻ لڳا.

اسان اڳيئي ڏيکاريو آهي ته اخبار نويسي بلبل لاءِ ذريعه معاش نه هئي بلڪ هن جي زندگيءَ جو مشغلو هو. انهيءَ هوندي به بلبل ڪڏهن به ملڪي ۽ قومي مفاد کي ڪين وساريو. اخبارن جي ذريعي هن پنهنجي طاقت آهر مسلمانن جي خوب خدمت ڪئي. جيڪي به مقالا ۽ ادارتي مضمون هن اخبارن ۾ لکيا سي هن جي عام پاليسيءَ جا صحيح ترجمان هئا. هن جي ادارتي مقالن ۾ ان وقت جي حالتن جو پورو پورو نقشو ڪڍيل هوندو هو ۽ انهن حالتن تي آزاديءَ سان پنهنجا خيال ڏيکاريل هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل جي ٻي ممتاز خصوصيت هيءَ هئي ته جيڪو واقعو پنهنجي اخبار ۾ بيان ڪندو هو ۽ پيش ڪندو هو سو گهڻو ڪري سچو ۽ صحيح هوندو هو جا ڳالهه اڄڪلهه جي ايڊيٽرن ۾ مشڪل سان نظر اچي ٿي، بلڪ عنقا صفت آهي. اهڙي ايماندارانه صفت ۽ خصوصيت هئڻ جي ڪري هو آفيسرن ۽ عوام ۾ گهڻي عزت جي نظر سان ڏٺو ويندو هو ۽ هن جي هر هڪ لکڻيءَ تي حاڪم پورو توجهه ڏيندا هئا ۽ قوم به هن جي پذيرائي ڪندي هئي. اهڙي نموني جي صحيح تنقيد ۽ تبصرن هڪ پاسي ملڪ ۾ هن جي عزت وڌائي ته ٻئي پاسي هن جي هم عصرن ۽ مخالفن ۾ پريشاني به پيدا ڪئي. سنڌ جي هندن جي هميشه اها پاليسي هوندي هئي ته قومي ڪم ڪندڙ مسلمانن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا ۽ مثال ٿي گذريا آهن جي ڳولڻ سان هٿ اچي سگهن ٿا. بلبل به انهن ماڻهن مان هڪ هو جو انهن جي ڪاوڙ ۽ زد کان بچي نه سگهيو ڇاڪاڻ ته هندن جي هوم رول واري تحريڪ ۾ بلبل انهن کي پاسن ۾ ڪنڊي وانگر ٿي چڀيو. بلبل نهايت جوانمرديءَ ۽ حوصلي جو ثبوت ڏنو ۽ 'الحق' اخبار ۾ انهن جو سختيءَ سان مقابلو ڪيو. هندن به خيال ڪيو ته جيڪڏهن هڪڙي قابل مسلمان اخبار نويس کي ڪير جي مک وانگر ڪڍي ڦٽو ڪبو ته پوءِ مسلمان قوم جو آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويندو. تنهن ڪري انهن بلبل تي هندو قوم تي حملي ڪرڻ ۽ مسلم قوم کي انهن جي برخلاف ڀڙڪائڻ جي ڏوهه ۾ (153 قلم ا پ ڪ) هيٺ مقدمو داخل ڪيو. هندن جي طرفان ديوان هرچند راءِ مشهور وڪيل هو جو پوءِ وڃي آنريبل مسٽر هرچند راءِ ٿيو ۽ بلبل جي پاران ڪراچيءَ جو مشهور وڪيل ريمنڊ هو. ڪجهه وقت ڪيس هلڻ کان پوءِ ريمنڊ وڪيل الحق اخبار جي مالڪ شيخ عبدالعزيز ۽ ان جي ايڊيٽر شمس الدين بلبل کي رضانامه ڪرڻ ۽ معافي وٺڻ جي صلاح ڏني مگر بلبل جي غيرت اهو برداشت نه ڪيو. مسٽر غلام حسين هدايت الله، جو پوءِ وڃي سر ۽ پاڪستان جو پهريون مسلمان گورنر مقرر ٿيو تنهن قومي همدرديءَ سبب بنا في وٺڻ جي بلبل جي وڪالت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ جوش پيدا ٿئي. تنهن ڪري سڪوت ڪندو آيس- اڄ وڻي ويٺي بيساخته هي خط لکي وڌم ته اوهان اهڙي نازڪ عهدي تي آهيو جو هميشه قوم لاءِ گويا وقف ٿيل آهيو نه ائين ته قوم جي ڪنهن به فرد کي زيرِ ملامت جي آڻي غير قوم کي کلائڻ جو موقعو ڏيو.

بس هن کان وڌيڪ نه چوڻو اٿم نه چوندس.

جيڪڏهن مناسب ڄاڻي ٻن حرفن جواب کان مسرور ڪندا ته عنايت ور نه اهڙا ته اڳئين آهيون- زياده خير

قديم مخلص بنده مخلص

نوٽ: مخلص جي مٿئين خط مان ظاهر آهي ته ٻئي مختلف ڌرين جا ماڻهو آهن ۽ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي به بلبل جي خلاف ڌر جو آهي ۽ بلبل جو انهن جي بر خلاف لکڻ مخالفن کي پريشانيءَ ۾ وڌو هو. مخلص مخالف ڌر جو هوندي به هن ڳالهه جو اعتراف ڪري رهيو آهي ته بلبل قومي ڪمن لاءِ وقف ٿيل آهي ۽ نه انهيءَ ڪم لاءِ ته جيڪي مسلمان هندن سان شامل آهن تن جي لاءِ اخبارن ۾ سخت سست لکي.

از دفتر الامين حيدرآباد سنڌ

23 آڪٽوبر 1916ع

مڪرما معظما محترما دام تلطفه

عنايت نامو عين انتظار جي وقت ۾ پهتو- مطالع ڪري فرحت حاصل ٿي- الحمدالله جو اوهان صاحبن به غير معمولي رنجش کي هوائي ڪري ڇڏيو. مڪرما اوهان کي شايد معلوم هوندو ته جيڪڏهن مون کي پنهنجي والدِ ماجد کان سنڌس تبحر علمي ميراث ۾ نه مليو تڏهن به سندين راستبازيءَ ۽ حق گوئيءَ جو ڪجهه حصو ضرور مليل آهي. انهي راست بازيءَ موجب هميشه پاڻ کي تڪليفن ۾ مبتلا ڪندو آهيان. پر تڏهن به پنهنجي دستور العمل کان باز نه ايندو آهيان. اهو سبب هو جو 8 جون جي مسٽر پرڳڙيءَ جي نوڪري ورهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي زندگيءَ کي قوم جي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين، تنهن ڪري جڏهن بہ هن ڪنهن اخبار لاءِ قلم کنيو آهي تہ ان ۾ هميشہ ڪامياب رهيو.

ميهڙ موٽي اچڻ کان پوءِ بہ ماٺهن هن کي سُک سان ويهڻ ڪين ڏنو. هڪ نہ ٻئي اخبار لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ پيو لکندو هو. ڪيترين اخبارون تہ ميهڙ مان ئي ويٺي هلائيندو هو. اها ڳالھ ڪراچيءَ کان موٽي اچڻ کان پوءِ جيڪو خط ڪيس آفندي صاحب لکيو هو تنهن مان بہ ظاهر آهي. معاون اخبار کان پوءِ 'ڪراچي گزيٽ' جي ايڊيٽري ڪريائين پر اها اخبار مالڪ جي ڪري هلي نہ سگهي. ان کا پوءِ بہ چار سال 'خيرخواه' اخبار لاڙڪاڻہ جو ايڊيٽر ٿي رهيو. اخبار 'الحق' سکر جا پوءِ حيدرآباد مان نڪرڻ لڳي تنهن جي ادارت بہ ٿورو عرصو ڪيائين. اخبار 'مسافر' حيدرآباد واريءَ جو بہ ڪجھ وقت ايڊيٽر هو. نيٺ سيٺ حاجي احمد ميمڻ جي مشهور اخبار 'آفتابِ سنڌ' سکر جو پڇاڙيءَ تائين سالن جا سال ايڊيٽر ٿي رهيو جنهن جي ذريعي مسلمانن جي ڏاڍي خدمت ادا ڪيائين. استاذي مرحوم حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي 'حڪيم' جو انهن ڏينهن ۾ 'صغير' تخلص ڪندو هو سو منهنجي اڳيان هميشه مرحوم بلبل جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو ۽ ڏاپندو ٿي ڪين هو. مولوي صاحب جو هڪ قطعہ جو هن بلبل جي تعريف ۾ لکيو هو سو هيٺ ڏجي ٿو.

شمس دیں بلبل جو ہے شیریں مقال
سندھ میں شاعر ہے عالی مرتبہ

ہے یہ اڈیٹر آفتابِ سندھ کا
جلوہ گر جس کا سخن ہے ہچو مہ

پرچۂ الحق ہوا ہے اور بھی
حضرت بلبل کے ادبِ زیر نگہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کہ دو یوں سال تقرر اے صغیر
روشن الحق آفتابِ دیں کی وہ

## بلبل جو اخلاق، مذهب ۽ عادت

بلبل گهڻو وسيع النظر ۽ بااخلاق انسان واقع ٿيو هو. جنهن شخص جو هن سان هڪ ڀيرو گڏجاڻ ٿيندو هو سو وري هن کان جدا ٿيڻ نه گهرندو هو بلڪ ٻين ماڻهن جي صحبت مان هن کي مزو نه ايندو هو. ٽرڙي محبت جو زميندار **مياڻ شير محمد خان ناريجو** جو هڪ علم دوست ۽ خاص وضع قطع جو انسان هو سو هميشه چوندو هو ته "بلبل مرحوم جي خصوصيت ۽ شخصيت جو ماڻهو ورلي ليندو ۽ هن جي عالمانه گفتگو ۽ مجلسي زندگيءَ ۾ جيڪو لطف ۽ ڪيف حاصل ٿيندو هو سو هن وري ڪنهن ٻئي جي صحبت مان ڪڏهن حاصل ڪين ڪيو."

خان بهادر غلام علي نانا، سابق پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد، پُرتڪلف تنهائيءَ واري زندگي بسر ڪرڻ جو گهڻو عادي هو ۽ ڪنهن سان وڏيڪ تعلق رکڻ يا ڪنهنجو ساٿس اڪيلو ڪمري ۾ گڏجڻ پسند نه ڪندو هو. مگر جڏهن بلبل وٽس مهمان ٿي رهڻ لڳو ته بي حجابانه خانبهادر جي ڪمري ۾ گهڙي ايندو هو ۽ ٻئي گڏجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گفتگو ڪندا هئا جا ڳالهه خانبادر جي ماڻهن کي اچرج ۾ وجهندي هئي. خانبهادر جو چوڻ هو ته بلبل مرحوم کيس سگريٽ ۽ حقي ڇڪڻ جي فرق کان وٺي هڪ ڪامياب ۽ پُرڪيف زندگيءَ تائين مشورو ڏيندو هو جنهن جو گهرو اثر اڄ ڏينهن تائين هن جي قلب تي قائم آهي. اهو سڀ بلبل جي ذاتي ڪشش ۽ هر دل عزيز طبيعت جو ثبوت هو. مطلب ته بلبل جو هر هڪ فعل ۽ قول جاذبِ نظر ۽ پنهنجي طرف ڇڪيندڙ هو.

بلبل جي غير معمولي محنت ۽ مهمان نوازيءَ بي غرض ۽ بي لوث دوستي هن کي ايترو ته هر دلعزيز بڻايو هو جو هن جي دوستن جو هڪ وسيع حلقو ٿي پيو. هن جا دوست غريبن کان وٺي اميرن ۽ حاڪمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين هوندا هئا جا ڳالهه اسان کي انهن جي خطن مان معلوم ٿي ٿئي جيڪي انهن بلبل کي لکيا ها ۽ جي هن پڇاڙيءَ تائين پنهنجي دفتر ۾ ئي سانڍي رکيا هئا.

بلبل جي فطرت ۾ گهڻي آزادي پريل هئي ۽ آزاد مزاج ماڻهو گهڻو ڪري ظريف ۽ بذله سنج هوندا آهن ۽ هميشه ڳالهه مان ڳالهه پيدا ڪندا آهن. ڪلندا ته جڻ گلن جي ورڪا پيئي ٿئي. جيڪو سندن گفتگو ٻڌندو سو ئي کلڻ لڳندو ۽ انهن جي صحبت مان لطف حاصل ڪندو. بلبل جي به اها ئي حالت هئي. جنهن مجلس ۾ وهندو هو ته خوشي ۽ شادماني پنهنجو رنگ ڄمائيندي هئي. رنج ۽ نااميديءَ کي هن سان دور جو به واسطو نه هوندو هو. پاڻ به خوش رهندو هو ۽ ٻين کي به کِلائيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪلام ۾ نااميدي ۽ ياس ڳوليا به نه لڀندا ۽ نثر توڙي نظم ۾ مذاق ۽ چرچي جي چاشني زياده نظر ايندي. جنهن جي طبيعت ۾ اهڙيون ڳالهيون هجن تنهن کان ڪاوڙ بغض ۽ حسد هميشه دور رهندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو بلبل ڪڏهن به حسد يا بغض جي ڪري ڪنهن جي هجوَ نه لکي بلڪ هو نهٺو ۽ بردبار، رلڻو ملڻو ۽ خليق، نهايت زنده دل خوش مزاج ۽ ظريف انسان هو.

بلبل پراڻي وضع جو ماڻهو هو. سادي ۽ صاف ويس ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ڪندو هو تنهن ڪري هميشه دستار ڪوٽ ۽ شلوار پائيندو هو ۽ ڏاڙهي رکائيندو هو. مغربيت ۽ ان جي تقليد سان ان کي سخت نفرت هوندي هئي. وعدي جي صداقت ۽ صاف گوئي ان جو شيوو هوندو هو.

بلبل کي جيتوڻيڪ صحافتي ۽ ادبي، شاعرانه ۽ علمي، قومي ۽ سياسي، گهرو ۽ زميندارانه مشغوليون تمام گهڻيون هونديون هيون تنهن هوندي به هو نهايت ديندار ۽ پنهنجي مذهب جو پڪو ۽ صوم و صلوات جو پابند هوندو هو. بلبل نه رڳو فصيح ۽ بليغ شاعر، مصنف ۽ اخبار نويس هو پر ان سان گڏ ريفارمر ۽ اعليٰ مدبر به هو ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو هوائين. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن پنهنجي رنگيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ظرافت نگاري سان اهڙي جدت ۽ خوبي پيدا ڪئي جنهن سنڌي زبان ۾ جان پيدا ڪري ڇڏي گويا سنڌي انشا جو ڪيس موجد سڏجي ته غلط نه ٿيندو.

اهل سنت والجماعت جو صادق الاعتقاد فرد هو ۽ ايتري قدر پائبند هو جو وقف ملڪيت لاءِ وصيت ڪئي هئائين ته منهنجي اولاد مان جيڪو سنت جماعت ڇڏيندو ته ملڪيت ۾ ان جو ڪو حق نه هوندو.

شرعي علم جو گهڻو ڄاڻو علماءَ ۽ فقرا جو محب طريقت ۽ طريقهٔ نقشبنديه جو راسخ الايمان مريد هو. پنهنجي مسجد جو جيڪڏهن پيش امام هو ته شهر جو ليڊر ۽ سياسي رهنما پڻ.

بلبل کي عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو تنهن ڪري سندس مطالع ايڏو وسيع هو جو هڪ بيش بها ڪتبخانو گڏ ڪري ورتو هئائين جنهن ۾ مشهور ۽ معروف اڳوڻن ۽ پوين مصنفن ۽ بزرگن جا ڪتاب هر فن تي گڏ ڪري رکيا هوائين. جهڙوڪ تفسير، تصوف، حديث، فقه، سيرت، مناظره، فلسفه، شعر، عروض، لغت، معاني، تاريخ وغيره وغيره تي ڪتاب.

سرسيد احمد خان پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ امام غزالي رحمت الله عليه جي ڪتاب حجته الاسلام تي جيڪي اعتراض ڪيا آهن بلبل مرحوم ساڳئي ڪتاب جي حاشيه تي انهن جا جيڪي اردو ۾ مدلل مسڪت ۽ عالمانه جواب لکيا آهن سي پڙهي هڪ عالم به دنگ رهجي ويندو ۽ سمجهندو ته ڪنهن وڏي عالم اهي جواب لکيا هوندا.

ايترو چوڻ ڪان ڪين رهي سگهبو ته بلبل نظم خواه نثر ۾ يگانو هو. قومي اصلاح، رفاهِ عام يا ادبي ڪمن ۾ تجربيڪار ۽ صحيح راءِ رکندڙ انسان هو. هن جي دماغ ۾ زبردست تحريري طاقت رکيل هئي. پاڻ رڳو قلمي قابليت نه رکندو هو بلڪ زبان جو به اهڙو ئي قابل هو تنهن ڪري منجهس ليڊر هجڻ جي گهڻي صلاحيت موجود هئي.

## بلبل جا تصنيفي ڪارناما

بلبل جي تصنيفن کي ٻن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عام پبلڪ جو ڏيان ڇڪايو اٿس. ڪتاب اهڙي نموني سان لکيو اٿس جو بي ساخته ٺهڪ نڪريو وڃي. پڙهندڙ ڪڏهن به محسوس نه ڪندو ته ڪو ان جي ذات تي حملو آهي ۽ اهو به چوڻ کان سواءِ نه رهندو ته سچ لکيو اٿس. ڪتاب لاهور جي اسلامي پريس ۾ هريسنگ ڇاپائي پڌرو ڪيو.

- **بهارِ عشق:** هي ڪتاب عاشقانه خط و ڪتابت جو مجموعو آهي. عبارت جيتوڻيڪ مقفيٰ آهي پر تڏهن به سليس، روان ۽ وڻندڙ آهي. پڇاڙيءَ ۾ جيڪي خط ڏنل آهن سي نثر جي بدران بيتن ۾ لکيل آهن يعني ڪتاب نظم ۽ نثر جو مرقع آهي. هي ڪتاب به هريسنگ وارن هريسنگ پريس سکر مان ڇاپائي پڌرو ڪيو.
- **آئينهٔ تجارت مايهٔ ظرافت:** هي ڪتاب نثرِ عاري ۾ لکيل آهي. سڄو ڪتاب ظرافتي رنگ ۾ آهي. هن ڪتاب جو مقصد به اصلاح آهي ته عام ماڻهو ڏسن ته ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني سان ڏوڪي باز اشتهار بازيءَ سان خلق کي ڦريندا آهن. انهن جي چالاڪين کي سمجهي پاڻ کي ڦرجڻ کان سنڀالين. هي ڪتاب به هريسنگ لاهور جي اسلامي پريس مان ڇاپائي پڌرو ڪيو.
- **ڇٽ سوال پٽ جواب:** هي ڪتاب نثرِ عاري ۾ لکيل آهي. نه رڳو خوش طبعي ۽ ظرافت سان ڀريل آهي پر عبرت ۽ نصيحت سان پُر ۽ انساني دماغي ترقيءَ جو ذريعو پڻ. ڪتاب سوال جواب جي صورت ۾ آهي. وڪٽوريا پريس سکر مان منشي پوڪرداس شڪارپور واري ڇپايو.
- **حل تجربات يعني شمس اللغات:** هي ڪتاب به ظريفانه رنگ ۾ لکيل آهي جنهن ۾ لفظن ۽ ترڪيبن جي معنيٰ صحيح لغت ۾ نه بلڪ پنهنجي تجربي ۾ آيل نموني ۾ بيان ڪيل آهي. ڪتاب 1905ع ۾ آلبرٽ پريس سکر ۾ سپرنٽنڊنٽ آفتاب بڪ ايجنسي ڇپايو.
- **ظريف الدول ياڳو پهريون ۽ ٻيون:** ظريفانه رنگ ۾ لفظن جي تشريح ڪئي اٿس مگر ڪتاب پڙهڻ مان تجربو حاصل ٿو ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب 1905ع ۾ سپرنٽينڊنٽ آفتاب بڪ ايجنسي آلبرٽ پريس سکر ۾ ڇاپايو.

- **گلزارِ لطائف ياگو ڦهريون:** اسان جو ڏٺل نہ آهي مگر نالي مان خبر پوي ٿي تہ منجهس ظريفانہ لطيفا هوندا. شايد آلبرٽ پريس ۾ ڇپيو آهي.
- **بخت بازي:** بلبل جي اوائلي تصنيفن مان آهي، اسان جي نظر مان ڪو نہ گذريو آهي تنهن ڪري ڇٽي نٿا سگهون تہ منجهس ڇا لکيل آهي ۽ ڪٿي ڇپيو آهي.
- **ڪارونيشن ڪپ:** اسان جو ڏٺل نہ آهي تنهن ڪري ڪجهہ چئي نٿا سگهون. باقي در محمد شاهہ زميندار شاهہ ڪپور جي بيان مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن ڪتاب ڏٺو هو جو ڇپيل صورت ۾ هو مگر معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ڇا بابت آهي.
- **عقل ۽ تهذيب:** هي ڪتاب مختلف قسم جي مضمونن جو آهي جهڙوڪ 'عقل وارو ڪنهن کي چئجي'، 'وقت جو قدر'، 'مسٽر نيلر صاحب جو ٽائيم ٽيبل'، 'اخلاق ۽ سداري جا پندرهن سوال'، 'ظالم ڪنهن کي چئجي'، 'ماڻهن ۾ ترقيءَ جو مادو'، 'ماڻهوءَ جي دل'، 'غنيم جو لشڪر'، 'پنهنجي معلومات کي وڌايو'، 'نيڪي ۽ سخاوت ڇا کي چئجي'، 'سدريل حڪومت جا ڪهڙا ڪم آهن ۽ اُها ڪير آهي'، 'انگريزي قوم ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن جي اسان کي سکڻ گهرجن'. سڄو ڪتاب نثرِ عاري ۾ لکيل آهي ۽ 1914ع ۾ آلبرٽ پريس ۾ ڇپيو آهي.
- **قرض جا مرض ۽ ان جا علاج:** ڪتاب ۾ قرض بابت خصوصاً هاري ۽ زميندار کي هدايت ڪيل آهي تہ قرض ڇا آهي ۽ ان جي ڏور ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪتاب نثر ۾ اصلاحي ۽ تبليغي نموني لکيل آهي. سکر جي آلبرٽ پريس سن 1914ع ۾ ڇپيو آهي.
- **صد بند سُود بند:** اسان جو ڏٺل نہ آهي. نالي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ منجهس نصيحتون هونديون تنهن ڪري ممڪن آهي تہ ڪتاب اصلاحي نموني جو هجي. سکر جي آلبرٽ پريس ۾ ڇپيل ٿو ڏسجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **مسلمانانِ سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار:** ڪتاب تبليغ ۽ اصلاحي نموني جو آهي جنهن ۾ اها ڪوشش ڪيل آهي ته سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۾ ڪيئن ترقي ٿيندي؟ انهن کي ڪهڙي قسم جي تعليم جي ضرورت آهي؟ تعليم جو اصل مطلب ۽ نتيجو ڇا آهي؟ ڪتاب نثرِ عاري ۾ لکيل آهي ۽ سن 1914ع ۾ سکر جي آلبرٽ پريس ۾ ڇپيو هو.
- **انگريز ۽ مسلمان:** ڪتاب سياسي طرز جو آهي جنهن ۾ مسلمانن کي انگريزن سان تعاون ڪرڻ جي ترغيب ڏنل آهي ۽ هندن کي به استدعا ڪيل آهي ته انگريزن سان ٺهي هلڻ ۾ ٻنهي ڌرين جي لاءِ فائدو آهي ۽ هندو مسلمان هڪ ٻي وچڻ ۾ وڌيڪ بهتري آهي. ڪتاب نثرِ عاري ۾ لکيل آهي ۽ 1914ع ۾ آلبرٽ پريس سکر ۾ ڇپيو هو.
- **مسلمان ۽ تعليم:** ڪتاب اصلاحي ۽ سياسي نموني جو آهي جنهن ۾ مسلمانن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي قسم جي تعليم حاصل ڪرڻ گهرجي؟ تنهنجي ترغيب ڏنل آهي. 1914ع ۾ آلبرٽ پريس سکر ۾ ڇپيو هو.
- **حرز البنياد شرح قانون وقف علي الاولاد:** ڪتاب ۾ وقف علي الاولاد جي تحريڪ کي زور ونتائج بابت لکيل آهي. سن 1914ع ۾ سکر جي آلبرٽ پريس ۾ ڇپيو هو.
- **جام جَم:** سياسي ڪتاب آهي جنهن ۾ سياسي مسئلن تي روشني وڌل آهي، هوم رول ۽ مسلمانن جي خيالات تي عمدا بحث. ڪانگريس ۽ ليگ جي رٿن تي دلچسپ رايا ۽ مشهور مقررن جي تقريرن جا مدلل رد وغيره ڏنل آهن. منجهس هيٺيان مضمون آهن. 'سنڌ جي عام مسلمانن جي نڌڪي حالت جن ۾ نه تعليم آهي نه تربيت نه آواز نه اثر'، 'ڪانگريس ۽ ليگ جي رٿ ۽ حڪومتي سڌارن جو رَدُ هند واسين جي چوپڙين تان'، 'مسلمان ڇو هوم رول جا مخالف آهن. ڪي مسلمان ڇو هوم رول جي موافق آهن. آنريبل مسٽر آلِ نبي جي اسپيچ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَدُ. ’مسلمانن سان هندن جي افسوسناڪ هلت جا ڪي مثال‘. ’مسٽر گوکلي جي سڪيم. صلاح ۽ ان تي ريمارڪ‘. ’اسان جو مطلب ڇا آهي؟ اسين موجوده انتظام ۾ خوش آهيون‘. ’هندواسيءَ جي چوپڙين جا جواب‘. آنريبل پنڊت گوکرن ۽ مسز اينيءَ بيسنت ۽ مسز سروجني جي ڪن فڪرن جو جواب‘. ’هائوس ٽيڪس ۽ مسلمان آفيسرن تي اجايو بهتان‘. ’مسٽر مرليڌر جي ملاقات ۽ مسٽر محمد خان جي قرآن داني ۽ ٻئي هڪ مسلمان جي گمراهي هڪ آيت جي فهم معنيٰ ۾ ۽ حاصل ڪلام‘. ’آنريبل مسٽر پرگٽيءَ کي آخرين التماس‘. ’سنڌ جي مسلمانن جو عام آواز وزيرِ هند ۽ ڪمشنرِ سنڌ جي ڌيان طلب انگريزيءَ ۾‘. ’هڪ تمام ضروري اپيل مسلمانن جي ڌيان طلب‘.

هي ڪتاب ٻه سکر جي آلبرٽ پريس ۾ ڇپيو آهي.

هيٺيان ڪتاب نظم ۾ آهن:

- **ديوان بلبل سنڌي:** غزلن جو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀني قسمن جا سنڌي شعر آهن. لاهور جي مفيدِ عام پريس ۾ ٽي دفعا ڇپجي چڪو آهي جنهن ڪتاب جي مقبوليت جو ثبوت ملي ٿو مگر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪتاب جي ڪتابت نهايت غلط ٿيل آهي. حيرت ٿي وڃي ته ٽن دفعن ۾ به ڪنهن ديوان جي صحت ڏانهن خيال نه ڪيو آهي. معلوم ٿو ٿئي ته ڪتب فروش جو ڌيان رڳو ڪتاب جي وڪڻڻ تي هو نه ته ڪيس محنت وٺي ڪتاب کي درست ڪرڻ گهربو هو.
- **ڪريما نيچرل:** هي ڪتاب ديوانِ بلبل سنڌيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهي ۽ ان سان گڏ ڇپيل آهي. شيخ سعدي عليہ رحمته جي ڪريما تي ظريفانه رنگ ۾ تضمين ٿيل آهي جنهن ۾ قوم جي نوجوانن تي طنز آهي مگر ان ظرافت جو مقصد قوم جي اصلاح آهي نه ٻيو ڪجهه جيئن اڪثر اديب غلطي کان سمجهيو ويٺا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **پليگي ڪريما ۽ نيچري مامقيما:** نظم جو ڪتاب آهي ۽ گڏ ڇپيل آهي. ان ۾ بہ طنز ۽ ٽوڪ کان ڪم ورتل آهي مگر مقصد اصلاح آهي. تاريخي واقعو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پليگ پوڻ جو آهي. آلبرٽ پريس سکر ۾ ڇپيل آهي.
- **رحيما سنڌي:** هي نظم جو ڪتاب بہ ظرافت جي رنگ ۾ لکيل آهي جنهن ۾ قوم جي اصلاح مدِنظر آهي. منجهس جيڪي عنوان مقرر ڪيا ويا آهن سي سڀ سعدي عليہ رحمتہ جي ڪريما جي طرز تي آهن. ڪتاب مطبع وشن ڪراچيءَ ۾ ڇپيل آهي.
- **بهارستان ۽ بلبل:** هي هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ رڳو ٽورا غزل آهن جن ۾ تصوف جي چاشني وڌيڪ معلوم ٿي ٿئي. ڪتاب حيدرآباد سنڌ جي ڊائمنڊ پريس ۾ ڪشنچند چاندو مل ڇاپايو آهي. باقي جنهن ڪتاب جو حوالو جناب سيد علي اڪبر شاهہ صاحب پنهنجي مقالي ۾ ڏنو آهي سو شايد ٻيو ڪو وڏو ڪتاب بهارستان بلبل جي نالي سان آهي جنهن ۾ بلبل جو ڪلام سنڌي، فارسي ۽ اردو درج آهي.

بلبل جا مٿيان ڇپيل ڪتاب ڳڻائي آيا آهيون مگر انهن کانسواءِ سندس غير مطبوعہ ۽ نثر جو ذخيرو اڃا ٻيو موجود آهي- جهڙوڪ

(1) **ديوان بلبل فارسي:** جنهن ۾ سندس فارسي ڪلام ۽ فارسي قصيده آهن.

(2) **احسن التواريخ يا عمدت التواريخ:** هي بہ نظم جو ڪتاب آهي جنهن ۾ نامور ماڻهن جو تاريخون نهايت عجيب و غريب نموني لکيل آهن.

(3) **مداح سرور:** شايد نظم جو ڪتاب آهي جنهن ۾ نعت شريف لکيل آهي. اسان جو ڏٺل ڪونهي.

(4) **گنج مغفرت:** شايد نظم جو ڪتاب آهي جنهن ۾ تصوف جا نڪتہ آهن. هي ڪتاب سوامي هيمراج جي 'گلزارِ مقافي' جو ترجمو آهي. جنهن ۾ حيرت انگيز حاشيہ ڏنل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) شمس المڪتُوب: نثر جو ڪتاب آهي جنهن ۾ فارسي انشاپردازي ۽ جدت طرازي آهي.

(6) مٿين ڪتابن ڪانسواءِ بلبل جي تقريرن جو هڪ وڏو فائيل موجود آهي جنهن ۾ اهي تقريرون قلمبند ڪيل آهن جي هن وقت بوقت جلسن ۽ پارٽين لاءِ لکيو هيون.

جيڪڏهن سندس فرزند رئيس ضياالدين صاحب انهن تقريرن کي ڪتابي صورت ۾ آڻيندو ته اهو به سنڌي ادب ۾ هڪ نمايان اضافو ثابت ٿيندو. ڪي ڪي تقريرون ڏاڍيون دلچسپ ۽ ڪلائيندڙ آهن.

ديني تعليم بابت بلبل سلسلي وار ڪتاب لکيا هئا پر خبر ئي نٿي پوي ته هاڻي اُهي ڪتاب ڪٿي آهن. تصوف تي به هن ڪيترا ڪتاب لکيا هئا مگر رڳو 'گنج معرفت' جو پتو پوي ٿو باقي ٻين جي خبر ڪانهي ته اَڌوهي ڪائي ويئي يا گم ٿي ويا.

## بلبل جي شاعري

بلبل کي ننڍي وهيءَ کان وٺي شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق هو. جديد سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ هن جو نالو سونهري حرفن سان لکڻ جي قابل آهن.

هن جون ادبي ڪوششون اهڙي زماني ۾ شروع ٿيون هيون جڏهن هندو تعليم ۾ هر طرح زور هئا ۽ مسلمان بنهه پٺتي پيل. ان وقت قوم کي بلبل جهڙي مددگار، معاون ۽ ناصح جي سخت ضرورت هئي.

يقين سان چئي نٿو سگهجي ته شاعريءَ جي مڪتب ۾ قدم رکندي ئي بلبل ڪهڙي استاد جي اثر هيٺ رهيو ۽ اصلاح وٺڻ لاءِ شاگرديءَ جو شرف ڪنهن کان حاصل ڪيائين. مرحوم جي سڄي ڪلام مان اهڙو ثبوت هٿ اچي نه سگهيو آهي. ان بابت دل ۾ به خيال اٿن ٿا.

(1) شايد اُستاد پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي مرحوم کي اجازت نه ڏني هوندي جيئن ڪيترن بزرگن جو دستور ۽ عادت رهي آهي.

(2) يا ته بلبل مرحوم کي استاد وٺڻ جي ضرورت ئي ڪا نه پيئي هوندي، فياضِ ازل جي بارگاهه مان ڪيس قدرتي سمجهه ۽ اصلاح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قوت عطا ٿيل هوندي جنهن ڪري رسمي طور ڪنهن استاد جو محتاج نه ٿيو هوندو. سندس لائق فرزند حضرت ضيا جو به اهو ئي چوڻ آهي ته ڪنهن استاد وٽان شاعري نه سکيو هو بلڪ اها ذات خدا داد هيس.

بلبل مرحوم کان اڳ به سنڌي شاعري هلندڙ هئي ۽ هن کان پوءِ به هلي رهي آهي پر جيڪڏهن قديم ۽ جديد شاعريءَ ۽ بلبل مرحوم جي سخن سازيءَ تي غائر نظر ڪبي ته پڌري طرح معلوم ٿيندو ته جڏهن بلبل شعر ۽ ادب جي ڪُوچي ۾ گامزن ٿيو ته نه رڳو سنڌي شاعري بلڪ اسان جو سڄو ادب هڪ مضحڪ انگيز نقالي بڻجي رهجي ويو هو. ان ۾ نڪو لطف هو ۽ نه زندگيءَ جا آثار هئا. ان جي رنگيني ڪاغذ جي گلن جي رنگيني وانگر هئي. بلبل کان اڳ جي شاعري بي لطف، ڦڪي ۽ سنئين سنواتي سنڌيءَ ۾ لکيل هئي جهڙوڪ خليفو گل محمد هالائيءَ جي شاعري يا سيد فاضل شاهه حيدرآباديءَ جي يا آخوند محمد قاسم حيدرآباديءَ جي. بلبل به جيتوڻيڪ سليس سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي پر ان جي شعرن جي بيساختگي ۽ ظرافت، شاعريءَ کي اهڙو پُر لطف بڻايو جو ان جي شعرن ۾ ان وقت جي ٻين شاعرن کان جدا مزو اچڻ لڳو. تنهن ڪري مخدوم الشعراءَ جناب حاجي محمود صاحب خادم لاڙڪاڻوي، سيڪريٽري جميعت الشعراءَ سنڌ جو اهو چوڻ ڪيتري قدر نه سچ آهي ته "سنڌي شاعريءَ جو جديد دور مرحوم بلبل کان شروع ٿو ٿئي."

جيڪڏهن بلبل جي شاعريءَ جو وڏيڪ گهُوڙهو اڀياس ڪبو ۽ باريڪ بينيءَ کان ڪم وٺبو ته هي به معلوم ٿيندو ته بلبل جي طبع روان ۽ موجد دماغ، شاعريءَ جي فن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ايجاديون ڪيون ۽ اصناف سخن ۾ هن جا اوليات ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ ملڪ لاءِ شاعريءَ کي هن ڪيتري قدر ڪارائتو ثابت ڪيو؟ ان سان گڏ هي به ڏسڻو ۽ جاچڻو آهي ته ملڪي معاشرت جو بلبل جي ڪلام تي ڪهڙو اثر پيو ۽ خود بلبل جي ڪلام ملڪ تي ڪهڙو اثر وڌو؟

هي پويان به سوال بلڪل دقيق ۽ باريڪ آهن. جنجي حل ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جواب ڏيڻ لاءِ بلبل جي هر قسم جي شعر کي چڱي غور ۽ خوض سان جاچي وري ان وقت جي ملڪ جي معاشرتي، تمدني ۽ اخلاقي تاريخ ٻـ جاچبي ۽ پوءِ ٻنهي جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪبي تڏهن مس اهو نڪتو وڃي معلوم ڪري سگهبو.

اسان مٿي لکي آيا آهيون تـ بلبل جي ولادت سال 1857ع ۾ ٿي. هي اُهو پر آشوب زمانو آهي جنهن کي ’غدر‘ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جنهن ۾ نـ رڳو دولتِ مغليہ جو ٽمڪندڙ ڏيو گُل ٿيو پر ان سان گڏ دهلي سڄي ويران ٿي ويئي، وڏا وڏا اربابِ ڪمال، عالم، فاضل، نواب، امير وغيره سڀ ڪالعدم ٿي ويا جڻ دهليءَ سان گڏ سڄي هندستان تان راڪاس گهمي ويو. مسلمانن جو علم ۽ فضيلت، صنعت ۽ حرفت تـ اجاڙ ٿي ويا پر ان سان گڏ سندن ذهني ۽ دماغي طاقت ٻـ ناس ٿي ويئي هيڏي سنڌ ۾ ٽالپرن جو خاندان 1843ع ۾ تاراج ٿي ويو. هي سڀ ڪُڇهہ ٿيو پر فارسي علم ڪجهہ اهڙو سخت جان هو جو ايترن لوڏن اينديء ٻـ سلامت بچي ويو. جيئن تـ سنڌ ۾ ٽالپر خاندان جون جيئريون نشانيون گهڻيون موجود هيون جن ۾ آخوند عزيز الله متعلوي ۽ هالائي سانوڻي بزرگ، سيد فاضل شاهہ حيدرآبادي ۽ پاٽائي مخدوم ۽ سيوهڻ، ٺٽي ۽ نصرپور جا مشهور فاضلَ گهڻي تعداد ۾ جيئرا هئا. انهن مسلمان فاضلن جي ڊگهي فهرست ۾ اسان کي ڪيترا هندو قابل ٻـ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جي ٽالپرن جي عهدِ حڪومت ۾ عدالتي، مالي، تعليمي کاتي جا معزز منصبدار هئا. جن جي سرڪاري لکپڙهہ فارسي زبان ۾ هوندي هئي. مطلب تـ اسلامي حڪومت تـ ختم ٿي چڪي هئي پر اسلامي تعليم جو ديرپا اثر ختم ڪو نـ ٿيو هو. ملسمانن جي دماغ تي فارسيءَ جو ايتري قدر اثر ويٺل هو جو انگريزي تعليم ڏي راغب تـ نـ ٿيا پر مرڳو ان کي ڪفر سڏڻ لڳا. ساڳيو نقشو ۽ حالت هئي جا سرسيد احمد خان کي هندستان ۾ پيش آئي. البت هندو قوم زماني جي حالتن ۽ انقلابن کي تاڙي يڪدم سڄائيءَ کان ڪم ورتي انگريزي تعليم کي ڇهتي ويئي ۽ ان مان فائدو ورتي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انگريزيءَ ڏي رغبت ڏيارڻ

انگريزي تعليم ڏي مسلمانن جي رغبت نہ هئڻ ڪي هندستان ۾ جيئن سرسيد احمد خان سمجهي ويو هو تيئن سنڌ ۾ مرحوم خانبهادر حسن علي آفندي تاڙي ورتو ۽ هن خدا جي نيڪ بندي پوري استقلال ۽ راسخ عزم سان مسلمانن جي اصلاح جو بار کڻي کين انگريزي تعليم ڏي رغبت ڏياري جيئن تہ ڪراچيءَ ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد پيو جنهن ۾ مسلمان شاگرد داخل ٿيا. هندستان ۾ جهڙي طرح مولانا حالي سرسيد جي قلمي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو ساڳئي طرح شمس الدين بلبل بہ حسن علي آفنديءَ جو دست بازو ٿي رهيو.

سرڪاري نوڪرين ۾ هندن جي غلبي ڪري مسلمانن کي نوڪريون آسانيءَ سان نٿي مليون جنهن لاءِ 'سنڌ محمدن ايسوسيئيشن' برپا ڪئي ويئي. انهيءَ جي پاران 'معاونِ سنڌ' نالي هڪ اخبار جاري ڪئي ويئي. اها اخبار خان بهادر حسن علي آفنديءَ جي ڪوشش سان نڪتي هئي جنهن جو ايڊيٽر بلبل مقرر ڪيو ويو هو. ايڊيٽريءَ جي چارج وٺندي ئي بلبل پنهنجي خداداد قابليت جو اظهار ڪيو. ملڪ جي ان وقت جي حالت ڪيس پاڻ ڏي متوجہ ڪيو ۽ هن مسلمانن جي اصلاح ڏي ڌيان ڏيڻ جو پنهنجي دل ۾ پڪو ارادو ڪري اخبار ۾ ڪم شروع ڪري ڏنو. اهڙا اشارا هن جي نظم 'رحيما' ۾ گهڻا ملندا. ان مان ظاهر آهي تہ بلبل کي پنهنجي ماحول کان گهڻي اونهي واقفيت هئي ۽ انهيءَ سبب ان جي شعرن ۽ نثر جي ٽڪرن ۾ مقامي رنگ جي جهلڪ گهڻي نظر اچي ٿي. مسلمانن جي تعليم کان غفلت، دين کان غفلت، دنيا کان غفلت کي ۽ غيرن جي ترقي ۽ اوج ڏسي، بلبل جي دل سخت تڙپي رهي هئي، هن پنهنجي زورِ قلم سان معاون سنڌ اخبار ۾ مسلمانن جي تعليمي، اخلاقي ۽ مذهبي غلطين جي اصلاح جي طرف قوم جو ڌيان ڇڪايو.

مسلمانن کي انگريزي علم ڏي رغبت ڏيارڻ جو طريقو ملاحظہ فرمايو:

پڙهو انگريزي وٺو اوج اعليٰ<br>
وٺي خوب عهدا حڪومت هلايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻي تو کي مائٽ تہ سنيريا نہ سک
ملون تي تنين کي ڏنئي ڏنجھ ڏک

نہ صاحب ڪنهين جو ڪيو تو سلام
نہ ديوان ڪنهن سان ٿئين همڪلام

مٿئين بيت تي غور ڪريو تہ معلوم ٿيندو تہ ملڪي حالت کان بلبل سخت متاثر آهي ۽ پنهنجن مسلمانن کي انگريزي علم جا فائدا ٻڌائي ڪين ان جون خوبيون ۽ عزتون سمجهائي ترغيب ڏئي ٿو. اگرچہ بظاهر ظرافتي رنگ ۾ آهي پر حقيقت ۾ تقرير ڪري رهيو آهي.

اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون تہ مسلمان انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ هندن وانگر ايترو پيش پيش ڪين هئا بلڪ انگريزي پڙهڻ کان نفرت ڪندا هئا ۽ علماءِ اسلام هنن جي دلين ۾ ٿي اهو اثر پختو ويهاريو هو تہ انگريزي پڙهڻ 'نصارو' ٿيڻو آهي. هوڏي وري مصيبت هي هئي جو حڪومت جو ڪو بہ عهدو انگريزي پڙهڻ کانسواءِ ملڻ محال هو. مسلمانن جي مقابلي ۾ هندن انگريزي پڙهي چڱي ترقي ڪئي جيئن تہ هر هڪ محڪمي ۾ هندن جو قبضو ٿي ويو هو ۽ مسلمانن کي فقط پٽيوالي بہ ڪا نہ ٿي ملي، انهيءَ لاءِ مسلمانن ۾ زبردست پرچار جي ضرورت هئي ۽ خوش قسمتيءَ سان مرحوم آفنديءَ کي بلبل جهڙو ماڻهو ملي ويو جنهن پهريائين انگريزي علم پڙهڻ ڏي قوم کي متوجہ ڪيو ۽ ان جا فائدا نروار ڪيا. جيتوڻيڪ لکڻ جو انداز ظريفانہ آهي پر حقيقت کان خالي نہ آهي.

جي ڀانئين تہ مولا ٿئي مهربان
تہ سِکُ علم تون انگريزي زبان

هجي علم ٻاجهون هجي جاهلي
شقاوت نحوست تہ ٻي ڪاهلي

جي سنڌي ۽ عربي پڙهئي پارسي
تہ سڌبين وڏو سست ۽ آرسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُڪر لاءِ محتاج بي بيروزگار
هجين حاڪمن وٽ وڏو بيوقار

پٽيوال پي ڪين تو ڪي پڇن
ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن

رهن رنج تو کان قريب و عزيز
تہ لائق ٿئين ڪين اي بي تميز

جي عزت جهان جي رکو ٿنڊ ٿِش
پڙهو انگلش انگلش انگلش

اهو علم دولت جو آهي دليل
زياده تہ نيٺو پڙهي ٿي وڪيل

اهو علم تو کي ڪري عهده دار
ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختارڪار

بنائي اهو علم حاڪم حريف
رسائي اهو علم لنڊن شريف

جيتوڻيڪ اهڙا نظم مزاحيہ هئا پر اثر کان خالي نہ هئا ۽ اهڙن نظمن جو مسلمانن ۾ چڱو پرچار ٿيو ۽ سمجھ وارن سمجھي ورتو تہ انگريزي علم ڏي راغب ٿيڻ گهرجي. مٿي علم جي فضيلت ۾ انگريزي علم پڙهڻ تي زور ڏيئي عربي ۽ فارسي جا نقص ظاهر ڪيا اٿس. بظاهر محل اعتراض آهي تہ مسلمانن کي مذهبي لٽريچر کان دل برداشتہ ڪري غيرن جي ادب ڏي متوجہ ڪري ٿو جنهن ۾ مذهبي ۽ اخلاقي نقصان آهي. انهيءَ اعتراض جي ڏکي عبارت ۾ هيٺرو سچ آهي تہ بلبل جو مطلب آهي تہ مسلمان انگريزي پڙهي حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين. پر هي اعتراض غلط آهي تہ بلبل هنن کي عربيءَ ۽ فارسيءَ کان غافل رکڻ ٿو گهري.اهو ثبوت اسين سندس ڪلام مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي پيش ڪنداسون. هتي ايترو چوڻ ڪافي آهي ته هن مسلمانن جي ادبي، معاشرتي، اخلاقي ۽ مذهبي جمود ۾ حرڪت پيدا ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ۽ پنهنجي فيضِ قلم سان ملڪ جي تاريڪ فضا ۾ روشن ستارو ٿي چمڪيو. بلبل پنهنجي ڪتاب رحيما ۾ دربيان جهل ۾ زور رکيو آهي ته مسلمان سنڌي پڙهڻ تي اڪتفا نه ڪن بلڪ هر ڪنهن قسم جي علم ۾ اڳتي وڌن. انهيءَ ڪري سنڌي پڙهڻ جا نقص مذاقيه رنگ ۾ ڏيکاري ٿو جي واقعي سچا ۽ حقيقت ڪان خالي نه آهن. پيش ڪيل شعرن ۾ رواني، سلاست، پختگيءَ ۽ حقيقت طرازيءَ تي به نظر ڪريو.

سنڌي دان جاهل سيه رو سخت
نحس نا اهل ناخرد خفته بخت

بلبل هڪ نباض حڪيم وانگر سنڌي مسلمانن جي رڳ ڪي ڏٺو ۽ سمجهي ويو ته ان وقت ان کي ڪهڙي دوا ۽ ڪهڙي نسخي جي ضرورت آهي ۽ اهو به معلوم ڪري ورتائين ته شاعريءَ ڪان ڪيئن ڪم وٺي سگهجي ٿو ۽ اهو لوه جو زنگ خورده حالت ۾ پيل هو تنهن کي صاف ۽ سترو ڪري ان مان نه رڳو نشتر بلڪ خنجر ۽ شمشيرِ آبدار به تيار ڪري سگهجن ٿا. مٿين شعر ۾ ڏسبو ته خبر پوندي ته سنڌي دان لاءِ ڪهڙا نه سخت لفظ استعمال ڪيا اٿس- سيه رو نحس، نا اهل، نا خورد، خفته بخت، اهڙا لفظ آهن جي ڏڪوئيندڙ ٿين ٿا پر حڪيم يا ڊاڪٽر جي ڪڙي دوا وانگر ازالهٔ مرض لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نه هو. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته بلبل خود به انگريزي دان نه هو بلڪ سنڌي خواندو هو.

سنڌي دان ڊيمڊ، سنڌي دان فول
رڳا جانور جهنگلي ۽ جهول

سنڌي دان جي ڪهڙي آ دسترس
سنڌي دان جو مان گو ڊيم و بس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين بيتن جي حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي!

سنڌي دان ڪمبخت ڪم روزگار
نہ لائق اضافي، نہ قابل شمار

مٿين شين ۾ بہ سچائي ۽ حقيقت آهي.

سنڌي دان جو ورڪ ويري خراب
ويچاري کي آفيس ۾ پيي نہ آب

سنڌي دان اهڙا تہ آهن ذليل
سزا تي انهن جي نہ آهي اپيل

سنڌي دان محروم سرڪار کان
انهن جي خور و پوش اسرار کان

سنڌي دان کان گهر خدا جي پناه
انهن سان ملڻ قاعدي جو گناه

سنڌيءَ جو وٺي ڪو نہ صاحب سلام
سنڌيءَ جو سماعت نہ عرض و ڪلام

موجوده سياست جي نظر سان مٿين بيتن تي غور ڪريو تہ ڪيئن نہ پيشين گوئي ڪري رهيو آهي. بلبل جي ڪلام جو ملڪ تي ڪهڙو اثر پيو؟ ان لاءِ وڏيڪ کوجنا جي ضرورت ڪانهي. البت اخبار 'معاون سنڌ' جو فائيل ۽ اخبار 'آفتاب سنڌ' ۽ 'الحقيقت' سنڌ جا فائيل ڏسي اهو نڪتو حل ڪري سگهبو تہ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ سنڌيءَ جي ٻين انگريزي اسلامي اسڪولن جو بنياد بلبل جي شاعرانہ قوت جو مرهونِ منت آهي.

## مذهبي پيشوا انگريزيءَ جي برخلاف

اسان جا عالم سڳورا مذهبي آڙ وٺي مسلمانن کي ترقي ڪرڻ کان جتي ڪٿي روڪيندا ٿي رهيا اهو تفصيل ڏکيو ۽ عام آشڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. علمي تورڙي صنعتي، توڙي فوجي اصلاحات ۾ اها مقدس جماعت مسلمانن کي جتي ڪٿي آڏو آئي. اسان جي اڳيان يو پيءَ ۾ سرسيد احمد خان جو مثال، افغانستان ۽ ايران جي اصلاحات جي تاريخ موجود آهي جنهن مان معلوم ٿيندو ته هر هڪ شعبه مسلمانن کي اها جماعت آڏو آئي، حتيٰ ڪ جڏهن ترڪيءَ جي مجدد اعظم مرحوم غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا پنهنجي عقلمنديءَ ۽ استقلال سان سندن زور ڀڳو تڏهن ترڪيءَ کي اصلاحات ڪرڻ ۾ يڪسوئي حاصل ٿي.

سنڌ ۾ به مسلمانن جو اهو ئي حال هو. علماءِ سڳورا مسلمانن کي ترقيءَ جي واٽ ۾ سنگِ راه ٿيا. هنن فتوائن جي رستي اهل اسلام کي انگريزي علم کان بدظن ڪيو ۽ انهيءَ بدظنيءَ جو نتيجو مسلمانن لاءِ ڏاڍو حوصله شڪن نڪتو. جڏهن بلبل مذهبي جماعت کان تنگ ٿيو تڏهن کُليو کُلايو چوڻ لڳو ته

آهن ڪوڙا رڳا قاضي وتن ٿا برهمن بڻليا
اجايو بحث تن سان انگريزي دان ڪيو چو ٿا

ٿئي ڪنهن جي چوڻ سان ڪين ٿو بد نيڪ پوءِ قاضي
ڀلي ڪوٺين ڪاوڙ مون رڳو ڪافر ته چا ٿي پيو

مولوين جي چوڻ تي ڪن نه ڏي! قاضيءَ جي چوڻ تي بچڙو چڱو نه ٿيندو ان جي خبر الله کي آهي پوءِ انهن جي ڪافر ڪوٺڻ تي نه لڳ چو ته ايمان خدا تعاليٰ جي وس ۾ آهي مولوين جي اختيار ۾ نه آهي اهو زباني ڍڪوسلو آهي.

ملن واعظن ڏي وڃڻ ڪيم وار
مکن صحبت جاهلان اختيار

ملان هي هي موڙها ۽ سوڙها وتن
ڪ دولت به طاعت توان يا فتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر قاعدو ڪر منل بي گمان
ڪشايد در دولت جاودان

اهي خيال فقط ملن ۽ مولوين جي ذهنيت بدلائڻ لاءِ ڏيکاريا اٿس جن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اڄ بہ هڪ عربي فارغ التحصيل مولوي فاضل ۽ هڪ ميٽرڪ پاس ڪيل جي معاشرت تي نظر ڪندا تہ بلبل جو چوڻ سچ ثابت ٿيندو.

سنڌيءَ جي پڙهڻ مون نہ ميڙيندين زر
چرامي ڪشي باز محنت چو خر

سکي ڪر قلم ياد قانون وار
ڪہ حاصل ڪني دولت پائدار

انهيءَ بيت جي سچي ثابتيءَ لاءِ هڪ وڪيل ۽ بئرسٽر جو عاليشان بنگلو ۽ سامانِ راحت ڏسي فيصلو ڪري سگهو ٿا!

انگريزي پڙهڻ جي ترغيب

وڃن عيب انگريزي اُتي جوهي سنڌي جاهل
ڪجا دانند حال ما سبڪساران سا حلها

ساڳي ترغيب۔

علم عربيءَ ۾ ڪيوَ عمر اجائي ضايع
جي پڙهين پارسي تان ڪمتر ڪوتاري ٿي هل

وقت جي تقاضا۔

وقت نازڪ ٿيو وڏو خوب خبردار ٿي هل
هاڻي سکي ايم لکي ايل پوءِ هشيار ٿي هل

هن زماني ۾ ٿيو زور جهين علم جو اڄ
وٺ اها واٽ اڳين بات کان بيزار ٿي هل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ پڇي ڪو نہ سوا پاس مڏبل ۽ پيسي
جي اهي ٻئي نہ ٿيا موجود تہ مردار تي هل

مٿي جيڪي بيت مثال طور ڏنا اٿئون تن ۾ انگريزي تعليم جي ترغيب ۽ فائدا ڏيکاريا ويا آهن ۽ مشرقي علم جهڙوڪ علم عربي ۽ فارسي جن سان مسلمانن جي مذهبي الفت آهي ۽ سچ پچ اسلامي علم آهن تن تي طنز ۽ ٽوڪ في نفسه ذاتي طرح علم تي نہ آهي بلڪ علم جي مقرر ڪيل نصابِ تعليم جي غير موزونيءَ تي آهي جو واقعي ئي سچ آهي. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ بلبل دينيات کان غافل نہ آهي. عربي علم کي ضروري بلڪ فرض ڄاڻي ٿو. اها سندس روشن خياليءَ جي ثابتي آهي-

سڄي رات سک گو گهرن جو لڪاءَ
نہ ڪا دين جي سڌ نہ دنيا سماءَ

نہ نالو ڏٺيءَ جو توڪل نہ تِوهہ
اهي پيٽ پٽنا اها پٽ ڪوهہ

پڙهياسين تہ چا سڀ اجايا اکر
لچائي لڳي ڪوڙ ريب و مکر

نہ عربي علم نافقه نا اصول
نہ ئي معرفت يا حقيقت حصول

جي زن آهہ قبلو تہ ڪعبو تي زر
انهن جي اطاعت ۾ ٻڌجي ڪمر

مگر زال مرشد نہ زر غوث پير
اهي قبلہ عالم اهي دستگير

حقيقت ۾ آهي تہ زن زاهرن
زر مال اولاد ايمان شڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان قوم ڪيئن ٿي گذاري، سندين هلت چلت ڪهڙي آهي؟ اها ڳالهه بلبل کان لڪل ڪا نه هئي تنهن ڪري هن چڱو ان تي طبيعت جو زور خرچ ڪيو آهي ۽ بلڪل رواني ۽ سان معاشرتي ۽ اخلاقي حالت جو نقشو چٽيو اٿس. جيئن چوي ٿو۔

حلال ۽ حرامن جو ڪهڙو پڇڻ
پرڻ پيٽ جي آهي جهوري جهڇڻ

ڏسون وينا ماني سگهي ڪا شل اچي
پڪي آ الائي ٿي هاٽي پچي

خدا من ڪري ڪو هجي پوڙ جوڙ
هٽي زنب دهرا ڪيڏون خوب ٿوڙ

ڏري ماري تا پيٽ پنهنجو پليون
ڪٽي ڪاري دانگي تا منهن تي مليون

پري پيٽ آڪڙ جي سيٺه جان ساه
جڻ آهيون سڄي ملڪ جا بادشاه

ٽٽي ٿهلجي اوگرايون ڏڪار
پريُ ڦوڪ تا خواب جو ٿيو خمار

وجهي بسترا نرم ڳاڙها پلنگ
ڪيڏون باد جا پيا خدنگ و تفنگ

جڏهن سج سوا پهر ڪاني ۽ اچي
اجا ننڊ تڏهين اسان جي مچي

اٿون پيڙ پوتا نڏٽڪا لڪار
ملي آهه جڻ موچڙن جي ڪا مار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مسلمانن جو انگريزي تهذيب کي ڇهڻ جو نقشو

بلبل جو پرچار اجايو نه ويو. مسلمان انگريزي پڙهڻ تہ لڳا پر مصيبت هي ٿي جو مسلمان يا تہ انگريزيءَ کان ڀڄڻا پي يا تہ انگريزي تعليم جي اثر کان انگريزي فيشن جي نقالي جي دام ۾ ڦاسي اسلام کان بلڪل غافل ٿيڻ لڳا. اسلامي احڪام تي خنده زني جي بلا ۾ گرفتار ٿي ويا. تنهن ڪري هن پنهنجن هنرمند هٿن سان هڪ اهڙو آئينو ناهي قوم جي اڳيان پيش ڪيو جنهن ۾ قوم پنهنجا خط ۽ خال ڏسي سگهي تہ هو اڳي ڇا هئي، ڇا ٿيڻ کپندي هئي ۽ ڇا ٿي رهي هئي. حق تہ هي آهي جو بلبل هڪ ڳوٺاڻي اسڪول ۾ معمولي تعليم پائي جيڪو نمايان ڪم ڪيو تنهن جو نظير هن ترقيءَ جي زماني ۾ اڄ ڏينهن تاءِ سنڌ ۾ تعليمِ جديد پيش نہ ڪري سگهي آهي-

شريعت جو شيوو ڏنوسون ڇڏي
وڏوسون گناهن ۾ غفلت گڏي

لباسن نفيسن جي ٿي تنڊ تانءِ
مڪانن جي زينت سنڌءِ زيٽ زانءِ

گلا بند ڪالر لڪڙ هاف بوٽ
گهڙي ڪوٽ پتلون چشمان چروٽ

قميصون ڪفن دار جاڪٽ جراب
سليپر سپاٽا سبائڻ نواب

ڏنگي سينڌ ننڍڙا ڇتا مڇ دراز
توال ۽ ڪنگي برش صابڻ جو ساز

صفا سر تہ ڏاڙهي ڇپڙ ڇٽ قلم
زبان تي بہ گِٽ مٽِ رهي دم بدم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلي ۾ هجي نيڪ ٽائي سياه
تہ پرشن ۾ ترڪش ڪرسچن ڪلاه

سڄو ڏينهن سيٽي صبح و شام واڪ
هجي هٿ ۾ هنٽر تہ ٽم ٽم ٽڙاڪ

رکڻ هڪڙو بل ڏاگ آهي ضرور
نہ تان ٿيندو وڏ ماٺيهيءَ ۾ قصور

مقرر هجي چاءِ بسڪٽ جو ٽيم
تہ جاين جو سينگار پڪچر فريم

نصارن جو ڪانو نصارا لباس
ڪبٽ ميز ڪرسي بتي ۽ گلاس

نئين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول
پراڻي ڪيائون تہ ٿيو ڊيم فول

ملامت ۽ لعنت ۾ ڪوليون زبان
گلا ۽ بُرائيءَ جا آٺيون بيان

طبع ڪي موافق گلا جي غذا
بدن جي رطوبت حسد ۽ ريا

اسان جي لياقت تہ غيبت غرور
اسان جي فضيلت تہ فسق ۽ فجور

ڪٿي وعظ ٻڌيو تہ ٿيندي بڇان
تہ ايندي جميعت لڇان ۽ پڇان

جي لاچار وهبو تہ دل بي اثر
اُتي پي دنيا جا خيال ۽ خطر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها پند ايندي نہ هرگز پسند
چوي دل ڪري شال بڪوات بند

پڌڻ بانگ سان تو هٽي نانگ ڏنگ
وڪوڙي وجهن وسوسا خوب ونگ

وڏو وس جي اچبو نمازن جي باب
تہ ونبا هٽي چار ٺونگا شتاب

جو الحمد بدران اتحيات ڪار
رڪعتون هجن ٻہ تہ چاڙهيونس چار

نہ ويچار ويهي ڪيون هڪڙو دم
تہ مربو ڪي پوندو خدا ساڻ ڪم

نہ عبرت نہ حيرت نہ عقبيٰ تلاش
زماني جو ڳرٽو تہ مرٽو معاش

مٿان بيت چونڊي رکيا ويا آهن جي بلبل 54 سال اڳي لکيا هئا ۽ اها حديث اڳئين زماني جي هئي مگر حقيقت هي آهي تہ پنهنجي دل تي هٿ رکي هرڪو چوندو تہ نہ هي حديثِ ماضي نہ آهي بلڪ حديث حال. ڪن ڪن شعرن ۾ ڏسو تہ ڪيئن نہ يورپ جي انڌي تقليد جو نقشو چٽي مسلمانن کي شرمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. پوري پوري منظر نگاري آهي مگر ظريفانہ رنگ ۾.

## بلبل جي شعرن ۾ اصلاحي پهلو

هيستائين اسان جيڪي مٿي پيش ڪري آيا آهيون سو بلبل جو ظرافتي شعر هو. ظرافتي شعر لکڻ مان هن جو مطلب هو تہ ماڻهو هن جي چرچي ڪان نہ رڳو حظ حاصل ڪن پر ان ۾ طنز کي سمجهندي پنهنجي اصلاح ڪري ترقي ڪن. بلبل جو سمورو مزاحيہ شعر نہ رڳو ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ آهي بلڪ اصلاحي پهلو رکي ٿو. اصلاحي نظم ۾ بلبل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ۾ ڪنهن ماٺهوءَ ڏانهن اشارو ڪو نہ ڪيو يا ان جي هجُو لکي.
بلبل جي مذاق جو انداز نظم توڙي نثر ۾ اصلاح کان خالي ڪو نہ هو. خاص ڪري نظم ۾ هن کي قوم جي اصلاح مدنظر هئي. سعدي عليہ الرحمت جي ڪتاب 'ڪريما' جي طرز تي 'رحيما' نالي ڪتاب سندس تصنيف موجود آهي جنهن ۾ نصيحت جا موضوع آهي. رکيا اٿس جيڪي ڪريما جا آهن. انهيءَ ڪتاب جو هر هڪ موضوع بظاهر مذاق نظر اچي ٿو پر غور ڪبو تہ اصلاح جي خيال کان خالي نہ آهي.
جيڪي انگريزي دان اڪثر مذهب کان بي باڪ رهن ٿا تن جي زبانان چوي ٿو-

اسين آزاد آهيون منهن رکون ڪنهنجي نہ ملت ۾
ادا اي واعظو ائين ذڪرِ دين ايمان ڪريو ڇو ٿا

يعني آزاديءَ جي معنيٰ انهن لاءِ مذهب کان بي پروائي آهي. طنز جو نمونو بہ جاچيو. انگريزي فعل جا نقال ۽ انهن جي فعل تي خندو ڏسو

صفائي سر ڪي ڏئي پتلون پاتم
بحمد الله لکو ڪر دارم امشب

وڃي هڪ ڪلب ۾ کاني تي ويٺس
ڪہ سر پوش از طبق بردارم امشب

چيم دل ۾ تہ ٽيندس عيسوي اڄ
چو منصور ار ڪمي بردارم امشب

چيو هڪ ميم مون کي مٺي ڍير سر
رسيده طالع بيدارم امشب

چيم ان کي تہ اي جانان جلدي
زڪوات حسن ده حقدار امشب

بلبل جو خيال هو تہ مسلمان پهلي انگريزي پڙهن، نوڪريون ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عهدا ماڻين پر اسلامي تهذيب کي هٿن مان نہ ڇڏين. مغربيت زدگيءَ جي وبا کان بيحد خائف هو ۽ مشرقي تهذيب ۽ تمدن تي مغرب کي غالب ٿيندو ڏسي حد کان وڌيڪ ڏک ٿيندو هوس. مغربيت جي ظاهري ڪشش ماڻهن جي دلين کي اهڙو بري طرح موهي ڇڏيو هو جو مشرقي اخلاق ۽ ادب، تعليم ۽ تربيت، اتفاق ۽ اتحاد، ضبط ۽ خود داري، همت ۽ بلند نظري، صداقت ۽ قناعت جيڪي مشرق جي خمير ۾ گڏيل هئا تن سڀني کي ڦٽو ڪري سنڌي مسلمان مغربيت جي حسن عالم سوز جا فدائي بنجي ويا. مغرب جي تهذيب ۾ ظاهر آب و تاب ۽ چمڪ ۽ ڏمڪ هئي پر بلبل مسلمانن کي اهڙو پيغام پهچايو جو انهيءَ ظاهري حسن جو دشمن هو. هن مسلمانن کي انهيءَ غفلت کان بيدار ڪرڻ گهريو ۽ ڏيکاريو تہ اهي چمڪندڙ بجليون بزم لاءِ رونق نہ هيون بلڪ خرمن کي ساڙيندڙ. انهيءَ بابت اسان اڳيئي گهڻا مثال سنڌس ڪتاب رحيما مان پيش ڪيا آهن. باقي هتي ڪجهہ پيش ٿا ڪريون. ڏسو عيش پرست مسلمانن کي جي ولائت وڃي تعليم حاصل ڪرڻ جي عوض ڪنهن حسين ليڊيءَ جي عشق ۾ مبتلا ٿي نفع جي بجاءِ نقصان پرائي اچن ٿا تن کي ڪيئن ننڌي ۽ ٺوڪي ٿو پر ظريفانہ رنگ ۾-

غافل وڃي ولائت لٽئون ليڊي ساڻ لائج
سو قرب ڪون ڪرستان وڃي چرچ ۾ چوائج

سک ناچ راڳ تنجو پڻ بينڊ باجو بلڪل
پوءِ خوب ٻڄي بابو پيو بينڊ هٽ بجائج

پهراڻ پائجامو پٽڪو پليٽ بوچڻ
ڏئي ڀڻ ٽنهينڪي ٽوپي پتلون ڪوٽ پائج

پنهنجا عزيز اقرب بيگانہ ڄاڻ احمق
سرمست سرخرو ٿي صاحب سدا سڏائج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجلس ۾ پنهنجي ڪارو ماٺو نه مور آڻج
ڏئي ڏاڍ ڍير فول جو تنهن کي پري تڙائج

تڪبير ۾ وجي ٿو مزو مرغ ۽ تتر جو
گردن مروڙي خوب گرم جوش ۾ جلائج

ماٺو ھي جھنگلي جو ھت جانور جان ڪائن
چمچا ڇري ۽ ڪانٽا ٽيبل مٿي رکائج

سنڌي نفر ۽ نوڪر سڀ چور ۽ چريا ھن
بٽريل ۽ ببر چي ھن ملڪ ڪان منگائج

ملان توڙي برھمن بيھوده چڏ بڪن پيا
وعظن ڪتا ۾ مفت نه تون مغز ڪپائج

مغربي نقالن يارن معذرت ڪھڙي نوڪ ۽ طنز سان پيش ٿو
ڪري جڻ ستدن دلي ۽ اصلي ارادي جي سچي تصوير ڪڍي اٿس

ھي ۽ ھي ۽ مسبين اسانکي بہ مستر بنايو آھ
صد شڪر آ اڄي ڪان ته بھتر بنايو آھ

دل کي ڏيکاري خوب نئين چال جا مزا
پتلون ڪوٽ بوٽ جو خوگر بنايو آھ

ديرو حرم ۾ شيخ و برھمن جو تا رھن
يارن ته پنهنجو لنڊن مندر بنايو آھ

باجو وڄائي ناچ جو ڪن ٿيون نشاط ۾
صاحب کي ڏس بغل ۾ ڇا بندر بنايو آھ

خط لکڻ ۾ عبارت بلڪل فضول جاڻ
ڇا مختصر ھي نسخو ڍير سر بنايو آھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يورپ جي تقليد ۾ رڳجي مسلمانن جڏهن اسلامي حڪمن کان بي پروائي ڏيکاري تہ انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو۔

چگو ڪوٽ پتلون گهڙيال ڏار
شود خلق دنيا ترا دوستدار

سکيو جو نہ گڊ مارننگ مي ڏير
بهشتي نباشد بحڪم خبر

ڪتي پستڙي کي تون ڪج ڪور ڪور
نباشي زگلزار فدوس دور

يقين ڄاڻ تو کي اها يس ۽ نو
ڪند در بهشتِ برين جائي تو

متان تون ٿئين ڪنهنجي مذهب ۾ بند
غريب آيد اين معنيٰ از هوشمند

ولايت وڃڻ آهہ سڏرين تي فرض
دگر واجب ست از پيش قطع ارض

سوا انگريزيءَ هجي جاهلي
کہ بيعلم بودن بود غافلي

ڪئي جنهن بغل ۾ پريچم پري
در اقليم راحت ڪند سروري

نمازون نہ پڙهہ ساڻ مخرج ۽ مد
کز و تنگ دنيا و عقبيٰ بود

تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار
کہ جنت بود جائي پرهيزگار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيين چو نہ تون شوقِ دل سان شراب
مکن خانۂ زندگاني خراب

'مامقيما' جي طرز ۾ ظرافت ڏسو

مامقيما کوئي دلداريم
صورت بوز نہ رفتاريم

اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو جو انگلش کان
اوفتاده جدا ز گلزاريم

هاءِ هاءِ اي مس ولايت پاک
اي زيهر تو عالمي غمناک

کريما نيچرل ۽ مامقيما نيچرل سڄي انهيءَ ناصحانہ ۽ ظريفانہ رنگ مان پريل آهن. انهن جو مطالع ڪبو تہ بلبل جي خداداد قابليت ۽ شاعرانہ قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو تہ هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر ويندي 'مخلص' تائين بلبل جا متتبع ۽ خوشہ چين آهن. اوباش ۽ شرابي جي شراب ۾ گهر گهات ڦرائين ٿا تن جي اصلاح ۽ انهن تي کلندو.

پئين چو نہ تون شوق دل سان شراب
مکن خانۂ زندگاني خراب

وچي هڪ شاپ تي ويهي برانڊيءَ کي ڪيو هاها
الا يا ايها الساقي ادرکا سا ونا ولها

گهر جي شائق کي هڪ پيالو شراب
الصبوح الصبوح يا اصحاب

هٿ ڪٽي آبرو ۽ مال اُتان
پس پنو شيد دائما مئي ناب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي اڄ رات جو گتي تي چئو
افتتح يا مفتح الابواب

حيف تنکي هجي جو سانجهيءَ سان
ڪ او بند ند ميڪده بہ شتاب

جي حياتي ڪي تون حلال ڪرين
مئي نوشين بخور بہ بانگ رباب

اوباش نوجوان جي بازاري حسينن جي دامِ محبت ۾ ڦاسي پنهنجي عزت، آبرو مال ملڪيت ۽ دولتون وڃائن ٿا ۽ خلق ۽ سوسائٽيءَ ۾ خوار ٿين ٿا انهن تي طنز ۽ ٽوڪ بطور اصلاح ڪريٿو. تضمين جي موزونيءَ تي بہ نظر ڪجو.

جي وس پڄي ڪو منهنجو ڪيان وات ساڻ وارا
دردا ڪ راز پنهان خواهد شد آشڪارا

وڪڻي هي ملڪ ساري ڪيان ترت مان تياري
باشد ڪ باز بينم آن يار آ شنارا

ڏاڙهيءَ ۾ هٿ حبيبن پادر پرين جا سر تي
گر تو نمي پسندي تغيير ڪن قضارا

ميلي ۾ تون وڃين جي مجرا ڏسي تنهي جا
در رقص حالت آ رد پيران پار سارا

ٽنڪو ڳچيءَ ۾ پاتل جي گهلبو ڏسين تون
اي شيخ پاڪدامن معذور دار مارا

غافل ۽ نادان نوجوان نفساني خواهش جا بندا ٿي عشق جي شيرين لفظ ۽ ڪنهن نوجوان حسين تي موهجي پاڻ کي عاشق سڏائڻ تي فخر ڪندا آهن ۽ بعضي ڪي بدبخت وري بازاري قحبن جي دام ۾ ڦاسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ ڄاڻن ٿا حالانڪ هو علم هيئت ۽ فلسفہ جو بہ امام هو. اصل ڳالھ هيءَ آهي تہ عوام الناس تي شهرت جو جادو جلد اثر ڪري ٿو ۽ جڏهن ڪنهن اهلِ ڪمال جي شهرت ڪنهن فن ۾ ٿي ويندي آهي تہ دنيا جو وڏو طبقو رڳو انهيءَ ڳالھ کي ڏسندو آهي جا ان جي اکين آڏو هوندي آهي. باقي تصوير جو ٻيو رخ هميشه ان جي نظرن کان لڪل رهي ٿو. بلبل مرحوم جو شمار بہ اهڙن ئي باڪمال فردن ۾ آهي جن جي ڪمال جي تصوير جو رڳو هڪ رخ ڏٺو ويو آهي ۽ ٻئي رخ کي ڏسڻ ۽ سمجھڻ جي ايتري ڪوشش ۽ تڪليف نہ ڪئي وئي آهي. ان ۾ شڪ ناهي تہ بلبل هڪ بذلہ سنج اصلاحي شاعر هو جو پنهنجي فن جو سنڌي زبان ۾ موجد بہ هو ۽ ان ۾ پنهنجو مٽ نٿي رکيائين تنهن ڪانسواءِ اهو فن وري ختم بہ ان تي ٿي ٿي ويو.

بلبل جي ڪلام مطالعہ ڪرڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو ايترو زاهد خشڪ نہ هو جو هن کي دنيا جي رنگينين سان ڪو واسطو ئي نہ هو ۽ نہ ايترو بدمست رند هو جو رندي ۽ بدمستيءَ ڪانسواءِ ڪيس ٻيو ڪم ئي نہ هجي. بلبل جي ڪلام ۾ هڪ خوشگوار اعتدال ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اها هڪ اهڙي وصف آهي جا تمام ٿورن شاعرن کي نصيب ٿي هوندي. بلبل فطرتاً آزاد طبع واقع ٿيو هو تنهن ڪري تقليد ۽ تتبع کان ان کي نفرت هئي. اهو سبب آهي جو هن جي شاعريءَ ۾ اڪثر هنڌن تي جدت ۽ ندرت جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

بلبل جي جدت پسندي رڳو اصلاحي شعرن تاءِ محدود نہ آهي بلڪ عاشقانہ شعرن ۾ بہ اها گهڻي نظر اچي ٿي. هن جي عشقيہ شاعري جيتوڻيڪ مختصر آهي پر پراڻي نموني جي آهي جنهن ۾ تشبيھ، استعاره، ڪنايہ، صنعت، تضمين، عاشقانہ سوز و ساز محبوبانہ نازو انداز هجر جي بيقراري، وصال لاءِ فرياد و زاري وغيره وغيره جو پورو پورو سرمايو موجود آهي. صفائي ۽ سادگي ان جي خاص طرزِ نگارش آهي ۽ مختصر لفظن ۾ طويل مفهوم کي ادا ڪرڻ ان جي ممتاز خصوصيت آهي، عبارت جي بي ساختگي رواني، عنوانِ بيان جي دلڪشي ۽ ميناج، لفظن جي تراش خراش، جملن جي جوڙجڪ، بندش جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چستي، فقرن جي پاڻ ۾ پيوستگي اهڙي نموني سان واقع ٿيون آهن جن سڄي ڪلام کي ڏاڍو مقبول بنائي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو ان جي مطالع مان نہ طبيعت گهبرائي ٿي نہ دماغ ٿڪ ٿي محسوس ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي تہ رنگينيءَ ڪان بہ ڪم ورتو اٿس پر اهڙي اعتدال سان جو عبارت جي سونهن وڌيڪ چمڪي اُٿي آهي. ڏسو هيٺيون مسدس جو بلبل سيد نواز شاهہ نواز ٽڪڙائي جي مسدس "رات جي بات" جي جواب ۾ لکيو آهي.

واه پيارا سج سنهارا- چمڪن تو کان چنڊ ۽ تارا
عالم جا هن تو سان عارا- ڪم ۽ ڪاريون سارا بارا
تو سان آهي سارو منڊل
تون آن هنئڙ تون آن هنڊل

تنهنجا آهن ڪي پوڄاري- تو کي ناهي ڪا اختياري
تون آهي هڪ ڪروناري- ڳورو ڳورو ڀاري ڀاري
تو ۾ خاص خواص رکايل
چڪر ڦيرا گهيرا منزل

واهہ ڙي سورج تنهنجي طاقت- تنهنجي همت تنهنجي شوڪت
تنهنجي تيزي تنهنجي حدت- اُس ۾ تنهنجي ڪوسي شدت
تو کان روشن آ جڳ سارو
تنهنجي دشمن جو منهن ڪارو

تون انڌاري دور ڪرين ٿو- ڪارنهن کي ڪافور ڪرين ٿو
سارو عالم نور ڪرين ٿو- ماڻهن کي مسرور ڪرين ٿو
اُڀرڻ سان تو مچ مچائين
ننڍيا وڏا ناچ نچائين

تو سان آهي هي جڳ جاري- بادل باري باغ بهاري
سبزي ساول گل گلزاري- تنهنجي منهنجي آهي ياري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو کان تازا سوسن سنبل
مونکان موزون نالہ بلبل

مٿيون هڪ وڏو مسدس آهي جنهن مان ڪي بند چونڊي لکيا ويا آهن
هڪ هنڌ سيد نواز شاهه تڪڙائيءَ ڪي سندس مدس "رات جي بات" جي جواب ۾ ائين رقمطراز آهي.

واه چا رات جي آيات بيانات ڪيئي
شبِ ظلمات جي هر بات ڪي اثبات ڪيئي

سب حسنات ۽ سيئات ڪي عرفات ڪيئي
منجھ خيالات طلسمات ڪرامات ڪيئي

چو نہ پوءِ چٽجي بلبل هي نواخانيءَ ۾
سيد الشعرا سيد ڪي سخندانيءَ ۾

## بلبل جو عاشقانہ ڪلام

تڪيندي ٿڪي پيام تارن ۾ تارا
ڏيو ور پون تا سي پارن ۾ پارا

انهيءَ بيت ۾ انتظار جي شدت کي ظاهر ڪيو اٿس ۽ استعاري جو رنگ بہ لڳايو اٿس. تارن ۾ تارا ۽ پارن ۾ پارا تي غور ڪريو!

صنعت ۽ تشبيھ جا مثال

ٿي هڪ ڪاري ڪاڪل ۽ بي شامِ فرقت
ڪيا اُن ۾ دل ياد وارن ۾ وارا

ڏنو زلف جو پيچ رخسار تي
اهو جيم ۽ دال آهي عبث

پرون ب سندي بسم بيني الف
طرح نقط ۽ خال آهي عبث



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متئين شعر ۾ ٻه تجنيسون ڪتب آيل آهن پهرين مصرع ۾ لفظ باب. ياب ۽ بات لکڻ ۾ هم شڪ آهن مگر اُچار ۽ نقطن وغيره ۾ جدا آهن. ان کي 'تجنيس خطي' چئبو آهي. ٻي تجنيس قلم جو قسم 'تجنيس مماثل' ڪتب آيل آهي يعني جنهن ۾ ٻه لفظ هڪ نوع جا يعني اسم جدا جدا معنيٰ ۾ استعمال ڪيل آهن جهڙوڪ پهرين مصرع ۾ باب معنيٰ وسيلو ۽ ٻي مصرع ۾ باب معنيٰ دروازو ڪهڙي نه خوبيءَ سان آندا اٿس. خال چشمن جو اکين جي ڪاري ماڻڪيءَ کي چوي ٿو غور ڪريو ته ڪهڙي نه سهڻي ۽ نازڪ تشبيهه ڪم آندي اٿس جيڪڏهن نٿين هجي ته ٻه شڪ ڪونهي. مطلب ته گهڻائي حيلا وسيلا ڳوليم پر محبوب جي دروازي چمڻ ۾ ڪامياب ڪو نه ٿيس. جيڪڏهن ڪامياب ٿيان ته اميد اٿم ته محبوب جي بارگاه جو دروازو اکين جي ماڻڪيءَ سان چمان. سنڌيءَ ۾ اکين سان چمڻ جو محاورو ۽ معمول آهي پر اکين جي ماڻڪيءَ سان چمڻ غير معمولي ۽ غير ممڪن ٿو لڳي پر بلبل جي جدت پسند طبيعت هڪ نئين ڳالهه پيدا ڪري ڏيکاري آهي نهايت سهڻي ٿي لڳي. هن بيت ۾ اصل تمنا يعني جيڪڏهن ڪامياب ٿيان ته اميد اٿم. اهي لفظ مصرعہ مان ايجاز طور حذف ٿيل آهن ۽ مخفي رکيل آهن پر ان لاءِ قرينتو يا قائم مقام لفظ "چمان ائين بارگهه جي باب کي" موجود آهن جي ذهن کي اوڏانهن وٺي ٿا وڃن ۽ سڄي معنيٰ جي وسعت کليو پوي. ديوانِ بلبل جي ٽئين ۽ چوٿين ڇاپن ۾ خال چشمن جي بدران شال چشمن نظر ايندو جو اسان جي خيال ۾ غلط آهي ڇاڪاڻ ته لفظ شال سان اها معنيٰ نڪرندي ئي ڪا نه جا اسان ڏيکاري آهي. ممڪن آهي ته ڪاتب جي غلطي هجي

جي حياتيءَ کي تون حلال ڪرين
مئي نوشين بخور به بانگ رباب

ذو معنيٰ شعر آهي حلال يعني ذبح ڪرڻ يا کهڻ يا برباد ڪرڻ ٻي معنيٰ آهي پاڪ ڪرڻ يعني جيڪڏهن پانئين ته حياتي پاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪفر جي فتويٰ ڪان ڪين بچي ها ڇا لاءِ ته الله جي لفظ ۾ به الف اچي ٿو تنهن ڪري اها بي ادبي معاف ڪين ڪنس ها.

هن نازنين جي قد سان همسر نه سروُ ٿيندو
جو ڪاٺ اڻ گهڙيو ڪنهن ڪم ڪار جو نه آهي

مٿيون بيت جيتوڻيڪ ظاهر ۾ هڪ معمولي تشبيهه ڪان وڌيڪ رتبو نٿو رکي ۽ وري تشبيهه به پراڻي آهي جو غور ڪندڙن لاءِ پوئين مصرع ۾ ڪتب آندل محاورو انسان جي اصلي فضيلت ۽ شرافت جو مضمون ثابت ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته سروُ ڪهڙو به سڌو ۽ سنئون ۽ باغ جي زينت آهي پر تڏهن به هڪ ڪاٺ آهي سو به اڻ گهڙيو. جڏهن وڍجي ڪاريگر جي هٿان چيرجي ۽ گهڙجي رندي سان صفا ۽ لسو ڪبو تڏهن سهڻو پيو لڳندو ۽ قيمتي چئبو. اهڙي طرح انسان قدرتي طرح اشرف المخلوق ڇاپي آيو آهي. ان سان ڪاٺ جي تشبيهه ڪهڙي؟ پر جيڪڏهن ڪاٺ وانگر. رياضت ۽ عبادت ۽ آداب. اخلاق ۽ تعليم جي رندن سان صفا ٿي تيار ٿيو ته پوءِ هن جو مرتبو ملائڪن کان به مٿي ٿي وڃي ٿو.

بلبل مرحوم جا اهڙا گهڻا شعر آهن جي ظاهر ۾ معمولي ٿا ڏسجن مگر باريڪ نظر سان غور ڪبو ته هر هڪ بيت پنهنجي پنهنجي انداز ۾ معنائن جو هڪ بحرِ بيڪران ٿي پوي ٿو. مثال لاءِ به ٿي شعر ڏجن ٿا سادگيءَ تي قانع رهڻ جي تعليم ڏئي ٿو.

پڪي ماڙي نه جي تو کي ميسر
ڪچي ڪنڌي مڪان ۾ دم غنيمت

انهيءَ شعر ۾ دم غنيمت. جو رديف طور آيو آهي تنهن تي عميق نظر ڪريو ته ڇا ٿو چوي

اگر حاصل نه ٿئي حلواءِ پوري
ته ڇانچ خشڪ نان ۾ دم غنيمت

انهيءَ ڪري ئي فارسي واري چيو آهي ته نيم نان صحت جان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواري لاءِ جي پيل وشتر نہ
پيادي پا دوان ۾ دم غنيمت

ڪٽي مشهور جي نالو نہ ٿيندو
تہ بهتر بي نشان ۾ دم غنيمت

هر هڪ بيت پنهنجي مضمون ۾ هڪ وڏي شرح جو متن آهي، چاڪاڻ تہ هي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ غريب جي ڪکائن گهرن ۾ هوا جي آمدرفت ڪري صحت جو وڏيڪ امڪان آهي ۽ ٻوڙ پلاءِ جي عوض غريباڻي ماني وڏيڪ هاضم ۽ مولد خون ۽ مقوي آهي. پياده پائيءِ ۾ جسماني ورزش، چستي ۽ چالاڪي ۽ بدن جي مضبوطيءَ جو وڏيڪ امڪان آهي. بي نشاني يعني پاڻ کي ظاهر نہ ڪرڻ، گوشہ نشيني، اختيار ڪرڻ ۾ اڳيئي سلامت روي آهي ۽ امن امان جو بنياد آهي. سياسي نقطہ نگاه کان پوئين شعر تي اعتراض ٿي سگهي ٿو پر بلبل هتي شاعري ڪري رهيو آهي سياست نٿو ٻڌائي.

وسعتِ معنيٰ جي لحاظ کان بلبل جو هي بيت بہ پڙهو تہ ڪيئن نہ علم معاني ۾ ايجاز کان ڪم ورتي ٿو.

عبادت ڪرڻ آهہ افضل مگر
بنا عشق انسان آهي عبث

ڏسو عبادت جي مقابلي ۾ عشق آڻي ان کي ترجيح ڏئي ٿو. هتي عبادت جو فسلفو جيڪڏهن ٻڌائبو تہ مجلو پوندو تہ عشق کانسواءِ عبادت جسمِ بي جان آهي. عشق جي معنيٰ آهي پيار ۽ محبت. عبادت نماز روزو وغيره سڀ ظاهري نمايش جو نالو نہ آهن بلڪ الله تعاليٰ جي محبت ۽ ان جو خوف رکي دل کي جمع ڪري سيئي خطرا ۽ وسوسا لاهي نماز پڙهڻ سچي عبادت آهي. هي بحث وڏو آهي مگر بلبل اهو ڏکو مضمون فقط هڪ مصرع ۾ سمايو آهي-

بنا عشق انسان آهي عبث. اهڙي جامعيت ۽ سادگي ۽ بلند پروازي سنڌ جي ڪن ٿورن استادن ۽ شاعرن جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڻ ناهي جيتوڻي جڳ ۾ جهجو
هي گوندر جو گذران آهي عبث

هن شعر ۾ به لفظ 'جهجو' آهي ۽ نہ 'گهڻو' ڪاتبن جي ظلم سان ڪير پڇي جيڪو ميناج 'جهجي' ۾ آهي سو 'گهڻي' ۾ ڪٿي. اسان کي ڪي شعر اجا ياد بينا آهن جنجي آڌار تي تا چئون. هن بيت جي تشريح لاءِ به وڏو دفتر گهرجي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ڏک عمر گهٽائي ۽ سک حياتي وڌائي. جيتوڻيڪ اهو ڪٿي اجايو به هجي پر جيڪڏهن انهيءَ تي خيال آرائي ڪبي تہ بلبل جو چوڻ سچ نڪرندو. اسين بہ قبول ڪريون ٿا تہ حياتي نڪي وڌي سگهي ٿي نڪي گهٽجي سگهي ٿي پر بلبل جو مطلب بيو آهي.

بلبل جي بلاغت جو هي مثال ڏسو! قاعدو آهي تہ انسان کي جڏهن تڪليف پهچي ٿي تہ هو آسمان جي گلا ڪندو آهي. فارسي ۽ اردو ادب ۾ تہ آسمان کي ڏوراپن جي تيرن سان چلي چڏيو اٿن پر بلبل اهو مضمون دلاويزيءَ سان بيان ڪري آسمان کي بري الذمہ بنائي ٿو۔

عسرت ٿي رسي عشق کان ايذا ۾ رهي اُپ
سو طرح سخندان جا طعنا تو سهي اُپ

يعني عاشق کي ڏک عشق کان پهتو ۽ طعنا ڏئي ٿو اُپ کي. اونڌو عقل آهي نہ؟

تشبيهہ جي رنگ ۾ محبوب جي سينڌ کي رستو سڏي اَنَ مان معنيٰ ٿو پيدا ڪري.

نوڪ ابرو جي نوائي دل کي ستڪيو سينڌ تي
ڏس تہ سودائي ٿئي ٿو قتل سر بازار وٽ

يعني سودائيءَ کي سرِ بازار قتل ڪيو وڃي ٿو.

حسن اڳيان هي دل پتاشو ڏس
جيئن پاڻيءَ ۾ ٿو ڳري جهٽ پٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ بيت ۾ بولهوسن تن طنز آهي جي ڪنهن به حسين کي ڏسي هرويرو پاڻ کي جهوريءَ ۾ وجهندا آهن.
بد صحبت جو بد اثر ناصحانہ رنگ ۾ نروار ڪري ٿو.

صحبت بد جو بد اثر ٿو ٿئي
ڪير ڏٖجي پئي ڪري جهٽ پٽ

يعني ڪير کي ڏڌ جو ذرو ڪاري ڇڏي ٿو اهڙي طرح بد صحبت شريف کي رذيل بنائي ٿي.
هي شعر به غلط ڇپيل آهي جيئن اسان مٿي لکيو آهي تيئن صحيح آهي.

چشم جو باشو چمن ۾ حسن جي
دل کي بلبل جي ڪٺي ويو ڏيئي جهپ

مٿيون بيت اسان صحيح ڪري لکيو آهي نہ تہ ڪاتب تہ رڻ ٻاريو هو "دل جي بلبل کي ڪٺي ويو ڏيئي جهپ" ڪيئن ممڪن هو جو بلبل جهڙو قابل شاعر ائين لکي ها.

هي تشبيهہ معنيٰ آفريني به ڏسو-

زلف افعي ڪان جو آئي زهر آلوده نسيم
ناگهان تي نيش زن پيو دل کي پيچ و تاب اچ

اوهان ٻڌو هوندو تہ واسينگ نانگ ڦڻ ڪڍي ڦوڪون ڏيندو آهي. ان جي ڦوڪن ۾ اهڙو زهر آهي جو هوا سان گڏجي ماڻهوءَ جي نڪ مان لنگهي اندر دل ۽ دماغ تي زهري اثر ڪري ماريو وجهي. بلبل جي چوڻ موجب محبوب جي ڪاري زلف مان جو نانگ جهڙو آهي زهري واءُ اچي دل کي ڏنگ هڻي پيچ و تاب ۾ وڌو آهي.

محبوب جي نيم باز اک جي تعريف-

آهہ فتني کي سمهاريو در سندس اُپٽيل رکي
خواب جي خمار ڪجهہ ۽ اڌ اکين بيدار ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي وجودي ساڻ حاصل ٿئي شهود
هن هٺڻ سان ڪين گڏجي هوت هڏ

شهود حاصل تو ٿئي پر بي وجودي يعني نيستيءَ سان. هن هٺڻ سان يعني بُوڏ يا بقا سان خدا اصل نہ ملندو.

نيستي ڏاران نہ آهي واٽ بي ڪا وصل جي
هن جي رمزِ ۾ هن جو رخ هنجي رياضت بي طرح

هن شعر ۾ بہ ساڳيو فنا وارو مسئلو آهي. وصل چاهين ٿو تہ نيستي اختيار ڪر جنهن کي حاصل ڪرڻ جي رمز رخ ۾ رياضت بي طرح آهن.

رضا بالقضا تصوف ۾ هڪ مقام آهي ۽ هي مقامِ عشق جو ئي هڪ اثر آهي. عارف جڏهن حقيقي معشوق جي محبت جي نشي ۾ چُور ٿي پوي ٿو تہ هن کي دنيا جي مصيبتن ۽ تڪليفن جو احساس نٿو ٿئي بلڪ اهي سڀ حوادث هن شاهدِ حقيقيءَ جون ادائون ۽ ڪرشما معلوم ٿين ٿا. زهر بہ هنکي ترياق جو مزو ڏئي ٿو.

ٿي ويو مانوس آهيان رنج و غم کان هن قدر
زهرِ قاتل مان ڏسان ٿو عيش عشرت جا مزا

تڪليفن جو ايتري قدر خُوگر ٿي پيو آهيان جو زهرِ قاتل مان بہ مون کي عيش و عشرت جا مزا اچن ٿا. جيتوڻيڪ بلبل پنهنجي مختصر ڪلام ۾ صوفيانہ خيال تمام ٿورا آندا آهن تنهن هوندي بہ نهايت خوش اسلوبيءَ سان انهن کي پيش ڪيو اٿس جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو تصوف جي رمزن مان بخوبي واقف هو.

## بلبل جي ڪلام ۾ تضمين جو فن

بلبل جي شاعريءَ جي هڪ خصوصيت فنِ تضمين بہ آهي. هن فن ۾ بلبل مرحوم پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌ جو ڪو بہ زبردست شاعر يا قابل استاد ساڻس مشڪل سان همدوش ٿي سگهندو. هن جا تضمين گهڻو ڪري مزاحيہ رنگ ۾ آهن. جن ۾ نئين روشني وارن ۽ يورپ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهذيب جي بيجا نقالن تي طنز ۽ ٽوڪ آهي جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هن جو مطلب آهي ته مسلمان انگريزي پڙهن پر پنهنجي قومي معاشرت کي ترڪ نه ڪن ۽ اسلامي سادگيءَ کي قائم رکن. اسان مٿي گهٽائي مثال انهيءَ قسم جي تضمين جا ڏيئي آيا آهيون هتي ڪجهه وڌيڪ مثال ڏيون ٿا.

مڙئي سڀ پاڻ ۾ ممبر جو ڪن ٿا ڪنهن ڪميٽي تي
نهان کي مانند آن راز کز و سارند محفلها

وجهي وارن ۾ وانگوڙا هلي ٿي مس جڏهن بلبل
زتاب بعد مشکينيش چه خون افتاد در دلها

قلقل صراحي مون تي بلبل ٻڌو غلغل
هات الصبوح حيوا يا ايها السکارا

ڏسان ٿو خواب ۾ جاڻي ٿو هڪ رب
که آمد ناگهان دلدارم امشب

سچو ڪريما نيچرل تضمين ٿيل آهي، جنهن مان اڳيئي ڪيترا مثال ڏيئي آيا آهيون ڪجهه وڌيڪ ڏيون ٿا.

سگهو انگلينڊ ڏي ادا ٿي تيار
مکن تکيه بر عمر نا پائدار

سوا انگريزي هجي جاهلي
که بي علم بودن بود غافلي

وڪالت جو ڏئي اڄ سگهو امتحان
که روشن ز خورشيد باشد جهان

ٿيو مهه جبينن کون جيڪو جدا
کجا باز گردد براه خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجہ حافظ شيرازيءَ جي غزل تي تضمين مخمس جي صورت ۾ ڏسو.

جنون جي جوش ۾ صحرا گهميا اٿم سارا
نہ مست مون جان آهو ڦرن ٿا آوارا
نہ ڪوه اهڙا ڪاٽيا تي ڪوهڪن ڪارا
صبا بہ لطف بگو آن غزال رعنا را
کہ سر بکوه و بيابان تو دادهءِ مارا

ڪڏهن نہ شائق پنهنجو ڪيو تو شاد اي گل
پڳي نہ منهنجي من جي اهيا مراد اي گل
بهار موسم ۾ تو ڪيو نہ ياد اي گل
غرور حسن اجازت مگر نداد اي گل
کہ پرسشِ نہ کني عندليب شيدارا

سکج تون بلبل نڪتا نهفتۂ حافظ
بهار معنيٰ جو آ گل شگفتۂ حافظ
سخن جي سلڪ ۾ ڏس در سفتۂ حافظ
بر آسمان چہ عجب گرز گفتۂ حافظ
سماع زهره برقص آورد مسيحارا

حافظ جي غزل تي ٻيو تضمين ڏسو

نہ حلقہ ذلف جي مون کي وڏو آ زور ڪمند
نہ دام خط جي ڪيو بند دانہ خال گزند
نہ چشمو تنهنجي تي آن ڪي چريو ٿيس هرچند
غلام نرگس مست تو تاجدارا نند
خراب بادهء لعل تو هوشيارا نند

نہ تنهنجي ڪاڪل ڪمتر ڪيو سمن نسرين
شرم کان سنبل و ريحان رکيو آ سَر بہ زمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳالهہ منهنجي تي تو کي نہ آھ يار يقين
کداز کن چو صبا بر بنفشہ زار بہ بين
کہ از يمين وبسارت چہ بيقرار نند

نہ سر و قد تي صد قمري آھ پا بہ قفس
نہ برگ لب تي لکہ بلبلون رهن بيوس
کروڙ مرغ چمن ۾ انهين هوا جي هوس
نہ من بر آن گل عارض غزل سرايم و بس
کہ عندليب تو از هر طرف هزارا نند

وڏو جو دام محبت جو دل کي اي صياد
رهي توهان جو هي زندان خانہ شل آباد
اسيرِ عشق جو بلبل نہ گل ڪري آزاد
خلاص حافظ زان زلف تابدار مباد
کہ بستگان کمند تو رستگارا نند

حضرت امير خسرو جي غزل تي تضمين ڏسو

مون سڄي عالم ۾ ڏٺا سهڻا چتائي سربسر
سڀ نازنين ناز آفرين نازڪ بدن نازڪ ڪمر
نقاش قدرت جا ڏٺم نقشا مڙئي نادر مگر
هرگز نيامد در نظر نقشي زرويت خوبتر
شمسي ندانم يا قمر حوري ندانم يا پري

جاني هلين ٿو لوڏ مان لٽڪي جڏهن تون لاڏ سان
سايہ مثال آن ٿو ٿيان بي ساھ بي تاب و توان
بيهي تہ ٻڌ منهنجو بيان سائل مٿان سڪندو رهان
اي راحت و آرام جان باقاد چون سر و روان
ازمن مرو دامن کشان کا رام جان من بري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل جهان جي باغ ۾ سڀ گل رهن تا بيوفا
ان حسن جي گلزار ۾ اٽڪن هزارين خار تا
تڙ جي چمن مان ٿو چوي هي مرغ دل اي گل لقا
خسرو غريب است و گدا اُفتاده در شهر شما
باشد ڪه از بهر خدا سوئي غريبان بنگري

## بلبل قصيده گو جي حيثيت ۾

نظم جي قسمن ۾ قصيدو سيني کان وڌيڪ اهم آهي. اڳين وقتن ۾ خصوصاً بادشاهن جي زماني ۾ شاعريءَ جي ڪمال جو دارومدار قصيده گوئيءَ تي هوندو هو. جيڪو شاعر ان صنف جي چوٽ تي جيترو وڌيڪ قدرت رکندو هو اوترو هن جي شاعريءَ جو پايو بلند سمجهيو ويندو هو. بادشاهه پنهنجي وقت جي شاعرن کي انعام اڪرام ڏيئي نوازيندا هئا پوءِ جيئن هنر پروري ۽ قدر داني گهٽ ٿيندي ويئي تيئن قصيدي جو زور ٽٽڻ شروع ٿي ويو. هاڻي سواءِ واه واه جي ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي تنهن ڪري شاعر زورِ طبيعت نٿا ڏيکارين.

قصيدو اصل ۾ عربن جي ايجاد آهي. عربي شاعر ڪنهن خاص قومي ۽ ملڪي جوش کان مرعوب ۽ متاثر ٿي قصيدا چوندا هئا باقي فارسي شاعر ذاتي غرض کان مغلوب ٿي نغمه سرا ٿيندا هئا. سنڌي زبان ۾ قصيده گوئيءَ جو آغاز فارسيءَ وانگر نٿو ڏسجي. بلبل جي قصيدن کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته بلبل اڪابر پرستي جو قائل ٿو ڏسجي جو هن پنهنجي زماني جي بزرگ هستين ۽ مشهور ماڻهن جي تعريف ۾ قصيدا لکي نه رڳو قصيده گوئيءَ جي فن کي سنڌي زبان ۾ بامِ عروج تي پهچايو بلڪ سنڌي شاعرن کي ڪار لائق جي اڪابر پرستيءَ واري سبق جي دهرائڻ جي بيهر وات ڏيکاري ۽ عربن جي انهيءَ پراڻي ۽ صحيح روايت کي وري جاري ڪيو ته قصيدو رڳو انهن شخصيتن جي شان ۾ لکڻ گهرجي، جي حقيقت ۾ ان جي لائق هجن ۽ نه فارسي جي ڪن قصيده گو شاعرن وانگر جن رڳو زر جي لالچ تي ٺلهي ۽ خوشامدانه تعريف ڪري قصيده گوئيءَ کي بدنام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. بلبل قصيدو لکي عوام جي شيرازه بندي ڪئي ۽ انهن کي سيڪاريو تہ ڪئين پنهنجي ليڊرن ۽ بزرگن جي عزت ڪجي ۽ جو عزت ڪجي ڇاڪاڻ تہ هن انهن کي ليڊرن جي پيشوائيءَ ۾ يقين ڏياريو. بلبل جي انهيءَ شاعرانہ دور انديشيءَ، ليڊرن کي قوم ۾ مقبول تہ ڪيو پر قوم جي لاءِ ترقي ۽ عروج جو ڏاڪو بہ ثابت ٿي. ڏسو حسن علي آفندي لاءِ چا ٿو چوي جنهن مسلمانن جي تعليم لاءِ پاڻ پتوڙي مدرستہ الاسلام جو بنياد وڌو.

اڄ مڪرم حسن علي آهي
اڄ معظم حسن علي آهي

اهلِ اسلام لاءِ واهر وير
دين جو دم حسن علي آهي

آسمان اوج ۽ فضيلت جو
روشن انجم حسن علي آهي

صدر منجھہ سنڌ نائب سلطان
رڪنِ اعظم حسن علي آهي

فيض ۽ علم خواهہ دانش ۾
رشڪِ قلزم حسن علي آهي

قدر داني ۽ ميهمانيءَ جو
مردِ منعم حسن علي آهي

فيض ۽ بخت جي جبينَ تي ڏس
اسمِ ارقم حسن علي آهي

دولتِ روم توڙي برٽش ۾
اڄ تہ اڪرم حسن علي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره تن سيني جي شان ۾ قصيدا لکيا اٿس. سردار محمد يعقوب جي شان ۾ اردو ۾

ساقي وه جام مئي جوش فزا دکي
جو دل سي مري پرده غفلت کو هٽادکي

يان خم کي عوض دريا آتش کہ بها دکي
سب و باطل اوهام کو اکدم مين جلادي

اس بزم حريفان مين عجب رنگ جمادي
جو شيخ بهي آئي تو يهان سر کو جهکادي

اهڙي طرح ساقي نامون لکندي گريز ڪيو اٿس.

بلبل کو سر مدح کہ هر باز هوا هي
ديکها تو يہ سردار سزاوار ثنا هي

جو کام هي انکا وه بجز روئي ريا هي
جتني مين کهون انکي مدح اتني روا هي

يان خوبيء اوصاف کي کچھ حد نهين هي
وه فرد هين ايسي کہ کوئي رد نهين هي

ايترو ياد رکڻ گهرجي تہ بلبل سنڌي هو تنهن ڪري سنڌس اردو ۾ ايتري زبان جي صفائي نہ آهي پر ڪلام ۾ بلا جي رواني آهي.

دعائيہ ٽڪرو ڏسو

بلبل يہ سخن اب بدعا خير ختم کر
پڙهي حاضر مجلس سرِ تعظيم کو خم کر

با تيغ قلم دشمن کي سر کو قلم کر
پڙهہ ناد علي حاسد کان ناک مين دم کر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احباب کو ھر آن مبارک ھو مبارک
سردار کو فرمان مبارک ھو مبارک

خانبهادر محمد ابراهيم جي شان ۾ دعائيہ قصيدو

سزا هي حمد بذاتِ جنابِ ربِ جليل
روا هي نعت بحضرت نبي کريم و جميل

بجا هي گر مين دعا و ثنا کرون انکي
کہ اک رياست اسلاميہ گيا هين جو کفيل

وزير دانشور بي نظير خوش تدبير
بلند همت و عالي نظر امين و عقيل

خد يو خان بهادر محمد ابراهيم
خليل احمد و سردار صاحب تفصيل

آنريبل شيخ صادق علي جي تهنيت ۾ قصيدو

الحمد خدارا کہ درين سال مظفر
سعدش همہ سيارو مشرف همہ اختر

در درج عمل لعل و جواهر همہ اقبال
در برج حمل شرف همہ جلوهء خاور

بر اوج فلک ابر بهاران همہ خورم
هر طرف دمن اخضر شد و گلشن احمر

وري گريز ائين تو کري

از دولت برطانيہ دستور معظم
شد بالقب خان بهادر بہ تفاخر

در مملکت خيرپور از عدل سياست
دادار دبير الملک و ناظم دفتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صادق بهمہ قول و علي ناصر و يارش
آن مخزن خوبي بدلش خلق پيمبر

آغا گلن حسن خان نائب وزير جي شان ۾ قصيدو.

ساقي بهار آمد باگل بيار باده
نادر دهر مبارک ازدل بصد اراده

آن خان گل حسن راکز بهر نيک نيت
قدرت بسعي خيرش فتح و ظهر نهاده

وري دعا ائين ٿو ڪري

آن خان را خدا يا لي واهب العطايا
با آل و مال صالح اقبال کُن زياده

خوش باد خان بلبل تازه و تر چوگلگل
جان بيغمر و ستوده ڪفها ڪرم ڪشاده

بزرگن جي شان ۾ خوب قصيدا لکيا اٿس. ڏسو شمس العلما حضرت پير پاڳاره جي مدح ۾ سنڌي قصيدو.

اي شاهہ مردان تون شير يزدان پلارا سيد سچا سچارا
نبيءَ جا ڏوهتا عليءَ جا پوٽا وليءَ جا وارث خدا جا پيارا

تون آل حيدر، نجيب نادر، عجيب اطهر غريب پرور
مجيب دعوت، طبيب باطن، حبيب هر دل نصيب وارا

تون شاهہ سرور، تون ماه انور، نگاه پارس پناه معطر
تون دل جو دلبر تون دل جو سائين تون دل جو آرام تون دلارا

اوهان جي شاهي ڪرم الهي، سهن سلاطين سپاهي گاهي
نہ فخر اڪبر، نہ ڪرِ قيصر، نہ فر سڪندر نہ جم نہ دارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لبيب لائق، فهيم فائق، نظر دقائق، بصر حقائق
حيا جا مصدر، وفا جا مخزن، عطا جا معدن، سخا سگهارا

تون صدر محفل، تون نور درمل، وليءَ ڪامل، صفيءَ افضل
تون شمس علما تون تاج صلحا تون فخر حڪما قوي ڪرارا

تون فخر آدم جو آل اڪرم، مسيح جي دم، فصيح عالم
بہ لطف و اشفاق، شهره آفاق، حسن اخلاق، خوشگوارا

جمال تنهنجو ڪمال قائم بہ مال و اقبال شال دائم
ڪرام اڪرام تو تي انعام عام ۽ جام ملڪ سارا

خواص عامي رهن مدامي، سندءِ سلامي مڃي غلام
پسي ولايت، ڏسي ڪرامت، وٺي هدايت وڃن ويچارا

اوهان جي ديدار لاءِ هر بار چار عالم نثار ڪن تا
زمين زر ۽ زمان زيور ملڪ جواهر فلڪ ستارا

جڙي جواني، هي جاوداني، بہ زندگاني، تو خوش بہ ماني
نہ تنهنجو ثاني نہ تنهنجو شاني، ڪو جوڙ جاني نہ ٿئي نگارا

ڏسي نڪو گل سواءِ بلبل ڪنهين بہ صلصل سندي سخن ۾
نہ هي فصاحت، نہ هي بلاغتِ نہ هي نزاڪت، نہ استعارا

پير علي مدد شاهہ راشدي پور وري جي مدح ۾ فارسي قصيدو

اي شاهہ ناز پرور آرام عقل ديني
شمشاد سرو قدي خورشيد مہ جبيني

باشد علي مدد تو شاهہ نجف ڪہ جد تو
آن خلق را امان و تو خلق را اميني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن رڳو اسڪولي فارسي حاصل ڪئي جنهن ڪڏهن سنڌ جي چار ديواريءَ کان ٻاهر قدم به نه ڪڍيو ۽ جنهن سرزمينِ ايران جي شڪل به ڪا نه ڏٺي تنهن جو فارسي ڪلام اهڙو رتبو رکي ٿو جو فارس جا اهل زبان به کيس داد ڏين ٿا. خصوصاً ته آني جي پرزور قصيدن جو تتبع ڪيو اٿس جن کي نهايت قادر الڪلاميءَ سان نباهي ويو آهي.

بلبل هيترا سارا قصيدا جو فارسيءَ ۾ لکيا آهن تنهن جو وڏو سبب هي آهي ته هن جو تعلق خيرپور رياست جي دربار سان گهڻو هوندو هو. قصيدو گهڻو ڪري بادشاهن جي دربار سان وابسته هوندو آهي جتي اڪثر علم و فن جا ماهر اچي گڏ ٿيندا آهن تنهن ڪري اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته بلبل گويا رياست خيرپور ميرس جو تسليم ٿيل درباري شاعر هو يا چئجي ته دربار جو ملڪ الشعراء هو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هن جي قصيدن تي غور ڪبو ته جيڪي به قصيدا هن خيرپور رياست جي لاءِ لکيا هئا سي نه رڳو اهم موقعن لاءِ هئا بلڪ عام رسمي موقعن تي به چيل هئا. نه رڳو ايترو بلڪ خاص دهلي دربار لاءِ جيڪو قصيدو خيرپور رياست وٽان موڪليو ويو هو سو به بلبل جو ئي چيل هو ۽ دهليءَ جي ڪارونيشن دربار لاءِ خاص طرح خيرپور رياست جي طرفان قصيدو پيش ڪرڻ لاءِ بلبل دهليءَ ويل هو. اهو واقعو سن 1911ع جو آهي. اهو قصيدو هيئين آهي جو تاج پوشيءَ جي موقعه تي پيش ڪيو ويو جنهن جي هر هڪ مصرع ۾ تاريخ سن 1911ع سمايل آهي.

شوڪت جم داور دا دار شاهنشاه هند
ملڪ آرا مشرق انوار شاهنشاه هند

تاجپوشي شد مبارک با تو آي عالي ڪمال
شرفِ دهلي مسندِ دربار شاهنشاه هند

مرحبا ملڪ معظم مادر ما حق پسند
گنج حڪمت واقفِ اسرارَ شاهنشاه هند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاد باش اي هند مطلب حسن حاصل شد ترا
عيش عز وقت از ديدار شاهنشاهہ هند

تا ابد در شعبہ گيتي ياد باشد اين جلوس
رونق دهلي شد سرکار شاهنشاهہ هند

خلق در عيش و مراسا ملک در امن و امان
همقرين اقبال دولت يار شاهنشاهہ هند

رحم کامل فتح شامل عمر افزون نفع هند
بادِ بلبل فخريہ با کارؔ شاهنشاهہ هند

هتي هي سوال اُٿي سگهي ٿو تہ بلبل بہ فارسي شاعرن وانگر زر جي لالچ تي خيرپور جي حاڪمن جي شان ۾ قصيدا لکيا. مگر اهو خيال غلط آهي ڇاڪاڻ تہ پهريون انگريزي حڪومت کان اڳي ميرن جي صاحبيءَ ۾ فارسي زبان گهڻو هلندڙ هئي ۽ انگريزي حڪومت ۾ بہ گهڻي وقت تائين فارسي رائج هئي تنهن ڪري خيرپور مير جي دربار جا حاڪم امير ۽ اهلِ علم اجا تائين فارسيءَ کان چڱي طرح واقف هئا ۽ ڪيترا حاڪم ۽ امير فارسيءَ ۾ شاعري بہ ڪندا هئا. ٻيو تہ اسان اڳيئي ٻڌائي آيا آهيون تہ بلبل اڪابر پرستيءَ جو قائل هو ۽ ان وقت جي اڪابرن جو جن پنهنجي قوم جي خدمت ڪئي، وڏو تعداد خيرپور رياست ۾ هو جهڙوڪ بزرگ هستين مان شمس العلما حضرت پير شاه مردان صاحب پير پاڳارو ۽ پير علي مدد شاهہ راڻيپور وارو جي ٻئي صاحب خيرپور رياست جا هئا. انهن کانسواءِ جيڪي بہ وزير ۽ نائب وزير خيرپور جا هئا تن بہ مسلمانن جي گهڻي علمي خدمت ڪئي هئي، ٿيون تہ جيڪي خيرپور جا حاڪم ٿي گذريا آهن تن بہ مسلمانن جي گهڻي علمي خدمت ڪئي جهڙوڪ خيرپور رياست جي طرفان وظيفا مقرر ڪيل هئا ۽ لائق شاگردن کي اُهي وظيفا اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا. هن خاڪسار کي بہ ڊاڪٽري سکڻ لاءِ بمبئيءَ ۾ برابر ٽي سال سر علي مراد اسڪالرشپ ملندي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وقت دربار خيرپور مسلمانن جي علمي، اخلاقي ۽ سياسي بيداريءَ جو خاص مرڪز هئي ۽ سڄي سنڌ جي بهتريءَ لاءِ اُتي هر قسم جون تحريڪون تجويز ٿينديون هيون ۽ عمل ۾ اينديون هيون. اهڙا حوالا وزيرن جي لکيل خطن مان به ملن ٿا ۽ ثابت ٿو ٿئي ته رياست جا وزير هميشه مرحوم بلبل سان به ملڪي ۽ ٻين ڳالهين بابت وقت بوقت مشورو ۽ صلاح مصلحت ڪندا رهندا هئا. تنهن ڪري بلبل جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهو لازم هو ته هو انهن هستين جي تعريف ۾ ڪجهه لکي ۽ اهي هستيون حقيقت ۾ انهيءَ تعريف جون مستحق به هيون. انهيءَ قسم جي تعريفي مضمون لکڻ جو سٺو ميدان قصيدي ۾ ئي ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ عالي ۽ بلند مرتبي جا مضمون منظوم ڪري سگهجن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو بلبل پنهنجن ممدوحن جي شان ۾ قصيدا لکيا ۽ نهايت شاندار قصيدا لکيا.

اربابِ فن اهو قبول ڪيو آهي ته قصيدن جا لفظ متين، باوقار ۽ شاندار هئڻ گهرجن جا ڳالهه اڪثر بلبل جي قصيدن ۾ نظر اچي ٿي، عدل، شجاعت، سخاوت وغيره وصفون پنهنجي جڳهه تي بلند پايو رکن ٿيون تنهن ڪري ضروري آهي ته انهن لاءِ لفظ به اهڙا تلاش ڪيا وڃن جو معمولي روز مره کان جدا هجن. جدت طرازي بلبل جي قصيدن جي هڪ خصوصي وصف آهي جنهنجو رعب سامع تي پوي ٿو ۽ انهيءَ مرعوب ٿيڻ کي ٻين لفظن ۾ اثر انداز چئبو آهي.

بلبل جا قصيدا مضمون جي لحاظ کان رڳو مدح تائين محدود آهن ۽ ايترا طويل نه آهن جيترا ٻين شاعرن جا. اڪثر قصيدن جي بيتن جو تعداد ويهارو کن سٺن کان وڌيڪ نه هوندو آهي. پنهنجو ظرافتي رنگ قصيدن ۾ به نه ڇڏيو اٿس جهڙوڪ مزاحيه نموني جا هيٺيان قصيدا لکيا اٿس: حقته تي، وقت حال نئون سال، پوليس تي ۽ نيو فيشن تي اڪثر قصيدا فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان ۾ آهن ڪي قصيده مسدس ۽ مخمس جي صورت ۾ لکيا اٿس. قصيدن کي غائر نظر سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هن جا اڪثر قصيدا برجسته ۽ روان آهن. جوشِ بيان ۽ زورِ ڪلام سان پنهنجي قادر الڪلاميءَ جو سڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحمد الله که شامل حال لطفِ کردگار آمد
قدومِ سال مستحسن بفال خوشگوار آمد

خطاب آمد بتو لفٽيننٽ ڪرنل ئي امير اعظم
اها ئي سنده راصد افتخار و صد وقار آمد

به هر کاري که دل بنديَ دران فتح وظفر منديَ
حصار آمد، تيار آمد، يمين آمد يسار آمد

وري اڳتي هلي چوي ٿو

دعائي خبر بهر عافيت هز هائنس خواهم
به استقبال آن يکدم اجابت استوار آمد

بجز شاهان نمي زيبد بدامان دگر سخنم
چو مرواربد کز بحرِ معاني بر کنار آمد

تذ رو طوطي و صلصل فدا بر نالهٔ بلبل
چه سار از کوهسار آمد هزار از مرغزار آمد

هڪڙو ٻيو قصيدو جو جلوس تاجپوشي ٽين سالگره جي مبارڪ

پڙهو-

بده ساقيا دور ساغر به ساغر
دمادم پياپي از آن آب احمر

بکُن مست تا دست از غم بشوَيم
کنم زاهد خشک رايا مئي تر

به تقريبِ نوروز ميرِ کبيرم
رعايا مفرح برايا مبشر

به مير من امروز باشد مبارک
جلوس سرير و سرور سراسر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مبارڪ ترا تخت و دولت امارت
مبارڪ ترا تاج شاهانہ برسر

جلوست زم سال سي سال ڪرده
زسي سال سي صد آيد فزون تر

ٻيو قصيدو انهيءَ تقريب لاءِ

امروز هست عيد غدير امام بخش
امروز بخت و تخت بشير امام بخش

امروز هست روز جلوس امير ما
امروز گشت زيب سرير امام بخش

امروز شد عنان حڪومت بدست او
مشهور گشت نام منير امام بخش

جنهن قصيدي لکڻ تي مير امام بخش کيس ٻہ سو رپيا انعام ڏنو هو سو هي آهي۔

هزار شڪر براتت رسيد بسم الله
ازان نويد بما گشت عيد بسم الله

زباغ خير صفت خيرپور خير مآل
نسيم مژدهٔ جو دت وزير بسم الله

بہ هندو سنده جنوب و شمال مشرق وغرب
سخائي عام تو گشتہ پديد بسم الله

زهي عنان حڪومت بتو مبارڪباد
نهي ميامن دولت سعيد بسم الله

وري اڳتي چوي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزير نيک بہ تدبير خورم و خوش باد
کہ يافت ملک تو رونق جديد بسم الله

نوائي نغمۂ بلبل سزد بہ بہ مير و وزير
گل مراد بہ امان کہ چيد بسم الله

20 مارچ 1917ع ۾ دربار جي موقعي تي هيٺيون قصيدو خود روبرو پڙهيو هوائين-

اي مير مبارک باد بتو اين جلسۂ جم آئينِ عجم
اين تخت کيا اين بخت ضيا اين تيغ و قلم اين تاج و علم

نعتيہ قصيدو

تيو ختم النبي خاتم نبوت هئي تہ اهڙي هئي
مڙين مخلوق تي مرسل رسالت هئي تہ اهڙي هئي

سچو رحمت مجسم هو شهنشہ شافع محشر
جي رحمت هئي تہ اهڙي هئي شفاعت هئي تہ اهڙي هئي

نہ ان جي گلبدن کي مس کيو مک تاپيو پاڇو
لطافت هئي تہ اهڙي هئي نزاکت هئي تہ اهڙي هئي

ڇڏايو سڀ ڇپن ۾ آفتن کان پنهنجي امت کي
نيابت هئي تہ اهڙي هئي سفارت هئي تہ اهڙي هئي

وتن ٿا حسن تي حيران ملک جن و بشر حيوان
جماليت هئي تہ اهڙي هئي ملاحت هئي تہ اهڙي هئي

ٿيا قرآن جي تنزيل کان فصحا عرب قائل
فصاحت هئي تہ اهڙي هئي بلاغت هئي تہ اهڙي هئي

سچو اسلام ۾ سابق خليفو اول اعظم
جي سبقت هئي تہ اهڙي هئي خلافت هئي تہ اهڙي هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرار ابليس هو فاروق کان فرقان هم رائي
جي حشمت هئي تہ اهڙي هئي فراست هئي تہ اهڙي هئي

غني جي مال جي منت مجي ٿي مصطفيٰ هر دم
جي دولت هئي تہ اهڙي هئي فراست هئي تہ اهڙي هئي

عزارت علم و حڪمت ۾ هئو حضرت علي اڳرو
جي عظمت هئي تہ اهڙي هئي قرابت هئي تہ اهڙي هئي

ٿيا سردار شهزادِ شبابِ اهلِ جنت جا
جي عزت هئي تہ اهڙي هئي بشارت هئي تہ اهڙي هئي

صحابي ڪل سچا سردار ۽ اڳواڻ امت جا
محبت هئي تہ اهڙي هئي صحابت هئي تہ اهڙي هئي

ائمہ دين جا لاڙو چڱا چارئي ٿيا رهبر
جي ملت هئي تہ اهڙي هئي امامت هئي تہ اهڙي هئي

ولين ۾ وڏو اڪمل محي الدين ميران آ ء
ولايت هئي تہ اهڙي هئي ڪرامت هئي تہ اهڙي هئي

ٻهاربدار روضي جو وڃي ٻيلي ٿئي بلبل
جي خدمت هئي تہ اهڙي ڪرامت هئي تہ اهڙي هئي

مزاحيہ قصيدن جو رنگ ڏسو۔ حقي تي

مجلس جي سونهن سوڀ ۽ سينگار آهہ حقو
وحشت ۾ غمزدن جو غمخوار آهہ حقو

ٻڙ ٻڙ ڪيون پيو دل کي ٻهلائي ساڻ ڳالهين
داناء دلجو دلبر دلدار آهہ حقو

ان جو تماڪ حسرت مشڪ خطا ختن آهہ
ٽانڊو تنهينجو غيرتِ گلنار آهہ حقو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت هو وضوءَ سان آ غرق پڻ غسل ۾
پاڻيءَ سان پاڪ پنهنجو هر بار آهه حقو

آ غم غلط جو نسخو معجون مونسي جي
هر درد دک جو دارو ٿئي بيمار آهه حقو

محبوب جي ملڻ جو آهي وڏو مسبب
دلبر جي دوستيءَ لئه درڪار آهه حقو

مجلس ۾ مئي پرستن جي مست تين مڙيئي
باهوش تن ۾ بيشڪ بيدار آهه حقو

جي تازگي آ تن ۾ نڙ گوءِ نبض جاري
بلبل سندو بي گويا گفتار آهه حقو

وقت حال نئون سال وارو قصيدو ڏسو

هن اخبار کي سال مبارڪ
گورن کي ناتال مبارڪ

ڪارن کي يو ڊيم بلڊي
فول لقب في الحال مبارڪ

هارين کي هر ٻئون بيگر
ڪوڙ قحط ءِ ڪال مبارڪ

زور زميندارن تي ڏاڍا
ظبطيون ظلم زوال مبارڪ

هندن کي زر زور حڪومت
عزت مال اقبال مبارڪ

اهل اسلام جي لئي ڏک ڏاڍا
ڳتيون آل عيال مبارڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسو ان وقت جي ٻن قومن جي حالتن جو ڪهڙو نقشو چٽيو اٿس.
هندئن جو اقبال ۽ مسلمانن جو زوال
وري اڳتي هلي چوي ٿو

انگلش مين ڪي جاڪٽ پاڪٽ
صابڻ برش توال مبارڪ

ناچ تماشا نچڻ ٽپڻ
ڪرڪٽ ۽ فٽ بال مبارڪ

افسر عالي ڪي ٽيو اڄ ڪلهه
دورو ۽ پرتال مبارڪ

مرغيون ماڪيون مصريون ميوا
بيضا ميدا مال مبارڪ

ڪوڙا ڪيس ۽ ڪوڙا شاهد
فتوي تي في الحال مبارڪ

انگريزن ۽ آفيسرن جي صحيح حالت ڏيکاري ڪيئن نہ مٽي پليد ڪئي اٿس.

پوليس بابت

ڏسو پوليس جو تلبيس ملڪ الموت جان مارو
مثال گرگ ڳاڙهو وات. سر ۽ ٻيو بدن ڪارو

روينيو پاڪ سيول چا اچن تنهنجي مقابل ۾
ڪتي گربہ ڪتي آ گرگ فرق آ ڪيترو سارو

هجي سوناري جو سو ڏڪ تہ لوهر ٺو هٺي هڪڙو
ڪتي جهرڪيون ڪتي ٽيو گرڙپڪ جو لهس لامارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن ٿا ديو هيبتناڪ جان ڪرڙا ڪنسٽيبل
ڏسو جو وارداتن تي لڳي ٿو تن سندو وارو

ستمگر سنگدل ٿيا صاف صوبيدار صاحب جن
رڪن ٿا جوڙ جمعدار جابر، سي جفا ڪارو

هجن راڪس اهي رهزن سپاهي سپ وڏا ننڍيا
انسپيڪٽر بهادر برڙ باڪس جان رڪن بارو

پلي پاڳي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاريءَ جو
اچي ٿيندو متي ان گند گارين ويڙ وسڪارو

يڪي نقصان مايه پيو شماتت زار همسايه
ٽيون پادر پوليسي پيو اچي منجهه ويل ويچارو

گهرن ٿا گاهه داڻو ان ميو ڪائيون، ڪڪڙ چيلا
ڪرن ميڙي ڪنا ماٺهو وجهن تن جي مٿان مارو

ڪڏيو جي پئون پتو چوري سندو ڪوڪن زميندارن
ته سڏبو ڪار ۾ هوشيار صوبيدار سويارو

نه ملندو مال ساڳيو يا سمورو جي نه تنڪي پوءِ
ته ويڳو پاڻ پي پوري پٽائيندا اهو پارو

پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان ۾ بارو

رپورٽن ۾ ڪندا ريهون ته ٿيو بغداد آ بيحد
هليو آ ڪيس ڪورٽ ۾ سچو هڪ طرف هڪ پارو

خدا ڏل ڏئي پنهه پوليس جي خوفن ۾ خطرن ڪان
انهن جي دوستي آهي ڪٽڻ سر تي ڪنو ڪارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معافي ٿو گهري بلبل جي آهي هن ۾ گستاخي
اگر ڇه مون لکيو آهي سچو احوال هي سارو

نيو فيشن تي تمسخر ڏسو۔

ڪارن جي هٽ ڪار گذاري هپ هپ هري هري
جنٽلميني جلسا جاري هپ هپ هري هري

جايون تن جون هال ۽ ٽاور چشما فرش فروٽ فلاور
لڪچر، پڪچر، ڊنر باري هپ هپ هري هري

ڪارڻ وداع سلوٽ سلامي ٽوپي هٿ ۾ ٿامي ٿامي
آءِ ايم ويري ساري پياري هپ هپ هري هري

باجو بينڊ بگل ۽ پڙ گمر وايولن جي رين رين رم رم
نچڪو ٽپڪو واري هپ هپ هري هري

ڪوٽ سباڻن سارو ڪارو ڊانسن بوٽ ولايت وارو
ٽوپي ڪاري سر تي ڪاري هپ هپ هري هري

ڏاڙهي ساڻ ڏهاڙي جهيڙو ميچون گانگٽ وچون ويڙهو
سيٽي لڪڙي چرخ شماري هپ هپ هري هري

ڏرم ڪرم ڪي ايسي ويسي عادت انگلش مينن جيسي
ديسين ڪاهي ڏاري نياري هپ هپ هري هري

گهر ۾ بلبل گائون ڍڪائج شام صبح جو واڪ وٺائج
ٻانهن بغل ۾ منهن تي جاري هپ هپ هري هري

تصيدن ۾ تاريخي مادن ڪيڻ جي بلبل کي ڏاڍي مهارت حاصل هئي. هڪڙو قصيدو دهلي ڪارونيشن جي موقعي تي جنهن جي هر هڪ مصرع مان عيسوي سن ٿو نڪري اڳي ڏيئي آيا آهيون مگر ان کان اڳي سن 1906ع ۾ جڏهن سيٺ احمد سکر شهر ۾ اخبار آفتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي هئي تہ بلبل نئين سال جي تقريب ۾ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هڪ قصيدو لکيو هو جنهن جي هر مصرع ۾ تاريخي مادو 1906ع ۾ ٿو ملي. اهو ذڪر اڳي ڪري آيا آهيون مگر اهو قصيدو هتي ڏيون ٿا.

سالِ نو آمد مبارڪ بهرِ ديوان آفتاب
جاهِ احمد زيبِ ملتِ زورِ اخوان آفتاب

درج گوهر علم و حڪمت برج اختر پندو وعظ
جان پرور ڪان درد درس لقمان آفتاب

درڪشان يش طبع و خواهش عدل و آرايش جهان
فتحت دل بعد حڪما تاج سلطان آفتاب

از سرور انشا نظاره ناظرين باغ بيان
باده گلگون چشم نرگس گل گلستان آفتاب

بابِ حڪمت آبِ دانش تابِ مضمون پُر بهار
ڪان منطق خط صلحا زيب دامان آفتاب

آز برائي تنگ نظر ان حال قدم نشہ لب
نور بينا چشمہ فيض آب حيوان آفتاب

بانوائي نغمہ بلبل حسن مطلب قول صدق
تاج هد هد جان عالم صبح خندان آفتاب

آز خيال لطف مئي شعر و سخن شيرين زبان
جام مينو رزم شعرا بزم رندان آفتاب

دره گروه همسران باگو ئي تحرير قلم
صدر ارڪان تيز جولان مرد ميدان آفتاب

مظهر عدل و سياست منظر احوال ملڪ
داد گستر ڪار فرما ڪان احسان آفتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واعظ هر دل عزيز و ناصح مشفق شفيق
سايہ نور اهل ايمان فيض يزدان آفتاب

بر سرا اعدائي دين گرگ و سگ ور و بہ خصال
ديگ سوزان برق لمعان شير دوران آفتاب

نزد اربابِ علوم و شهسواران فنون
هديہ معني سپر بستان عرصہ چوگان آفتاب

اسم دارد با مسمي نور دارد در ظهور
سعد كوكب شمس عالم مهر تابان آفتاب

در فصاحت در بلاغت در هدايت اهل دين
بانگ طوطي لالہ بلبل باغ ايقان آفتاب

آنريبل شيخ صادق علي وزير خيرپور کي خان بهادر جي لقب ملڻ تي ۽ کيس پوٽو ڄاول تي ٻنهي تي ساڳئي قصيدي ۾ ٻئي تاريخون ڪڍيون اٿس.

کرد بہ سعادت طلب سال ولادت
هم اختر منزل شد هم عارض انور
1328هہ 1328هہ

در سال لقب حلل — وظيفۂ شيخ آمد
1911ع

از فکرم۔ فياض عظيم آمد اظهر
1911ع

شيخ محمد ابراهيم وزيراعظم خيرپور رياست جي صاحبزادي مياں محمد اسلم جي شادي خانہ آبادي جي تاريخ

بہ بست و پنج پنجشنبہ مبارک مہ ربيع اول
مرام بزم عشرت گاہ۔ سال شاديت اظهر
1336هہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو حقيقي آئينہ دار نہ ٿو ٿئي. انهيءَ نموني ۾ انهيءَ دور جي شاعرن ۾ جيڪڏهن ڪو شاعر سنڌ ۾ ٿيو آهي جو پنهنجي زماني جي پوري تصوير چٽڪي سگهيو آهي، سو رڳو بلبل آهي. جيتوڻيڪ زماني ساڳيو اثر ابوجهي تي بہ وڌو هو ۽ مخلص بہ ان کان متاثر ٿيو هو پر اهو اثر رڳو ابوجهي جي ڪلام ۾ نمايان آهي باقي بلبل جو ڪلام اهڙو آهي جنهن کي ڏسي زماني جي رفتار ۽ حالتن جو بلڪل صحيح نقشو نظرن جي اڳيان اچي وڃي ٿو. بلبل جي ڪلام جي اها ئي هڪ وڏي خصوصيت آهي تہ هن جي ڪلام ۾ مقامي فضا ۽ ماحول جو رنگ موجود آهي، بلبل اهڙي ماحول ۾ شاعري شروع ڪئي جڏهن چئني پاسن کان هندن جو اوج ۽ مسلمانن جي پستي نظر پئي آئي. هندن جي انگريزي زبان لاءِ رغبت ۽ مسلمانن سان نفرت کي هن چڱيءَ پر سمجهيو. زمانو جيئن اڳتي وڌندو ويو تيئن مسلمانن بہ ٿوري گهڻي انگريزي حاصل ڪئي پر مغربيت انهن تي گهڻو چانئجي ويئي. انهن اثرن جي خلاف بلبل کي جهاد ڪرڻو پيو ۽ گهڻين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ وڪ وڪ تي قديم روايتن جي بتن سان مقابلو ڪرڻو پيو پر نيٺ انهن بتن کي پاش پاش ڪرڻ ۾ هو ڪامياب ٿي ويو. انهيءَ ڪاميابيءَ جو سبب اهين ٿيو جو بلبل جڏهن مختلف قسمن جي سوسائٽين ۾ شامل ٿيو تہ انهن جي معاشرت ۽ تمدن، خيالات ۽ جذبات کان ايتري قدر متاثر ٿيو جو نيٺ ان کي پنهنجي شاعريءَ جو نمونو بدلائڻو پيو. بلبل ئي سنڌي زبان جو اهو پهريون شاعر آهي جنهن فرضي تخيلات جي دائري کان پاڻ کي ڪڍي حقيقت نگاريءَ جي ميدان ۾ پير پاتو ۽ سنڌي زبان ۾ هڪ نئين قسم جي شاعريءَ جو بنياد وڌو جنهن کان اسان جي سنڌي ٻولي اجا تائين ناآشنا هئي. سنڌي شاعرن ۾ بلبل ئي هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن جهوني نموني جي غزل گوئي تہ اختيار ڪئي پر ان سان گڏ پنهنجي لاءِ هڪ نئين واٽ بہ تجويز ڪئي جا طنزيہ ۽ ظريفانہ شاعري هئي، جنهن جو مقصد رڳو قومي اصلاح هو.

مصلحانہ شاعريءَ جا 3 ڏاڪا ٿين ٿا. پهريون قوم جي جڏهن ڪريل حالت ڏسي شاعر محسوس ڪري ٿو ۽ انجي غم ۾ هنجون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري ٿو ۽ ماتم ڪري ٿو جيئن حاليءَ، آزادَ يا شبليءَ ڪيو يا سنڌ ۾ جيئن ابوجهي ڪيو. ٻيو ڏاڪو هي آهي تہ جڏهن قوم تي نرم ۽ پرڪيف ڳالهين سان مصلحانہ پيغام جو اثر نٿو ٿئي بلڪ اهو اثر زائل ٿيندو نظر اچي ٿو تہ شاعر طنز ۽ ٺوڪ کان ڪم وٺي ٿو جيئن اڪبر الہ آبادي ڪيو يا سنڌ ۾ بلبل مرحوم ڪيو. ٽيون ڏاڪو آهي جڏهن قوم کي پنهنجين ڪمزورين جو احساس ٿئي ٿو ۽ اها پڇتائڻ شروع ڪري ٿي تہ ڪو اهڙو مصلح پيدا ٿئي ٿو جو بيداريءَ کان ڪم وٺي ان کي عمل جي ميدان ۾ کڻي آئي ٿو تاڪ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃايل وري هٿ ڪري سگهجي جيئن علامہ اقبال ڪيو جنهن جو ٿورو شائبو نظامي مرحوم جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. سنڌين جي موجوده دور ۾ جيڪا حالت ٿي رهي آهي تنهن کي سڌارڻ لاءِ سنڌي شاعرن کي ان کان سنو ٻيو موقعو ۽ ميدان هن زماني ۾ ڪهڙو هٿ اچي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن موجوده دور جا شاعر ان کي هٿ ۾ کڻن تہ جيڪر قوم جي گهڻي خدمت ڪري سگهن.

طنزيہ شاعري هر ادب ۾ نمايان حصو ورتو آهي. خصوصاً مغرب تہ هن فن ۾ بيحد ترقي ڪئي آهي. سنڌ ۾ اهڙو بذلہ سنج شاعر سواءِ بلبل جي ٻيو نظر ڪو نہ ٿو اچي. بلبل عام شاعرن وانگر حسن ۽ عشق جي معاملات جي ترجمانيءَ لاءِ رڳو پيدا نہ ڪيو ويو هو بلڪ قدرت ان کي مسلمانن جي پند ۽ نصيحت لاءِ موڪليو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي طنزيہ ۽ مزاحيہ شعرن ۾ اها شئي ٿي ملي جا فلسفہ ۽ قوميت جي احساس کي ملائڻ سان پيدا ٿئي ٿي. بلبل جي طنزيہ شاعريءَ جو مقصد اخلاقي سڌارو آهي. پر ڪي شاعر محسوس نٿا ڪن جنهن شئي کي اخلاقي ڪمزوري پري ڪرڻ جو ذريعو ٿاهي سگهجي ٿو سا خود ابتزال بداخلاقي جو بد ترين نمونو بڻجي سگهي ٿي. بلبل طنزيہ شاعريءَ کي هڪ بلند ادبي شئي ٿاهي ڏيکاريو ۽ پنهنجي طنز کي اخلاقي، تمدني ۽ سياسي حدن کان وڌائي شخصي هجوُ تائين ڪين پهچايو. تنهنڪري هڪ عيب جهڙي شئي بہ هن وٽ اچي حسن بنجي ويئي. طنزيہ شاعري بلبل جي نظر جي وسعت سان حڪمت جو فانوس بنجي وئي. هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس ڄڻ ڪجهه چيو ئي ڪين اٿس. جتي هن جا شعر تير ۽ نشتر جو ڪم ڪن ٿا اُتي پڻ لفظن جو ميناج، گفتگو جي صفائي، اندازِ بيان، دل ۽ جگر تي پنهنجا نقش اُڪري ٿا ڇڏين.

بلبل سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جو انقلاب پيدا ڪيو جو سنڌي شاعريءَ کي اردو شاعريءَ جي هموزن ڪري ڏيکاريو. هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي زبان ۾ بہ اهڙي قدرت آهي جو ان کان اعليٰ ڪم وٺي سگهجي ٿو جهڙي طرح ٻين ملڪن ۾ ترقي يافتہ قومن پنهنجي زبان کان ڪم ورتو آهي. سرمايہ پرستن جي وچ ۾ رهندي ۽ زميندارانہ نظام کان واقف هوندي بہ هن سنڌ جي تمدن ۽ معاشرت، مختلف انسانن جي ڪيريڪٽر ۽ جمهور ۽ عوام جي خيالات ۽ جذبات جي صحيح ترجماني ڪئي آهي. بلبل جي شاعري رڳو هنجي جذبات جي آرسي نہ آهي بلڪ سڄي قوم جو داستان پڻ آهي.

بلبل مبالغي کي ناپسند ڪندو هو. حقيقتن ۽ واقعن جي بيان مان لطف پيدا ڪرڻ ۽ سڌين سچين ڳالهين کي رڳو حسنِ بيان سان دلفريب ناهڻ کي شاعري ۽ ڪلام سمجهندو هو.

بلبل جو تغزل، لفظن جي شان ۽ شوڪت، بندش جي حسن ۽ مضمون آفرينيءَ جي اعتبار کان 'سعدي' جي ڪلام سان گهڻو ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا ڪيترا اديب، شاعر ۽ مقرر بلبل کي سنڌ جو سعدي سڏين ٿا.

بلبل جو ڪلام جيڪڏهن مجموعي حيثيت سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو سادي ۽ عام فهم هئڻ ۾ بي مثل، رواني، سلاست ۽ زورِ بيان ۾ بي نظير ۽ اصليت جي لحاظ کان لاثاني آهي ان ۾ تصنع ۽ ساختگي نالي ماتر بہ ڪانهي. سنئيون سڌيون ڳالهيون آهن جي تير ۽ نشتر جو ڪم تيون ڪن ۽ دل ۾ کپيو وڃن ڄڻ تہ ان جو ڪلام اقبال جي هن شعر جي مصداق آهي.

صد نالۂ شبگيري، صد صبح بلا خيزي
صد آه شرر ريزي يک شعر دلاويري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. شاعريءَ وانگر بلبل سنڌ جي اخباري دنيا ۾ بہ هڪ نئين رنگ ۽ طرزِ تحرير جو بنياد وڌو. اخبارن ۾ هن جا مضمون شايع ٿيڻ کان پوءِ سيني محسوس ڪيو تہ واقعي سنڌي زبان ۾ بہ ظرافت کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. اهو بلبل ئي هو جنهن سنڌي زبان ۾ ظرافت جي شرابخاني جي بني جو بنياد وڌو جنهن اڳتي هلي قسمين قسمين جا شراب پيدا ڪيا جنهن کان مخلص ۽ نور محمد نظامائي جهڙا مخمور ٿيا.

بلبل جي نظر جي وسعت رڳو هلتي ختم نہ ٿي ٿئي بلڪ هن، ان کان پيو ڪم بہ ورتو. ان وقت جيڪي اڪابر قوم جا طرفدار ٿي بيٺا هئا تن کي وڌيڪ آماده ڪرڻ لاءِ تہ هو قوم جي ڪشاده دليءَ سان مدد ڪن بلبل انهن اڪابرن جي ڏاڍي حوصلہ افزائي ڪئي جو قصيدي جهڙي اوزار کان ڪم ورتو ۽ انهن جي ڪارنامن کي پنهنجي نظمن ۾ ساراهي، قوم کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اهي اڪابر اوهان جا سچا ليڊر، حقيقي نمائندا ۽ پورا پورا خير خواه آهن ۽ اوهان کي انهن جي ئي پنيان هلڻو آهي ۽ اهيئي حقيقي ناخدا آهن جي قوم جي ٻيڙي کي حوادث جي طوفان مان ڪڍي ڪناري تي پهچائي لنگر انداز ٿيندا.

بلبل جو هر هڪ قصيدو غور سان پڙهو تہ مٿيون نڪتو صاف معلوم ٿيندو. قصيدن لکڻ مان هن جو اهو مقصد هر گز نہ هو تہ ڪو معاش جو ذريعو پيدا ڪري جيئن هن جي ڪن همعصرن ڪيو. هو انهيءَ نموني جي ذليل ۽ خوشامدانہ شاعريءَ کان پاڪ هو.

اسان بلبل جي هر قسم جي ڪلام جو مختصر انتخاب پيش ڪيو آهي ۽ هن جي شاعرانہ خصوصيت ڏيکاري تنقيد ڪئي آهي جنهن مان اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ هن جي طرز ڪهڙي نہ وسيع آهي ۽ ڪيئن نہ هڪ وڏي مضمون کي پيش ڪرڻ ۾ اختصار کان ڪم وٺي ٿو يعني هميشہ درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪندو آيو آهي. سندس نظم جو گهڻو ڀاڱو ڪافي کان وڌيڪ اسان تنقيدي نظر هيٺ آڻي چڪا آهيون تنهن ڪري هاڻي ضرورت موجب نثر جو حصو بہ جاچڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بلبل نثر نويس جي حيثيت ۾

بلبل نه رڳو شاعر هو بلڪ هڪ قابل ۽ سنو نثر نويس پڻ. هن نثر نويسيءَ جو اهڙو دل پسند نمونو ايجاد ڪيو جو ملڪ ۾ عام مقبول ٿيو ۽ اڄوڪا سنڌ جا اديب اهائي طرز هلي رهيا آهن جا هن ايجاد ڪئي هئي.

بلبل مرحوم کان اڳ سنڌ جي نثر لکڻ جو پراڻو مقفيٰ نمونو هوندو هو جو اڳوڻن مصنفن ايجاد ڪيو هو جهڙوڪ ڪتاب 'گلِ خندان' آخوند لطف الله حيدرآباديءَ جو جوڙيل. اها سڌريل صورت سنڌ ۾ چڱي مقبول ٿي ۽ وڏا وڏا قابل انهيءَ رنگ ۾ لکڻ لڳا. جيئن مرحوم هدايت الله 'مشتاق' متعلوي جون تصنيفون شاهد آهن. نثر مقفيٰ جي اها سڌريل صورت جيتوڻيڪ نهايت دلچسپ ۽ بامذاق هئي پر اخبار نويسيءَ لاءِ ڪارائتي نه هئي ڇاڪاڻ ته اخبار لاءِ مضمون لکندڙ کي قافين جي تلاش ۾ عبارت کي موزون بنائڻ لاءِ دردِ سري ڪرڻي ٿي پيئي، جنهن لاءِ سنڌ ۾ بلبل ئي پهريون اديب آهي جنهن انهيءَ درد سريءَ کي دفع ڪيو ۽ موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. حقيقت ۾ مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ به هن طرز ۾ مرحوم بلبل جو ئي مقلد ٿو ڏسجي. البت شروع شروع ۾ مرحوم بلبل مقفيٰ عبارت ڏي لاڙو ڪيو آهي جهڙوڪ 'قلندري ميلي' جو ڪجھ ڀاڱو مقفيٰ آهي ۽ ٻيا ڪي ڪتاب پڻ پر اخباري دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ هن مقفيٰ عبارت جي درد سري محسوس ڪئي ۽ اها طرز پوءِ ڇڏي ڏني اٿس. ڪڏهن ڪڏهن اها طرز اخبارن ۾ به اختيار ڪئي اٿس مگر بلڪل مختصر جهڙوڪ نور محمد نظاماڻيءَ جي مضمون موڪلڻ تي لکيو اٿس.

'افسوس ته اسان ته اسان جي سيار جادو نگار' جو مضمونِ طرحدار دربار جي اختتام ڪار کان پوءِ پهتو جڏهن هو ترتيب وار ڪمپوز ۾ مرتب ٿي ويو تنهن ڪري لاچار ان کي ٻي دربار تاءِ انتظار ڪڍڻو پوندو. آئنده اسان جا نامه نگار معاون ۽ مددگار، صاحبِ دربار جو مضمون هر هڪ مهيني جي 15 تاءِ ضرور موڪلين.

بلبل، 'معاون سنڌ'، 'ڪراچي گزيٽ'، 'خير خواه'، 'الحق'، 'آفتاب سنڌ' ۽ 'مسافر' اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ هن، انشا پردازيءَ جي فن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو رنگ بلبل جي خاص ايجاد ۽ خاص حصو ۽ سندس خاص طبعزاد آهي ۽ متس تي ختم ٿي الا. ماشاءَ الله. بلبل جي ظرافت جا اهي خوشرنگ ادبي جواهر ريزا سندس دور جا يادگار آهن. هنجون بذله سنجيون ۽ اندازِ بيان جي بهار ۽ شگفتگي سندس ڪلام ۾ هر جڳهه نمايان آهن. اها ئي بلبل مرحوم جي نثر جي اُها امتيازي نوعيت آهي جا هن کي هميشه سندس همعصرن کان ممتاز رکندي

ادب اسان جي زندگيءَ جو آئينو آهي. جيڪي ڪي اسين ڏسون ٿا تنهنجي تصوير ادب ۾ لفظن جي ذريعي ڇڪيون ٿا جنهن کي حقيقت نگاري چئبو آهي. بلبل جي تصنيفن مان سنڌ جي تمدن ۽ معاشرت، عوام جا جذبات ۽ خيالات، مختلف پيشه جي ماڻهن جون صحيح ۽ زنده تصويرون ملنديون. نه رڳو مسلمانن جو ذڪر ڪيو اٿس بلڪ هندن جي معاشرت جي به مرقع نگاري ڪئي اٿس.

بلبل جو هر قسم جو نثر ملندو مثلاً مقفيٰ نمونو ۽ نثر عاري، ڪي به جدا جدا نمونن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جهڙوڪ ظرافتي، اصلاحي، پُر زور رنگين نمونو يا تبليغي اصلاحي سليس نمونو يا سياسي اصلاحي نوش با نيش زبردست نمونو يا علمي عارفانه بحث جو روشن نمونو.

هيٺ هلي بلبل مرحوم جي ڪن ٿورن مضمونن جو اقتباس پيش ٿا ڪريون تاڪِ گلستان مان بهار جي قياس ڪرڻ جو موقعو ناظرينن کي ملي.

سندس مقفيٰ نمونو ملاحظه ڪريو:- **ميلو لعل شهباز قلندر جو** جنهن ۾ هر هڪ تماشائيءَ جو اصلي فوٽو ڪڍيو اٿس. ان ۾ عبارت اڪثر مقفيٰ آندي اٿس تنهن هوندي به مضمون ڏاڍو مزيدار ۽ دلچسپ آهي. ڏسو شروعات ڪيئن ٿو ڪري

"هر سال فرخ فال، شعبان شهر، ميمنت بحر- سيوستان- رشڪ بستان ۾، عالم آشڪار، شهرهء آفاق ميلو حضرت مخدوم قلندر بادشاهه لعل شهباز، بلند پرواز، عليه الرحمه جو مقرر ميعاد، فرحت سواد، 18 تاريخ کان مثلث نوبتن جي بدولت نهايت هجوم، غايت ڌوم سان وقوع ۾ اچي ٿو جتي بيشمار، هزار اشخاص، عام ۽ خاص، هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري رهيو آهي ته زبان بلبل جي آهي. بلبل جي ظريف، چلولي ۽ شوخ طبيعت پنهنجي تعارف ڪرائڻ جي نموني ۾ به جدت کان ڪم ورتو آهي. ديباچي جي مضمون مان مرحوم بلبل جي قلمي جهاد جو اصل مقصد ظاهر ٿيو پوي. اهڙو چٽو اشارو سنڌس ئي زبان سان شايد ٻيو ڪٿي مشڪل سان ملي.

"سيٺي صاحبن کي روشن هجي ته اڄ ڪلهه اسان جي ڏيهه جي تعليم جي موجوده حالت آزادي واري وڏي واکي پڪاري ٿي ته اوهان پراڻي روش جي تعليم کان پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي فائدو ۽ سڌارو پهچائي ڪين سگهندؤ جيستائين گورنمينٽ ۽ پبلڪ جي سامهون پنهنجي آزاد ۽ بي ريا خيالن کي لٽريچر جي ڪنهن اهڙي دل موهيندڙ پردي ۾ پيش نه ڪندا جنهن تي طرفين جون اکيون شوق ۽ ذوق سان پون ۽ سچ پچ زمانو به ضرور اهڙي خواهش جي نظر سان ڏسي رهيو آهي ته ڪا شئي اثر واري جادو جهڙي ملڪ ۽ قوم جي سڌاري لاءِ ڪنهن به ناول جي لباس يا ناٽڪ جي پردي يا ظرافت جي نڪتن سان اهڙي طرح چمڪي ۽ روشنيءَ سان سامهون اچي جو هن چوڏهين صدي جا تعليم يافته، نوعمر جنٽلمين، آزاد طبع ان تي نه رڳو مفتون ٿين پر اهڙي سهائيندڙ روشنيءَ جي اثر کان سندن دل ۽ دماغ پوليٽيڪل ۽ سوشل ميدان ۾ سج وانگر چمڪي. تنهن ڪري هن وقت مون کي اهڙي نموني جو تازو ۽ ڪليل باغ جو سپ ڪنهن ڪرماٽي دل ۽ ڪمزور دماغ کي تر ڪري ۽ جنهن جي خوشبوءِ طبيعتن کي خوش ڪري، منهنجي ڳولا ڦولا ڪرڻ وارين اکين جي اڳيان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو به پنهنجي پياري دوست.... شمس الدين صاحب متخلص به بلبل ايڊيٽر معاون جي مضمون نظم ۽ نثر ڪانسواءِ نه ٿو اچي. اگرچ هن کان اڳي سنڌس ايڊيٽريءَ جي ڏينهن ۾ سنڌس نتيجه خيز اثر آميز مضمونن بلند خيالن تهذيب آموز ظرافتن جا چٽڪا اخبار معاون ۾ ڪي سال شايع ٿي پيا آهن."

ڪتاب تيرهن چار مڪرن جا مار ۾ پيرن، فقيرن، سرڪاري عملدارن جهڙوڪ پوليس ۽ گشتي آفيسرن مان پبلڪ کي جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي يڪدم ٽپو ڏئي ستي وانگر ڏاگهہ ۾ گهڙي پيا، تہ بس واہ واہ ٿي وئي، ڪي وڏا مغز ڪونجڻ لڳا ڪن ڪي مجلسن جون پريزيڊنٽيون ڏئي سندن گڻ ڳائي شريعت جا خطاب ڏيڻ لڳا. اهڙي طرح سندن مٿو صاف ڪري اُٿيا. هاڻي ساري قوم جي ستيا ناس ڪرڻ لاءِ ڪاٺ ڪهاڙيون کڻي پيا آهن ۽ وڏا مغز بہ جي رڳو هاٿين ۽ شينهن جا هوا سي بہ اليڪٽرڪ جي ڇهڪ اڳيان ڪنڌ نوايو بيٺا آهن."

بلبل جي نثر جو چوٿون نمونو علم عرفان بابت هو.

**معيار الاديان:** هي اهڙو خاص ۽ نفيس مضمون لکانئو جو جيڪڏهن ناظرين هن کي دلچسپي ۽ غور سان ڏسندا تہ انهن تي اسلام جي صداقت نقل ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ اڳي عقل ۽ روز مره جي تجربي ۽ قانون طب مان معلوم ٿي ويندو جنهن تي ڪو بہ مخالف اسلام جو اعتراض يا چُون چرا ڪري نہ سگهندو. سچو دين يا اسلام اهو آهي جو قانون فطرت موجب هجي نہ اٽڪل سٽڪل جو. دنيا ۾ بہ علم ضروري آهن. هڪ علم الاديان (مذهبن جو علم) ٻيو علم الابدان (جسم جو علم) جڏهن تہ هي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن ۽ علم الابدان لاءِ عملي تجربا بہ ٿيل آهن تڏهن اسين اسلامي صداقت علم الابدان سان ڪرڻ گهرون ٿا. دين اسلام اهڙو سچو عقلي ۽ بديهي ثبوت سان ثابت ٿيل آهي جو جيڪڏهن ان لاءِ ڪو رسول يا ڪتاب نہ بہ اچي ها تہ عقل ۽ حڪمت وارو ان جي سچائي ۾ ذرو بہ شڪ نہ آڻي ها. انهيءَ ڪري اڳوڻا حڪيم غير مذهب جا بہ موحد هوا فقط رسالت جا قائل نہ هوا. رسالت ۾ جيڪا رمز ۽ ضرورت رکيل آهي سا هيٺ اوهان کي معلوم ٿيندي. رسالت جي نہ مڃڻ ڪري انهن حڪيمن ۾ نقص رهجي ويو جو تہ انسان جو عقل محدود آهي. جيستاءِ ان کي غيبي امداد حاصل نہ ٿيندي تيستاءِ هو حقيقت الاشيا (شين جي پوري حقيقت) معلوم نہ ڪري سگهندو.

دين اسلام جا ٻہ حصا آهن. هڪ باطنِ جو اعتقاد سان تعلق رکندڙ آهي ۽ ٻيو ظاهري جو وري معاملات ۽ عبادات سان تعلق رکي ٿو. دين جو بنياد پهرين حصي تي رکيل آهي، تڏهن اسين اول حصہ بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب آهي ۽ هن جي ظرافت جو رنگ ڪهڙو آهي؟ هن جي تحريرن مان ملڪ کي ڪو فائدو پهتو يا نه؟ سنڌي ادب ۾ ڪهڙو انقلاب آيو؟ ان تي اسان پورو بحث ڪري چڪا آهيون.

جيڪي به اخبارون بلبل ڪڍيون هيون سي هنجي ادبيت، ظرافت ۽ ذهانت جون هڪ مڪمل مرقع ۽ جيئرو جاڳندو مظاهرو هيون- هن جي اخبارن جو معيار صحافت ۽ ظرافت جن به اخبارون پڙهيون هونديون تن کي اجا تاءِ ڪين وسرنديون.

هن جي خاص انداز جي لطيف مڪتوب نگاري جا هن پنهنجي ڪتاب بهارِ عشق ۾ ڏيکاري آهي سا اجا سوڌو هڪ مرقع ادب آهي. ڪتاب قلندري ميلو تيرهن چار مڪرن جا مار ۽ آئينہ تجارت هن جي ظرافت جو بهترين نمونو آهن.

بلبل هڪ شاعر نغز گفتار ئي نہ هو بلڪ هڪ اعليٰ درجي جو نثر نگار، خطيب، سحرڪار رند و ضعدار، مسلم ديندار ۽ پڪو وطن جو پرستار پڻ.

هزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پے روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو

(صاحبِ مضمون جو نوٽ)

جناب ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب، حضرت بلبل جي سوانح "بلبلِ سنڌ" ۾ شڪايت ڪرڻ فرمائي آهي. "ٻڌم حڪايت بلبل ته درميان مان ٻڌم- نه ابتدا جي خبر نه انتها معلوم."

ڊاڪٽر صاحب جي هن شڪايت جو ازالو ڪرڻ خاطر ۽ سندس تصنيف بلبلِ سنڌ کي جامع يا بهتر ڪرڻ جي ارادي سان آءٌ پنهنجو هڪ مقالو "شمس العلماء، ملڪ الشعراءِ سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل الله جو هڪ صالح ٻانهو" هن تصنيف ۾ ضميمه طور شامل ڪريان ٿو. انهيءَ اُميد سان ته قارئين ڪرام ان کي پسند ڪرڻ فرمائيندا!

شمس ابن ضيا ابن بلبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس العلماء ملڪ الشعراءِ سنڌ

# رئيس شمس الدين بلبل

## الله جو هڪ صالح ٻانهو

بني نوع انسان جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ خداوند ڪريم، پنهنجا صالح ٻانها هن ڌرتيءَ تي هميشہ پئي موڪليا آهن. جن انسانذات جي رهبري ۽ رهنمائي، سندن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پئي ڪئي آهي. اهڙن صالح ٻانهن کي الله تعاليٰ خوبيون ۽ خاصيتون بہ خاص پئي عنايت ڪيون آهن. جن جي طفيل ڪين فرائض جي تڪميل ۾ گهڻي آساني رهي آهي. حضرت رئيس شمس الدين بلبل بہ الله تعاليٰ جي موڪليل اهڙن صالح ٻانهن مان هڪ هو جنهن جي قابليت قدرت جي ڪرم نوازي هئي. الله تبارڪ وتعاليٰ هن قسم جون عنايتون پنهنجن خاص ٻانهن کي عطا ڪرڻ فرمائيندو آهي.

انسان جي ترقي، انسان جي ذريعي ئي ٿي آهي. اها ترقي چاهي علمي هجي يا اخلاقي، مذهبي هجي يا معاشرتي، روحاني هجي يا جسماني ۽ تخليقي هجي توڙي تخيلي. مگر قدرت جو پسنديده طريقو اهوئي رهيو آهي يعني انسان جي ترقي انسان جي ذريعي ۽ هن ئي طريقي ۾ انسان جي عظمت جو راز رکيل آهي.

مثال طور الله تبارڪ و تعاليٰ ڪنهن قاريءَ کي خوش الحاني جي خوبي ڪئي تہ وري ڪنهن مقرر کي جادو بياني ۽ سحر طرازيءَ جي سمڪ ڏني، ڪنهن شاعر کي سخن ۾ سرهاڻ سموهڻ، نفاست ۽ نزاڪت ۽ سلاست سمائڻ جي سگهہ ۽ سمجهہ عنايت ڪئي تہ وري ڪنهن فلسفيءَ کي تخيل جي طاقت ڏني، ڪنهن اديب کي قلم جي ڪلاڪاريءَ جي قوت ڏيڻ جو ڪرم ڪيو تہ وري ڪنهن سياستدان کي ڦنجهيل ڳٽ کي سلجهائڻ جي سوچ ۽ سرت القا ڪري، ان بعد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ معامله فهم ۽ دورانديش مدبر ۽ مسلم قوم جو سچو ساٿي، هڏڏوکي ۽ هڪ کرو انسان هو. هو دوستن جو دوست ۽ دشمنن لاءِ تلوار بي نيام مثل هو. سندس ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙا هئا. منهن جي مشابهت ۽ موقع جي مناسبت مطابق مصلحت کان ڪم وٺڻ ڪين ايندو ئي نه هو. سچ ته بينو نچ واري اصول تي ڪاربند ۽ قائم رهيو. جهڙي سندن شخصيت پُرڪشش ۽ پُروقار هئي تهڙي سندن سيرت قابلِ رشڪ و افتخار هئي. سندن گفتار ۾ اهڙو ته رس رچيل ۽ ميناج مچيل هو جو سندن دوست احباب سندن ديدار ۽ ملاقات لاءِ ماندا ۽ مشتاق نظر ايندا هئا. سندن جرئت ۽ قوت ايماني به بي مثال هئي. ڪنهن وڏي ۾ وڏي شخصيت کان به مرعوب نه ٿيا بلڪ سوين قدآور شخصيتون سندس روب تاب قابليت ۽ بي داغ ڪردار سبب سندس مداح هيون. صاحبِ ديوان به هئا ته اٽڪل پنجاهه کن ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جا مصنف به. اٽڪل هڪ ڊزن اخبارن ۽ رسالن جا مدير پڻ هئا. تعليمي ماهر به هئا ته عالمِ دين به هئا. دل جا سخي، سخن جا سچا ۽ دسترخوان جا ڪشادا هئا. ميهڙ شهر ۾ جو به پرديسي ايندو هوان لاءِ هر وقت کاڌي پيتي جو انتظام سندس اوطاق ۽ سندس مسجد شريف ۾ موجود رهندو هو. ڪوبه بکايل شخص سندس در تان بنا ماني کائڻ جي نه ويندو هو ۽ ڪوبه سائل هتان خالي نه موٽي ويندو هو. الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان سندس دل، دسترخوان ۽ هٿ ڪشادا رکيا. مجلس جا مُور به اهڙا جو جنهن به مجلس ۾ موجود هجن ته ان مجلس جو نقشو ئي نرالو ٿي وڃي ۽ پوري مجلس ۾ ممتاز ۽ نمايان نظر اچن. جڏهن تقرير ڪن ته وڏا وڏا عالم ۽ اسڪالر عالمِ سحر ۾ محو ٿي بُت بڻجي حيرت سان تڪيندا رهندا هئا. ان وقت جا والي ۽ وزير، نواب ۽ امير، عالمِ دين ۽ اهل الله ۽ اهلِ دل فقير بلبل جا مداح ۽ ساڻس محبت ڪندڙ هئا. ويندي سندس مرشد تائين اها خبر نه پوندي هئي ته مرشد ڪير ۽ مُريد ڪير آهي. الله تعاليٰ کيس بي شمار خُوبين سان نوازي خدمت خلق لاءِ موڪليو هو.

حضرت بلبل جي همه پهلو شخصيت تي سنڌ، پنجاب ۽ هندوستان جي اهلِ قلم حضرات جهڙوڪ پير علي محمد راشدي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد علي اڪبر شاھ، ڊاڪٽر عزيز الرحمان پگهيو، ڊڪٽر شمس الدين عرسائي، مولانا گرامي صاحب، ڊاڪٽر وفا راشدي ۽ ٻيا سوين نامور اهلِ قلم سنڌ مان مولانا محمود الحسن نيازي، ميانوالي پنجاب مان ۽ ديوان ليلارام ڏيوتداس احمد آباد انڊيا مان بلڪل مرحوم تي تمام گهڻو لکيو آهي مگر اڃا گهڻو ڪجهه لکڻ جي گنجائش ۽ ضرورت آهي. سنڌ جو ڪو سچڻ سپوت اهي وچايل وٿون ڳولي هٿ ڪري جيڪي زماني جي گردش سبب گم ٿي ويون آهن جن جي هٿ اچڻ سان حضرت بلبل کي سندس اصل شڪل و صورت ۾ پيش ڪري سگهبو. اهڙو ڪافي مواد سنڌ ۽ سنڌ جي سپوتن متعلق دهلي، بمبئي، حيدرآباد دکن ۽ لنڊن جي انڊيا لائبريري ۾ ضرور موجود ۽ محفوظ هوندو. هينئر ته انٽرنيٽ جي به سهولت ميسر آهي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي، سنڌيالاجي ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽي اهڙيون ڪارنرس قائم ڪري سنڌ متعلق سمورو مواد پاڻ وٽ محفوظ ڪري وٺن.

حضرت بلبل جي زماني ۾ جيڪي به چوٽيءَ جا قومي رهبر ۽ رهنما موجود هئا، انهن ۾ بلبل جي شخصيت نهايت نمايان، منفرد ۽ ممتاز حيثيت واري هئي. ان وقت جا اهي ئي رهبر ۽ رهنما، پاڪستان قائم ٿيڻ بعد نهايت اهم ۽ ڪليدي عهدن تي قائم ٿيا. جيڪڏهن حضرت بلبل پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد به زنده هجن ها ته سندن مان ۽ مرتبو انهن عمائدين کان گهٽ نه هجي ها ڇو ته بلبل انهن سيني سياسي رهبرن جو دل گهريو دوست هو ۽ اهي سڀ سندس مداح هئا. مگر الله تبارڪ و تعاليٰ کي جيڪو ڪم حضرت بلبل کان وٺڻو هو اهو وٺي، ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. اهڙن صالح ٻانهن کي اُجورو الله تعاليٰ پاڻ ڏيندو آهي. اهڙا صالح ٻندا ڪنهن انسان جي مهربانين جا محتاج نه هوندا آهن ۽ نه وري دنيوي فائدن جا ضرورتمند ۽ طلبگار ٿيندا آهن. جنت سندن جوءِ فائق هليا فردوس ڏي

حضرت بلبل، سرسيد احمد خان جي تعليمي ۽ اصلاحي حڪمت عملي ۽ نظريئي جا بي انتها قائل ۽ حامي هئا. سرسيد احمد خان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دين سان سندن تعلقات نهايت گهرا ۽ پنهنجائپ جهڙا هئا. مخدوم حضرت بصر الدين صديقي ۽ مخدوم ميان احمدي، جناب مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ علامہ آءِ. آءِ قاضي جا نالا قابل ذڪر آهن. مولانا صغير سيوهاڻي ۽ علامہ آءِ. آءِ قاضي صاحب، حضرت بلبل کان عمر ۾ ڪافي ننڍا هئا. محترم حڪيم محمد مراد صديقي صاحب ۽ حڪيم نور محمد فقير مغل صاحب بابا سائين جا مخلص دوست هئا. راقم التحرير سان بہ سندن تمام سٺا تعلقات هئا. راقم التحرير سال کن سيوهڻ شريف ۾ سيڪريٽري تحصيل ڪائونسل سيوهڻ جي حيثيت ۾ رهيو. حڪيم محمد مراد صديقي صاحب ۽ سيد صادق علي شاهہ سبزواري پاڻ ۾ ڪاوڙيل هئا. سندن پرچاءُ راقم التحرير ڪرايو هو. خانداني تعلقات جي مدِنظر سڀ ڪيس عزت واري نگاهہ سان ڏسندا هئا.

حضرت بلبل جي پهرئين شادي سندس مرضيءَ جي خلاف سن 1872ع ڌاري سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي پسند موجب ڳوٺ ڪنڌيور (لڳ راڌڻ اسٽيشن) هڪ غريب ۽ شريف سنڌي پناڻ گهراڻي سان ٿي. حضرت بلبل کي هن اهليہ مان ٽي نياڻيون ۽ هڪ فرزند تولد ٿيا. وڏي صاحبزاديءَ کان سواءِ باقي سڀ ٻار ننڍي ڄمار ۾ فوت ٿي ويا. سندس وڏي نياڻي بيگم خاتون جي وفات تاريخ 25 جنوري 1966ع تي بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. ڪيس گهر ۾ جيجي ڪوٺيو ويندو هو بلڪ ميهڙ جي پوري شهر ۾ ڪيس جيجي رئيسياڻيءَ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو. ڀائپي برادريءَ ۾ شادي غميءَ جي موقعن تي اُٿڻي ويهڻي جو بار مٿس هو. گهر جي وڏي ليکي ويندي هئي ۽ سڄو ميهڙ جو شهر سندس عزت ڪندو هو.

حضرت بلبل جي ٻي شادي سندس پسند موجب ۽ ڀائرن جي مرضيءَ جي خلاف سن 1876ع ۾ محترمه گل خاتون عرف گل سان ٿي. دراصل هن گل جي محبت شمس الدين کي شمس سڏائڻ بدران بلبل سڏائڻ تي مجبور ۽ آماده ڪيو هو ورنہ شمس الدين مان شمس چوائڻ وڌيڪ مناسب ۽ موزون هو. شمس بدران بلبل سڏائڻ واري راز ۾ گُل جو اهم ڪردار هو. بلبل گُل جي محبت ۾ ٻيوس ٿي گُل سان سندس ماٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مدد ۽ مرضيءَ سان عقد ڪري ڇڏيو. جڏهن هن ڳالهه جي خبر بلبل جي وڏن ياٽرن کي پئي ته هو مٿس بيحد ناراض ٿيا ۽ گهر جو ماحول ڪافي ڪشيده ٿي ويو. اهڙي صورتحال ڏسي بلبل سنڌ کي خير آباد چئي انهيءَ سال ئي پنهنجي اهليہ گُل سميت وڃي لاهور پهتو. اتي سال کن رهي دهليءَ هليو ويو. جتي پڻ هڪ سال کن رهي حيدرآباد دکن وڃي مستقل رهائش اختيار ڪيائون. ان وقت حيدرآباد دکن علم و ادب جي لحاظ کان گهڻو مشهور هو. خاص طور تي مسلمانن ۾ جديد علوم و فنون کي عام ڪرڻ لاءِ ۽ مسلمانن جي معاشي، سماجي ۽ سياسي ترقيءَ ۾ جناب نظام دکن ذاتي طرح دلچسپي وٺندڙ فرمانروا هو ۽ پاڻ بہ اهلِ علم هو ۽ اهلِ علم شخصيتن جو قدردان هو. هيءَ مسلم رياست جنهن جي آدمشماريءَ جو وڏو حصو غير مسلم قومن تي مشتمل هو مسلمانن جي فلاح و بهبود جو هڪ اهم ۽ مشهور مرڪز هو.

هن سموري عرصي دوران بلبل صحافت کي پيشي طور اختيار ڪيو. پنجہءِ فولاد لاهور، انتخاب لاهور، پيشہ لاهور ۽ زميندار لاهور جي نوڪري سان بلبل پنهنجي صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ انهن اخبارن ۾ سندس مضامين ۽ ڪالم شايع ٿيندا هئا. انهن اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن سان بلبل جي چاڻ سڃاڻ گهري دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي جڏهن سيني کي بلبل جي صحافيانہ قابليت ۽ علمي چاڻ متاثر ڪيو. هن خطي جي بيشمار شاعرن، اديبن ۽ صحافين سان حضرت بلبل جا دوستانہ رشتا زندگي ڀر قائم رهيا. پنجہءِ فولاد لاهور جي ايڊيٽر تہ بلبل جي مڪمل سوانح بمع تصاوير پنهنجي مذڪوره اخبار مورخہ 7 مئي 1906ع ۾ شايع ڪئي هئي. ان لکت کان متاثر ٿي مسٽر گنپتراءِ مئنجير البرٽ پرنٽنگ پريس سکر، بلبل جي سوانح انگريزي زبان ۾ لکي شايع ڪرائي هئي، جنهن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو حضرت بلبل خود بہ ڪيو هو. هن ترجمي جا چند ورق بلبل مرحوم جي هٿ جا لکيل، جيڪي اڌوهيءَ اوير طور بچايا آهن. انهن مان پتو پوي ٿو تہ حضرت بلبل جي مڪمل سوانح ٽن زبانن اردو انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ شايع ٿيل هئي، مگر زماني جي گردش سبب گهڻيون شيون ضايع ٿي ويون آهن. حضرت بلبل جي هٿ جا لکيل چند ورق، جيڪي تمام سهڻي صورتخطي ۽ مختلف رنگن سان مزين آهن. مگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي اوهان برصغير جي چوٽيءَ جي مسلم رهبرن ۽ رهنمائن جو موازنو بمع قائداعظم محمدعلي جناح جي، بلبل سان ڪيو ۽ منصفاڻو فيصلو به پاڻ ڪريو. بلبل جو فهم فراست، علمي ڄاڻ، اندازِ تحرير و تقرير ۽ سياسي بصيرت ۽ صحيح فيصلي جي قوت جو جائزو وٺو. بلبل جو پڪو موقف هو تہ هندن سان سياسي الحاق ڪرڻ ۽ انهن کي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ پاڻ سان شامل ڪرڻ هڪ فاش سياسي غلطي ٿيندي اسين انگريزن جي غلاميءَ مان نڪري هندو اڪثريت جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي وينداسون. "جامِ جم" مطبوع 1918ع غور سان پڙهي ڏسو جنهن ۾ سمورا انگ اکر ڏنا ويا آهن ۽ بلبل مسلمانن لاءِ هڪ الڳ رياست جي لکت ۾ گهر ڪئي آهي. قائداعظم محمدعلي جناح مسلم رياست جو مخالف هو ۽ اهڙو ريزوليوشن آل انڊيا ڪانگريس جي پليٽ فارم تان پاس ڪرائي چڪو آهي. هوم رول ۽ اينِي بيسنٽ جي ٿياسافيڪل تحريڪ جو حامي ۽ ان تحريڪ جو عهديدار هيو. بلبل مرحوم تہ هوم رول ۽ اينِي بيسنٽ جي مٽي پليد ڪري پنهنجي سياسي برتري جو سِڪو ڄمائي ڏيکاريو آهي. ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو صاحب جي پي. ايڇ. ڊي لاءِ لکيل ٿيسز "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" پڙهي ڏسو. قائداعظم محمدعلي جناح پنهنجو نظريو مٿائي مسلم رياست جي ڳالهہ سن 1940ع ۾ ڪئي آهي.

علامہ سر محمد اقبال کي نظريہ پاڪستان جو پنجابي مؤرخن زبردستي خالق بڻائي ڇڏيو آهي. سر علامہ اقبال تہ لکت ۾ دانهون ڪري ويو آهي تہ هو هن نظرئي جو مخالف آهي. مسٽر ٿامسن اها خبر اخبار ۾ هلائي هئي جنهن تي سر محمد اقبال برهميءَ جو اظهار ڪرڻ فرمايو آهي ۽ چيو اٿس تہ هو مسلم رياست قائم ٿيڻ جي برخلاف آهي ۽ هو هڪ قسم جي ڪنفيڊريشن جي حق ۾ آهي. هن ڏس ۾ ڏسو ڪتاب محترم جمال ابڙو صاحب جو "ڪتا- ڏوهہ ڏسي اکين سين" صفحو 51.

علامہ سر محمد اقبال جو خط ڊاڪٽر ڏر محمد پٺاڻ جي ويب سائيٽ 'گلِ حيات' تي رکيل آهي. اهو خط علامہ سر محمد اقبال مسٽر ٿامسن جيڪو ان وقت جو هڪ مشهور و معروف صحافي هو ان کي سال 1934ع ۾ لکيو اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي حضرت بلبل جي پيٽ برصغير جي چوٽيءَ جي مسلم رهبر ۽ رهنما، عليگڙهه تحريڪ جي سرواڻ ۽ برصغير ۾ مسلم قوم کي وري زنده ڪرڻ لاءِ هڪ اهم فيصلي ڪندڙ قائد سرسيد احمد خان سان ڪري ڏسو. سرسيد احمد خان جو فيصلو هو ته مسلمان جيستائين انگريزي علم حاصل ڪري انگريزن جي حڪومت جو حصو نه بڻبا تيستائين هو نه ترقي ڪري سگهندا ۽ نه وري آزادي حاصل ڪري سگهندا. پنهنجي هن تحريڪ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن عليگڙهه ۾ اينگلو اوريئنٽل ڪاليج قائم ڪيو ۽ مسلمانن ۾ جديد علم جي روشني ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي. برصغير جا ملان ۽ مولوي سندس خلاف تي هڪ وڏو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو جنهن کي برصغير جي روشن خيال سوين عالمن، خطيبن ۽ مفتيين وڏي جاکوڙ بعد ختم ڪيو.

سنڌيءَ ۾ به ساڳي صورتحال خان بهادر حسن علي خان آفندي لاءِ به پيدا ٿي جنهن کي اڪيلي بلبل ڪاميابيءَ سان بند ڪيو.

سرسيد احمد خان اينگلو اوريئنٽيل ڪاليج قائم ڪيو ته بلبل به ميهڙ شهر ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد سن 1906ع ۾ رکيو.

سرسيد احمد خان مسلمانن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ سماجي، سياسي ۽ علمي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ تنظيم انجمن ترقي مسلمانان هند جي نالي سان قائم ڪري ان وسيلي مسلمانن جي فائدي جا ڪم ڪيا.

حضرت بلبل به سرسيد احمد خان جي پاليسيءَ جي حمايت ڪندي ۽ سندس نقشِ قدم تي هلندي سن 1904ع ۾ هڪ تنظيم اتفاق اسلام جي نالي سان ٺاهي، ان جي ذريعي مسلمانن جي فائدي جا بي شمار ڪم ڪيا.

ڏسو اخبار 'سچ جو آواز' ميهڙ (سينيئر ايڊيٽر شمس ابن ضياء ابن بلبل تاريخ 4 اپريل 2015ع، محسن قوم رئيس شمس الدين بلبل، قسط نمبر 10)

سرسيد احمد خان ته صرف پنهنجي درسگاهه جي سنڀال ۾ مصروف رهيو مگر حضرت بلبل پنهنجي درسگاهه مدرسة الاسلام ميهڙ کان علاوه مدرسة الاسلام ڪراچي، مدرسة الاسلام لاڙڪاڻو مير غلام محمد خان جو مدرسو ٽنڊو باگو، سيد غلام نبي شاهه صاحب جو پنوڙي وارو مدرسو ۽ خان بهادر سيد الهندي شاهه صاحب جي ڏيرئي واري مدرسي لاءِ به جاکوڙ ڪندو رهيو ۽ مسلمانن کي آماده ڪندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رئيس شمس الدين بُلبل، احبابن ۽ معززين سان



ادبي نشست جي ياد، غلام علي الانا صاحب خطاب ڪري رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪ مشاعري جي ياد



رئيس شمس الدين بُلبل ۽ رئيس ضياءُ الدين بُلبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ریاست خیرپور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نمائندين شهر سان



هڪ خوشگوار ياد



يادگار گروپ فوٽو



هڪ يادگار اٿاٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شمس ابن ضياء ابن ٻلبل



ضياء الدين ٻلبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حڪيم فتح محمد سيوهاڻي



وڏيرو ڏنل خان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(کاٻي کان) حاجي محمود خادم، شيخ محمد ابراهيم خليل ۽ ضياءالدين بُلبل



هڪ ٻي ياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دادو بار ائسوسيئيشن



فود منسٽري 35_1934ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رياست خيرپور جي هڪ ياد



رياست خيرپور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان يادگار گهڙيون



ڀٽو صاحب سان ڪجهه ٻيون يادگيريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ڪراچيءَ ۾ ورتل هڪ تصوير
جولاءِ 1917ع



ضياءُ الدين ٻلبل
پنهنجي آخري استاد
سيد ظفرالحسن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



روٽري ڪلب حيدرآباد ۾ 'ڦليچ ڏي'



رئيس ٻلبل جي سامان بابت ويچار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻلبل بنگلو




هڪ يادگار عيد ڪارڊ



ضياءُ الدين بُلبل



غلام قادر سهتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبلِ سنڌ جي ٻيئن ايڊيشن.

بلبلِ سنڌ جي ٻيئن ايڊيشن جي هن موقعي تي [illegible] عرض ڪجي ٿي. [illegible] بلبلِ سنڌ [illegible] شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب جي [illegible] ڪتاب [illegible] ڪتاب [illegible] آهي. [illegible] ڪتاب جي [illegible] شيخ صاحب جي [illegible] بلبل متعلق [illegible] انگريزي بلبلِ سنڌ جو [illegible] ايڊيشن شايع [illegible] آهي. [illegible] بلبل جي سوانح متعلق [illegible] شايع [illegible] تعليم [illegible] بلبل [illegible] بلبل [illegible] بلبل [illegible] ڪتاب [illegible] بلبلِ سنڌ جي [illegible] بلبلِ سنڌ جي [illegible] بلبلِ سنڌ [illegible] خيال [illegible] شايع [illegible] آهي.

[illegible] بلبل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book